
قومي خودمختياري ۽
پليجو



صوفي حضور بخش

پنيور
اشاعت گھر، حيدرآباد

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قومي خودمختياريءَ پليجو

صوفي حضور بخش

پنيور اشاعت گھر
حيدرآباد

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

(حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ)

ڪتاب جو نالو:	قومي خودمختياري ۽ پليجو
ليکڪ:	صوفي حضور بخش
ڇاپو پهريون:	جنوري 1987ع
ڇاپو ٻيو:	جون 1987ع
ڇاپو ٽيون:	جنوري 2017ع
تعداد:	هڪ هزار
ڇپائيندڙ:	پنهور اشاعت گهر حيدرآباد

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

هي ڪتاب سنڌ جي انهي عظيم ۽ بهادر فرزند محترم ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نالي منسوب ڪريان ٿو جنهن پاڪستان ٺهڻ سان سنڌ جي غلاميءَ جي نئين انداز کي گهٽن سنڌي اڳواڻن کان اڳ پرکي ورتو ۽ ان خلاف جدوجهد ڪندو رهيو. سندس نقطہ نظر اهو هو تہ سنڌ جي هارين ۽ پورهيتن کي قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ پرپور حصو وٺڻ گهرجي.

خاص طور تي جڏهين ون يونٽ ناهي، سنڌ جي جداگانہ حيثيت کي ختم ڪيو ويو تہ سنڌ جي هن سرفروش فرزند انهيءَ خلاف زبردست جدوجهد ڪئي ۽ ون يونٽ جي زماني ۾ ٿيل سنڌ تي ظلمن خلاف INJUSTICES TO SINDH (سنڌ سان ناانصافيون) جي نالي سان پمفليٽ لکيا، جن ۾ هڪ جو تہ عنوان ئي هي هيو:

"TO BE OR NOT TO BE THAT IS THE QUESTION BEFORE US, SINDHIS TODAY"

"وجود جي بقا لاءِ جنگ ڪريون يا هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃون. اهو سوال اڄ اسان سنڌين اڳيان آهي."

مهاڳ

اڄ سنڌ جي صورتحال پٽائيءَ جي سهٽيءَ لاءِ بيان ڪيل هن ست واري نظر اڇي ٽي. "مڙيا مڇ هزار پاڳا ٽيندي سهٽي"، اهڙي منجهيل ماحول ۾ چوٽڪاري (قومي خودمختياري، خود اختياري/ آزادي) لاءِ وسيع تر قومي اتحاد جي اشد ضرورت آهي. هڪ اهڙو اتحاد جيڪو حقيقي معني ۾ قوم جو اتحاد نظر ايندو هجي، جيڪو هر قسم جي فرقي بندي ۽ طبقاتي فرق واري ڳالهه کان پاڪ هجي. پلي اهو ڪِن گهٽ کان گهٽ نقطن تي ڇو نه هجي. اها اڃوڪي سنڌ جي وڏي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته غور ڪري ڏسڻ سان معلوم ٽيندو ته ماضيءَ ۾ حاصل ٽيل چند ڪاميابيون اهڙي ئي نوعيت وارن اتحادن جي مرهون منت نظر ايندیون. جڏهن به بغير ڪنهن نسلي، مذهبي، طبقاتي فرق جي، قومي بنيادين تي گڏ ٽي جدوجهد ڪئي ويئي آهي، تڏهن ئي ڪاميابيون حاصل ٽيون آهن. پر افسوس سان چوٽو ٿو پوي ته اهڙو عمل به فردن جي انائن جو شڪار ٽيندو پئي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن به اهڙيون ڪوششون ٽيون آهن تڏهن، رقيب به ميدانِ عمل ۾ آيا آهن جن من پسند مفروضا جوڙيا. ڪن ٻين ڏرين کي راضي رکڻ ڪارڻ ڪيئي حرفت بازيون پئي ڪيون آهن.

ان معاملي ۾ ڪامريڊ پليجو سين کان اڳرو پئي رهيو آهي. نهايت ذهين ۽ قابل شخص پر ذاتي انا ۽ خودغرضيءَ واري مرض ۾ مبتلا هئڻ ڪري قومي مقصد خاطر گڏجڻ ۽ قومي پڌي ٽيڙ ڪڏهن به نه ڏني اٿس. سدائين ٻهندڙن اتحادن ۾ ڪنهن نه ڪنهن اشاري تي رولهڙا وجهندو پئي رهيو آهي. سندس اهو سلسلو سنڌ متحده محاذ کان وٺي سنڌ قومي اتحاد تائين ساڳي مقصد ڏانهن سفر ڪندي نظر ايندو. ۽ جملا به ٿوري ٽڪي ڦيرڦار سان ساڳيا. 'وڏيرڪي سياست' ۽ 'نقلي قوم پرست' وارا ورجائيندو پئي رهيو آهي. اهڙن (۽

ڪن حالتن ۾ انهن ئي ساڳن) ماٺهن سان پاڻ گڏجيو پيو هلندو. مختلف عهدا ماڻيو پيو ليڊريءَ جي لست ونندو ته سندس اهو ٽيو انقلابي ڪردار ۽ ڏاهپ وارو ڪم پر جيڪڏهن قومي مفادن خاطر ڪن پين هڪ ٻئي ڏانهن هٿ وڌايو ڪو اتحاد ڪيو ته اُهي ٽيا قومر دشمن رجعت پسند ٽولا جڏهن ته پاڻ هن عمر تائين به اصل تي وڏن سان سَنهڪُ ٽيڙ لاءِ هڪيو تڪيو حاضر ٽيو ٻيلو آهي جنهن جو مثال گذريل ڪيئرٽيڪر سرڪار ۾ عارضي وزير اعظم پاڪستان واري منسب بابت نالو تجويز ٽيڙ واري امڪان ڪانپوءِ سندس ڪيفيت مان لڳائي پيو سگهجي.

پليجي قومي سياست جون دعوائون ڪندي به. پنهنجي اهڙن خود غرضيءَ وارن عملن سان قومي خود مختياريءَ واري مقصد کي وقت به وقت ڪهڙا راتاها هنيا آهن. صوفي حضور بخش جو هي ڪتاب ان جو دستاويزي ثبوت آهي. هي ڪتاب جنوري 1987ع ۾ ان وقت شايع ٽيو هو جڏهن ايجان پليجي وارين ڪار گذارين کان ڪي ٿورا ماٺهو واقف ٽيا هئا. پرهاڻ جڏهن 30 سال گذري چڪا آهن، تڏهن سندس عمل ۽ ڪردار وڌيڪ نمايان ٿي اڳيان آيو آهي. خاص طور تي 1970ع کان پوءِ وارن مختلف واقعن ۽ ڪارگذارين جهڙوڪ: بنگلاديش تي چڙهائي، 1973ع وارو آئين، بلوچن جو قتل عام جهڙن سرڪاري ڏاڏايين جي اٽسڊي طرح پليجي پاران پٺ پرائي ڪرڻ، ولي خان جي چرغي ۾ اچي مخلتف جماعتن ۽ اتحادن ۾ شامل ٽيڻ، جيل ۾ وڃڻ بعد فوجي سرڪار سان اندورني ناهه ڪري ذاتي رعايتون مراعتون حاصل ڪرڻ ۽ پوءِ اڳتي هلي سموري تحريڪ کي پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪندو رهڻ وارا سندس داستان هاڻ آهسته آهسته ظاهر ٿيندا پيا وڃن. قاسم پٽر پهريون شخص هو جنهن سندس اهڙن اعمالن بابت اظهار جي ابتدا ڪئي هئي پر اها لکت صرف سندس چند ويجهن ساٿين تائين محدود رهي، عام ٿي ڪا نه سگهي. ان ڪانپوءِ صوفيءَ جو هي مواد ئي آهي جنهن ۾ ثبوتن سان متي ذڪر ڪيل معلومات پيش ڪئي ويئي آهي، پر جيئن ته صوفي سڏي طرح پليجي جي پارٽيءَ جو

ورکر کو نہ رهيو هو انکري هاڻ جڏهن قاسم ميرجت جيکو پليجي جي پارٽيءَ جو بنيادي ورکر هو اهو به اهڙا ئي احوال قلمبند کرڻ لڳو آهي تڏهن صوفي صاحب جي کيل هن محنت تي کيس جس ڏيڻ کانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. جنهن ايترو عرصو اڳ پليجي وارن پرکارن کان قوم کي ٿبوتن سان آگاهہ کيو هو.

مصيبت اها آهي تہ پاڻ هن سماج جا لوئرمڊل ڪلاس فرد آهيون اسان کي جيڪي روز مرهہ جون محروميون ملن ٿيون ۽ انهن کي قومي احساس محرومي واري نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون تا. تڏهن ان مان چوٽڪاري حاصل کرڻ واري خواهش/ ڪوشش ڪن نہ ڪن شاطر قسم وارن فردن جي ور چاڙهيو ڇڏي. ان ڪري مون سوڌو ڪيترائي اهڙا ڪارڪن ملندا جن انڌي اعتماد جي نالي ۾ دوکا ڪاڏا آهن. قاسم ميرجت سڄي جوانيءَ ڏيڻ کان پوءِ هاڻ ٿو لکي تہ: "ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پليجي کان خبردار رهڻ جي تلقين ڪئي هئي." تعجب آهي تہ جڏهن جتوئي صاحب جهڙو محب وطن ۽ تجربيڪار شخص جهڙوڪر وصيعت ڪري ويو هو تڏهن به قاسم اسڪوائر جهڙا ٻيا به ڪيترائي بهترين ورکر پليجي واري چنگل ۾ ڇو ڦاٽا رهيا. ايتري قدر جو پليجو نظريہ ضرورت تحت قومي تحريڪ جي سرواڻ سائين جي. ايم. سيد جي عمل ۽ ڪردار متان هڪ خاص حڪمت عمليءَ سان وقت بوقت حملي آور ٿيو پر پوءِ به اُهي خاموش رهيا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو پليجو ڪيترين ئي متضاد ڳالهيون کرڻ کان به ڪو نہ مڙيو. ان عمل ۾ اڳتي وڌندي ڪارڪنن جي محنت سان جوڙيل 'سنڌي عوامي تحريڪ' جو پروگرام، پاليسي ۽ مقصد واري حوالي سان هُليو ئي بگاڙي ڇڏيائين. مثلاً اڳ 1973ع واري آئين جي مخالفت ۽ پوءِ ان جي حمايت اڳ پ پ جي وڏيرڪي ٽولي جي مخالفت پوءِ وري انهن سان ٻٽ ٿي بيهڻ. MRD جي نالي ۾ ورکرن کي واڙائڻ ۽ عوام کي مارائڻ وارو عمل روا رکڻ. نعب جنهن کي اڳ سڙيل لاش ڇئي دفن کرڻ جو ذڪر ڪندو هو ان جي سنڌ ڪاميٽيءَ مان قومي بنيادن تي بحث ڪري نڪرڻ بعد سنڌي عوامي

تحريڪ ناهڻ وارو عمل ڪيائين. اڄتي هلي پنهنجي ذاتي خواهشن جي پورائي ۽ پنجابي آقائن جي خوشنوديءَ خاطر انهن ئي نالي مٽ ساڳين ماڻهن سان سندن عملن ۾ پاڳي پائيوار ٽيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. پوءِ سنڌي عوامي تحريڪ کي ختم ڪري پاڪستان عوامي تحريڪ جوڙڻ اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي خود غرضيءَ ۽ مفادپرستيءَ وارا پليجي جا داستان هن ڪتاب ۾ ثبوتن سان بيان ڪيل آهن. پليجي وارن اهڙي ٻڌي معيار وارن عملن بابت صوفي صاحب هي ڪتاب وڏي عرق ريزيءَ سان لکيو آهي، جنهن ۾ سندس زور قلم علمي حوالي سان اها ڳالهه ثابت ڪرڻ آهي ته سنڌ لاءِ پليجي پهرين ڇا ٿي چيو هاڻي (پوءِ وقت بوقت) ڇا ٿو ڇڻي! وڏي ڳالهه ته اهي سڀ ثابتيون پليجي ياران اڳ لکيل لکڻين منجهان ئي ثابت ڪيو ويون آهن. ڇوٽي آهي ته 'تاريخ جو سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته تاريخ مان سبق ڪوبه حاصل ڪونه ٿو ڪري'. صوفي صاحب جو تجربي ۽ تاريخي ثبوتن سان لکيل هي دستاويز سنڌ جي قومي سياست سان دلچسپي رکندڙ ورڪرن کي اهو پيغام ٿو ڏئي ته، ها ۾ ها ڪري هلڻ ۽ عقيدي پرست ٿي 'جِي حضور' ڪندو رهڻ بجاءِ، دلچسپي وٺي، سنجيدگي اختيار ڪري، قومي معاملن بابت سوچ ويچار ڪري، پنهنجي جدوجهد کي لاءِ‌ائتو بنائين. صرف اعتبار ۽ عقيدي پرستيءَ سان هلندو رهڻ مان قومي تحريڪ کي ڪو فائدو ڪونه ٿيندو.

بظاهر پليجي وارين حرفتن ۽ هيرافيرين بابت صوفي صاحب جو پيش ٿيل هي مواد سنڌ جي قومي سياست جو ڪيس آهي، جنهن ۾ صرف نالا تبديل ڪرڻ سان، ڪيترن ئي پليجي واري انداز ۾ ڪم ڪندڙ اڳواڻن جا چهرا نظر اچڻ لڳندا. ضرورت رڳو ان ڳالهه جي آهي ته قومي سياست ڪندڙ ورڪر اڳواڻن بابت اڳواٽ طئه ٿيل (ڪرايل) جملي بازيءِ، تمام وڏو قابل، هوشيار دانائ، وڏو ڄاڻو ڏاهو جهڙن جملن وارا اکين تي چڙهيل ڪوپا ۽ دلين تي چڙهيل ڏنڌه لاهي سنجيدگيءَ سان انهن ليبرن جي ماضي ۽ حال بابت ويچارين. رڳو ٻڌل سُڌل معروضي حالتن وارن مفروضن تي لڳي پنهنجي سموري قرباني ٻين

جي حوالي نہ ڪندا رهن. اهو به نہ وساريڻ گهرجي تہ رڳو ڪنهن جي هوشيار هڻڻ وارن حوالن سان مقصد حاصل ٿيڻ مشڪل آهي. سنجيدگيءَ واري نظر نہ رکڻ ۽ ادارن ۾ تنقيد واري مضبوط عمل جي نہ هڻڻ واري نتيجي ۾ ليڊرن واري اها ڏاهپ ۽ هوشيارپ جماعت ۽ مجموعي طور قوم لاءِ نقصانڪار به ٿي سگهي ٿي.

'هووج هوشيار ترڪڙ آهي تڙ ۾

پليجي صاحب جي ڏاهپ ۽ هوشيارپ کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو هن جنهن نموني شروعات ڪئي ۽ محڪوم قومن جو ڪيس وڙهڻ شروع ڪيو سندس اها ڏاهپ ئي تہ هئي، جنهن جو اعتراف ڪندي، صوفي صاحب لکي ٿو: "مون کي ۽ سنڌي قوم کي ان وقت پليجي صاحب جي انهن لکڻين مان ايئن ٿي لڳو تہ سنڌ جو هي دانشور اڳيان هلي سنڌي قوم جو ڪيس سڀي نموني وڙهندو ۽ سنڌ جي ٻين قومن پرست ڏرين سان اتحادي بنجي سنڌي قوم جي چوٽڪاري لاءِ جدوجهد کي تيز ڪندو پر ايئن نہ ٿيو. وقت گذرڻ سان گڏ هي همراهہ به موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿي ويو... تاريخي حقن کان مُنهن موڙي ۽ پنهنجي قومي ڪيس جا ڪاغذ ڦاڙي پنهنجي لکڻين کان اڪيون پوري دستربدار ٿي ويو."

اسين روايتي سستي، عدم دلچسپي ۽ انڊي اعتماد هيٺ اڪثر مٿي ذڪر ڪيل تصورن جو شڪار ٿيندا رهيا آهيون. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ پارٽين بجاءِ اڳواڻ سگهارا ٿيندا رهيا آهن ۽ پوءِ جڏهن به ڪنهن اڳواڻ ڇاهيو آهي، تڏهن نہ رڳو جدوجهد وارن طور طريقن پر فڪر ۽ نظريي جي حوالي سان به من پسند مرضي مڙهڻ کان نہ مُڙيو آهي. اهڙي ريت جماعتون گروپ در گروپ ۽ ڪارڪُن مايوسي جو شڪار پئي ٿيا آهن. مٿيان ٻئي عمل قومي سياست لاءِ سخت نقصانڪار آهن. عدم دلچسپي اختيار ڪرڻ ۽پروسي تي هلندو رهڻ ۽ اڪثر حالتن ۾ انڊي عقيدي وارو انداز اختيار ڪر مان فائدو ونندي، اڳواڻ جڏهن پنهنجا پير پختا ڪري ٿا وڃن، تڏهن قابل، ايماندار ۽ محنتي

ڪارڪنن کي توهين تذليل ۽ مايوسي پلئه پوي ٿي. جيئن صوفي صاحب پليجي واري حوالي سان لکيو آهي.

"سيني چڏڻ وارن جو چوڻ هو ته پليجو پارٽيءَ اندر غير جمهوري طريقا اختيار ڪري قومي لائين تي جدوجهد کندڙ سرگرم ورڪرن سان آمريت وارو سلوڪ روا ٿي رکيو. ان ڪري جن پارٽي ورڪرن سنڌي عوامي تحريڪ اندر رهي پارٽي لائين کي تبديل ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ سخت نظرياتي ويڙهه ٿي ڪئي، تن کي ڪڏيو ويو. ڪيترا بحث ڪندي مايوس ٿي تحريڪ چڏيندا رهيا."

هن مواد جي حوالي سان پليجو بظاهر هڪ سينيل آهي. غور ڪري ڏسبو ته مٿي ذڪر ڪيل روين ۽ عملن واري روشنيءَ ۾ اهڙا ڪيترائي ٻيا به فرد نظر ايندا. بس اهو سنڌ جي سياست جو هڪ رجحان آهي. جنهن جي نڪرڻ جي اشد ضرروت آهي. ان مرض کان صرف تڏهن ئي بچي سگهجي ٿو جڏهن ڪارڪن خود غرضي کي چڏي بلند اخلاق ۽ باشعور ٿي جدوجهد ڪري. پنهنجي ايماندارانڻي عمل سان عوام کي پنهنجي پنهنجي جماعت ڏانهن متوجه ڪرائي سگهن.

صوفي صاحب جي هن ڪتاب ۾ اُن حوالي سان ڪيترو ئي سبق آموز مواد پيش ٿيل آهي. جنهن مان، بغير سينئر، جونيئر ۽ پارٽي فرق جي اسان سيني کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

طالب العلم

پروفيسر ڊاڪٽر آزاد قاضي

نومبر 2016ع

پھرين ڇاپي جو

پبلشرنوٽ

سنڌ نيشنل پبليڪيشن پاران شاهه عنايت شهيد جو ٻيو ڇاپو ڇاپيندي انهيءَ ۾ ذڪر ڪري ويو هو ته مصنف جو سنڌ جي قومي مسئلن تي ايندڙ ڪتاب ڇاپيندا سين. جڏهن سنڌ نيشنل پبليڪيشن "قومي خودمختياري ۽ پليجو" ڪتاب ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو تڏهن اسان جي اڳيان رڳو هي بحث ٿيو هو ته هن ڪتاب شايع ڪرڻ سان سنڌ جو فائدو آهي يا نقصان. اسان سڀني يارن جو اِهو فيصلو ٻيٺو ته هي ڪتاب سنڌ جي قومي جدوجهد جي وات کي وڌيڪ چٽو ڪندو.

اسان جي هميشه ڪوشش رهي آهي ته اهڙو سياسي لٽريچر پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريون. جيڪو سنڌ جي قومي آزاديءَ جي وات کي وڌ ۾ وڌ چٽو ڪري ۽ مختلف ڌرين طرفان پيدا ڪيل مونجهارن کي سلجهائي صاف ڪرڻ جي ڪم اچي. هي ڪتاب به انهيءَ ڪوشش جي ڪڙي آهي.

اميد ته پڙهندڙ پنهنجي راءِ کان واقف ڪندا رهندا. اها اسان تي هنن جي خاص مهرباني ٿيندي.

اسان هڪ دانهن توهان اڳيان پيش ڪندا هلون ته اسان جو هڪ ڇپايل ڪتاب "رت ۽ غلامي" جڏهن هن جو ليکڪ قاسم "پٽر سنڌي" جيل ۾ بند هو تڏهن ايف آءِ يو وارا اسان جي آفيس مان اٽڪل پنج سؤ ڪاپيون ضبط ڪري کڻي ويا هئا. جنهن بابت اسان کي ڪا به خبر نه آهي ته هنن بازار ۾ وڪيو يا ڪنهن آفيس ۾ ٻورين ۾ اڏوهين جو ڪاڄ ٿيوا؟ لئبريريون لتاڙڻ، پوءِ جيڪڏهن ڪا بندش پيل شيءِ هٽ نه اچي سگهي. ته قانوني طرح ڇپيل ڪتاب جون پنج سؤ

ڪاپيون هروپرو زوراوري ڪري هورين ۽ بند ڪري ڪٽي وڃڻ ۽ نه رسيد. نه ڪيس!!! ههڙي ڏاڍائي! ههڙو ظلم!!!

اسين مطالبو ٿا ڪريون ته اهو ڪتاب سنڌ نيشنل پبليڪيشن جي ملڪيت آهي. اهو اسان کي واپس ڪيو وڃي.

اميد ته وري ٻئي ڪتاب ۽ حال اورينداسين.

اوهان جو پنهنجو

يار محمد جلالاڻي

سيڪريٽري سنڌ نيشنل پبليڪيشن

پوسٽ آفيس جهوڪ شريف، ضلعو ٺٽو

ليکڪ طرفان پاڻ اکر

اڄڪلهه اسان وٽ پاڪستان جي وفاقي سياست ڪنڊ ڇاڙي باز مفت خور دانشور نالي پر ترقي پسند، جيڪي گهٽو ڪري وچولي ڪلاس جا سفيد پوش آرام سان حياتي گذارينڊ ماڻهو جن کي اڄي جي اڳهه جي بہ خبر نہ هوندي آهي، سي اسلام مسلمان، پاڪستان، اسلامي مساوات، اسلامي سوشلزم 1973ع جو آئين، چوندڙون ڪرايو مرڪز کي چار ڪاتا ڏيندا سين، سنڌي قوم کي منجهائي سندن تاريخي حقن کان هٽائي، ابن ڏاڏن جي ورثي کان محروم ڪرڻ جي سازش پر مصروف عمل آهن. اهي ماڻهو وڏا انقلابي ۽ جمهوريت جا دعويدار بنجي، خاص طرح سان سنڌ اندر طبقاتي مسئلي کي نالي پر سامهون رکي، قومي حقن کي ڪمزور ڪرڻ جي پنجاب جي سرمائيدار کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪم اڇي رهيا آهن.

اِها صورتحال منهنجي سامهون هئي، اهو بحث منهنجي ذهن پر چڪتاڻ پيدا ڪيو بيٺو هو، سوچيم پئي تہ غلام قومون صدين کان پوءِ بہ آزاد ٿي سگهن ٿيون. پر جنهن قوم جو وجود ختم ٿي وڃي، اقليت پر تبديل ٿي وڃي، حملي آور قوم اصلي وارثن کان گهٽي ٿي وڃي، جيئن مصري قوم ريڊ انڊين آمريڪن، آئرش قوم ۽ برصغير پر دراوڙ قوم جيڪو غلاميءَ کان وڌيڪ خطرناڪ تباهي ۽ بربادي جو اهجاڻ آهي. انهيءَ سنڌ جي صورتحال مون کي پليجي صاحب جي سياست تي لکڻ لاءِ مجبور ڪيو.

مون پليجي صاحب جا گهٽو ڪري سيبيئي ڪتاب، ڪهاڻيون ۽ مضمون پڙهيا آهن. سندس ڪتابن پر ماهوار رسالو تحريڪ،

ايڊيٽوريل جيڪي سنڌي عوامي تحريڪ جي پاليسيءَ جا مظهر هئا. "صبح ٽيندو"، "ڏاڙن جا ڏڪ"، "واٽون ويهه ٽيون" ۽ ٻيا ڪتاب، جن ۾ پاڻ قومي مسئلي تي نام نهاد نقلي ترقي پسندن سان بحث ڪيو هئائين. نام نهاد جمهوريت ۽ آئين کي قومن سان ويساهه گهاتي ۽ دوکو قرار ڏنو هئائين.

نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جي موقع پرستي ۽ قومن سان چالاڪيءَ کي چٽو ڪيو هئائين ۽ (نعپ) کي سڙيل لاش قرار ڏيئي دفن ڪرڻ لاءِ چيو هئائين.

۽ اهڙي نموني پاڻ سنڌي قوم ۽ ٻين مظلوم قومن بلوچن ۽ پٺاڻن جو ڪيس وڙهندو رهيو هو. مون کي ۽ سنڌي قوم کي ان وقت پليجي صاحب جي انهن لکڻين مان ائين ٿي لڳو ته سنڌ جو هي دانشور، اڳيان هلي سنڌي قوم جو ڪيس سڌي نموني وڙهندو ۽ سنڌ جي ٻين قوم پرست ڌرين سان اتحادي بنجي سنڌي قوم جي ڇوٽڪاري لاءِ جدوجهد کي تيز ڪندو پر ائين نه ٿيو. وقت گذرڻ سان گڏ هي همراهه به موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿي ويو. اقتدار جي سياست ۾ پاڳي پائيوار ٽيڪ ڪاڻ قومي طبقاتي حقن جي جدوجهد کي ڇڏي اُڇلائي، تاريخي حقن کان منهن موڙي ۽ پنهنجي قومي ڪيس جا ڪاغذ ڦاڙي پنهنجي لکڻين کان اڪيون پوري دستبردار ٿي ويو.

پاڻ ايم. آر. ڊي ۾ انهن ڦورو غاصبن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڃي اتحادي بنيو جيڪي پاڪستان بچايو 1973ع جو آئين بحال ڪيو ۽ 1973ع جي آئين جي جمهوريت بحال ڪرائڻ لاءِ اڇي ڳڏيا هئا. انهن قاتلن سان گڏجي هن به سنڌي عوام کان قربانيون ورتيون. ان جي صلي ۾ ڪيس چا ملیو؟ اردو اخبارن جي شهه سرخين جي زينت، پنجاب جي گورنر جيلانيءَ طرفان ڪيس گلدستن جا تحفا ۽ ٻيو سرڪاري ڪارندن طرفان عيادتون ۽ ٻيون سهولتون. جيل مان ٻاهر نڪتو ته نڪرندي شرط پنجاب جي قربانين جا گيت ڳايائين، پنجاب جي وڪالت ڪيائين، سنڌ جي قوم پرست ڌرين ۽ سنڌ جو ڪيس وڙهندڙن تي حملا ڪيائين، جنهن تي ظاهر آهي ته پنجاب جو

سرمائيدار سَرهو ٿيو هوندو اندر ۾ مرڪيو هوندو ته سنڌ جو ڏاهو ۽ خريد ٿي سگهي ٿو. بي نظير جي پٽي کان پوءِ هي پٽو ۽ ڪم ڏيئي سگهي ٿو.

پنجاب جي سرمائيدارن ان جي لاءِ دعوتن جو بندوبست ڪيو گلن جي ورکا ڪئي، نوٽن جا هار پرايا، پنجابي لونگيون ٻڌايائون، سندس ڏاهپ ۽ دانشوريءَ جي نيڪي ڪندي، زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيائون، اخبارن ڪالم لکيا، دانشورن داد ڏنا ته پليجو صاحب صحيح راهه تي اچي ويو آهي، پاڪستان بچائڻ جو آخري سهارو هي آهي.

اهڙيءَ طرح جناب پليجي ۽ حاڪم قوم جي دانشورن سان ها ۾ ها ملائي، ساڳوٽو راڳ آلاپڻ شروع ڪيو جيڪو حاڪم قوم جا سياستدان، دانشور ۽ ڪالم نويس ڳائيندا وٽندا آهن.

پليجي جي سنڌي قوم سان ان ويساهه گهاتيءَ تي مون کي پراڻي تاريخ ياد اچي ويئي. مون کي 1129هه مطابق 1717ع وارو نور محمد پليجو ياد اچي ويو. مون کي ائين لڳو جڏهن جو دهليءَ جو فرخ سير ۽ سنڌ جو ميان يار محمد ڪلهوڙو ايڏا زندهه آهن، جيڪي نور محمد پليجي کان بيان ڏياري وري ۽ شاهه عنايت کي شهيد ڪرائڻ تا چاهين. مون کي ائين لڳو جڏهن پليجو اهو نور محمد پليجي وارو ڪردار ادا ڪري قومي تحريڪ کي تباهه ڪرڻ ٿو گهري، انهيءَ ڪري سوچيندي انهيءَ نتيجي تي پهتس ته سنڌ لاءِ پليجي پهرين چا ٿي چيو ته هاڻي چا ٿو چئي، سندس لکڻين جي روشنيءَ ۾ پيش ڪريان.

مون ايجان هي ڪتاب لکيو پٽي، جو نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) پنهنجي نئين نالي "عوامي نيشنل پارٽي" جي نالي ۾ نروار ٿي ۽ پليجو پنهنجي عوامي تحريڪ واري ڪاهوڙين جي مڙهي ڏاهي، عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ وڃي ويٺو ۽ جناب خان ولي خان ۽ پنجابي سردار شوڪت حيات جي سربراهي قبول ڪيائين.

مون ڪتاب لکي پورو ڪيو ته 1986ع ۾ 14 آگسٽ تي وري ۽ سنڌي ماڻهن جي خون سان هولي کيڏي وئي. بي نظير کي وزيراعظم

بنائڻ لاءِ سنڌ واسين کي پنهنجا گهر تاراج ڪرائڻا پيا. پر پنجاب وري به خاموش رهيو! ڪجاب اُتي به چو-؟ ضياءِ پنجاب جو رنجيت سنگهه آهي. پنجابين کي مارشل لا مان ڪهڙي تڪليف آهي! اُن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سنڌي ماڻهو ماريا پيا وڃن. مختلف بهانن سان سنڌ کي تهه و بالا ڪري ڇڏيو اٿن. پر اقتدار جا بکيا ايجا به پنجاب جي بچاءَ ۾ هزارين دليل پيش ڪري. مرڪز مضبوط ڪرڻ جو ڪيس وڙهي رهيا آهن. جيئن ڪنهن زماني ۾ پٽو مرحوم چوندو هو ته مان پنجاب سان غداري نه ڪندس. تيئن جتوئي. بي نظير ۽ پليجو به ساڳيو راڳ چون ٿا. ۽ اسان جا سنڌ واسي ايجا تائين انهن اقتدار جي بکايلن ۾ چڱائيءَ جي اميد رکيو وڌيڪ آزمائڻ لاءِ اکيون ڏيا ڪيو پيا نهارين. جنهن مان ڪجهه ورٽو ناهي.

منهنجو ڪتاب پڙهندڙن اڳيان آهي. ڪتاب پڙهي مون کي منهنجي اوڻاين چڱاين کان واقف ڪندا. مهرباني.

توهانجو پنهنجو

صوفي حضور بخش

درگاهه جهوڪ شريف

تعلقو ميرپور بٹورو ضلعو ٹنڈو سنڌ

قومي مسئلو

جڏهن قومي مسئلي تي بحث ٿو ڪريان، تڏهن دل چاهي ٿي ته منهنجي پياري سنڌ جي ڪجهه تاريخ بيان ڪريان. ڪجهه جاگرافي، ٿوري اقتصاديات ۽ ٿورو ذڪر ثقافت جو به ڪريان. مثلاً اسان جا وڏا ڪشمير ۽ راجستان ۽ اتر ايران تائين حاڪم هئا. عربن جي ڪاهن کان پوءِ ٽي سؤ سال غلام رهيا. آخر جند ڇڏائي پنهنجي راڄڌاني قائم ڪيائون. انهيءَ کان پوءِ ارغون، ترخان، ايراني، پٺاڻ ۽ مغل حملا ڪندا رهيا، اسين لڙندا وڙهندا رهياسين. پر پنهنجي وطن لاءِ محبت ۾ ڪمي نه آئي. ڏارين سان وڙهندا رهياسين. اهي حالتون رڳو سنڌ لاءِ نه رهيون. پر برصغير جي سڀني قومن سان جڏ هئي.

آفريڪي ۽ مشرقي قومن جي حملن کان جند ڇڏائيسين ته وري يورپي قومن هلائون ڪيون. انهن سان وڙهندي انهن کي نيٺ ڏڪي ڪيوسين. ته وري پاڙيسري قومن اچي ورتو آهي. سنڌي ماڻهو بهادريءَ سان وڙهندا رهن ٿا. هڪ ڏينهن ضرور آزاديءَ جو سج اُپرندو.

جاگرافي

جڏهن انگريزن سنڌ کي فتح ڪيو هو تڏهن اتر کان بلوچستان جون موجوده حدون هيون. اولهه ۾ سنڌي سمنڊ هو ڏکڻ ۾ اوپر ڪچ ۽ راجستان هئا ۽ اوپر ۾ پنجاب جون موجوده حدون هيون. پاڙيسري قومن سان هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي مان سان رهندا هئاسين.

اقتصاديات

تيل، گئس، ڪوئلو گرنائيٽ پٿر، مڇيون، مال، ڪير، ماکيون، مکڙ، پکي، پاڇيون، ڪڪڙ، ڇانوَر ٻيلا، ٻوٽا، گاهه، ڪڇ، انب، ٻير، توت، زيتون، ڏاڙهون، سيپ پاڇيون، ڪوئلو ڪاٽ، هر قسم جو مال، ڏندون، ڏورا ۽ قدرت جي هر شيءِ سنڌ ۾ موجود هئي. ڪنهن به شيءِ لاءِ سنڌ جي ماڻهن جي دل نه سڪندي هئي.

ثقافت

ڪيس، لونگيون، اجرڪون، گج، پرت جا پهراڻ، چولا، گربي، مونڙو هندورا، ڪتون، فراسيون، ڌهريون، نڪون، پازيب، چوڙيون، بولين ۽ ڪئين سونهن جا زيور. راڳ ۾ شهنائي، بانسري، سُرندو بين، باجو طبلو ڏهل، برڙينڊو چنگ، الغوزو وغيره. هولي منڙي، هر هڪ لفظ جون ڪئين ادائون، مثلاً پور پور، ٽڪر، پرزا، چيهون، ڏرا يا سهڻي، سهڻو ناهوڪي، ناهوڪو ڳيرو ڳوري، ڳورو سانورو سانوري، خوبصورت وغيره.

دنيا ۾ ڪيترين قومون رهن ٿيون، پر سنڌ جو پيار ۽ نفرت جو عجيب انداز آهي. هيءَ قوم لالچي ٻنهين نه آهي، ملڪيت پرست نه آهي، انسان سان ڪابه نفرت مزاج ۾ نه اٿس. غلام رکڻ هن جي مزاج ۾ نه آهي. سنڌ جي شاعري ۽ نثر انٽرنيشنل سوچ جو لڱندو. مختصر سنڌي قوم متين خوبصورتين سان مالا مال آهي، پر بقول ايار:

گجري توتي گج ته آ پر،
جهڙ ۾ ڪاوا ائين جيئن ڪک.

هاڻ اچان ٿو پنهنجي موضوع تي:

1. انهيءَ ڳالهه تي ڪنهن کي به اختلاف نه آهي ته اسين قوم آهيون.
2. انهيءَ ڳالهه تي به اختلاف نه آهي ته هن ڌرتيءَ تي اسان سان ڪو ٻيو پائيوار آهي.

سڀ چون ٿا تہ هن زمين ۾ جاگرافيءَ جا حقدار صرف سنڌي ماڻهو آهن. اها هنن جي ابن ڏاڏن جي آهي. هن ڌرتيءَ لاءِ صرف سنڌي ماڻهو وڙهيا آهن. ٻيو ڪو بہ نسل نہ سنڌ جي سڄي تاريخ ۾ري پئي آهي. سواءِ مذهبي فرقن جي. هندو ۾ ٻين نظرين وارا سڀ گڏجي وڙهندا رهيا آهن. انهيءَ ڪري جن ماڻهن جا ابا ڏاڏا وڙهيا آهن ۾ ڏارين کي ڪيندي شهيد ٿيا آهن. انهن جو ئي هن ڌرتيءَ تي حق آهي. انهن جي شاهدي هنن جون قبرون بہ ڏين ٿيون. جيڪڏهن ڪو صاحب اختلاف ڪري تہ انهن تي ڀالهائي سگهجي ٿو.

هاڻ ڀالهہ شروع ڪريون ٿا پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ پنجاب جي حاڪميت جي: سڄي دنيا ۾ برصغير جون قومون اها ڀالهہ سمجهي ۾ مڃي چڪيون آهن تہ انگريزن وڃڻ وقت اسان سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۾ بنگالين کي پنهنجي وفادار پنجابي فوج جي حوالي ڪيو جنهن جو نالو پاڪستان رکيو ويو ڇو تہ انگريز سامراج کي هن خطي ۾ پنهنجا مستقل مفاد هئا، آهن ۾ رهندا. انگريز ويا. اسان جا نوان حاڪم آيا. اسان جا پورا وسيلا نون آقائن جي حوالي ٿيا. هنن سڀني قومن کي خاص طرح سنڌ کي خوب لٽيو. اسان جون ٺهيل جڳهيون، بنگلا، ماڙيون، مال، ٽر ٽوهر، باغ باغيچا، ٻيلا، ڳس ڪنارا، ڪيتي بندر کان ڪشمور ۾ ڪارونجهر تائين، سنڌ جي هر شيءِ سنڌين لاءِ حرام ۾ آيل ماڻهن لاءِ جائز. جڏهن اسان جي وڌن ناهي ئي انهن لاءِ هئي. اسين بيوسيءَ ۾ ڏسندا رهياسين ۾ ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي نہ سگهياسين. جيڪڏهن ڪو ڪڇيو تہ ڪافر، اسلام دشمن، ملڪ دشمن ۾ غدار. ڪير ڪيڇ؟ ڪيڇي تہ زندگيءَ تان هٿ ڌوئي. جي جان بچي تہ بہ زندگي ۾ نظربند يا جيل ۾ رهي. تعليم گهٽ، پنهنجن حقن جي ڪا بہ خبر نہ. جيڪي بہ ٿي سمجهو ورڪر هئا. انهن کي هندو ڪري هتان ڏکاريو ويو. سيني چرين وانگر دوکو نہ سمجهيو. ائين لٽجي تباهہ و برباد ٿي وياسين.

آخر اها وڃي نوبت بيٺي تہ سنڌ جو نالو ئي ختم ڪيو وڃي. سنڌ جو نالو ختم ٿيو ۾ ون يونٽ ٺهيو. قومي غدار وڏيرن غيرت وڪڻي

وزارتون ورتيون. انهن جو مهندار ايوب کهڑو ٿيو. نشابند پانهن ٻيلي پير علي محمد راشدي ٿيو. ٻيا ٻه ڪيترا هڪ ٻئي پٺيان لالچ پويان جُوءَ جُويون وڪڻندا، حاڪمن جي ها ۾ ها ملائي، دلاليءَ جو پارٽ ادا ڪندا رهيا.

ائين اسان جو نسل سرجندي سور تہ اُسرندي عذاب سهندو سڀ تاريخي واقعا اکين سان ڏسندو ٻه رهيو. پڙهندو ٻه رهيو ۽ سوچيندو ٻه رهيو.

انهيءَ دور ۾ جن ماڻهن همٿ ڪري حقن تي حملا آورن کي هٿ آڏا ڏنا، تن جو ذڪر نہ ڪرڻ ٻه ناانصافي ٿيندي. اهڙن ماڻهن ۾ سائين جي.ايم.سيد، شيخ ايياز قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي، غلام محمد لغاري، حفيظ قريشي، نور الدين سرڪي، ابن حيات پنهور ۽ ٻيا ڪجهہ ڪارڪن جن جا نالا ياد نہ اٿم. شامل هئا.

قومي پارٽيون ٺهيون ۽ ڀهيون، مثلاً نيشنل عوامي پارٽي انهي ۾ ٻه بحث قومي حقن کي منجهائڻ ۽ چٽي ڳالهہ نہ ڪرڻ. ڳالهہ هجي قومي حقن جي تہ چون ڦهرين ووٽ جو حق ونجي. مارشل لا کڄي، قومي مسئلي کي ڪٽڻ سان پاڪستاني عوام ۾ اختلاف پيدا ٿيندا.

گويا قومي ڳالهہ ڪبي تہ پنجاب سامراج ناراض ٿيندو. انهيءَ ڪري حملي آور قوم جو عوام ناراض ٿورڙي ڪرٽو آهي وغيره وغيره. نتيجي ۾ سائين جي. ايم. سيد ٻه نعپ چڏي تہ خان غفار خان ٻه نعپ چڏي.

نعپ اندر پنجابي، پناهگير ۽ سندن پاليل سنڌي طوطا، جن حاڪم قوم پنجاب جي وڪالت ڪندي ان کي سوشلزم ۽ مساوات جو غلاف ٿي چاڙهيو نہ صرف ايترو پر هو مسلسل اها ڪوشش ڪندا رهيا تہ پاڻ جهڙا ٻيا ٻه موقع پرست سڀني قومن مان هٿ ڪن، جن کي مزدور اتحاد ۽ هاري دوستيءَ جي چوغن ۾ پنجاب سامراج ۽ پناهگيرن جي بالادستيءَ جي وڪالت ڪرائي سگهن ۽ حق جي ڳالهہ ڪندڙ مظلوم قومن جي موقف رکندڙن تي دٻاءُ وجهي ڪين شاونرم ۽ موقع پرست جي پوئلڳي قبول ڪرائي. انهن جي اڳواڻيءَ ۾ هلڻ لاءِ مجبور

ڪن. موقع پرست ۽ قومن جي حقن کان انڪاري ٽولو نعپ اندر روز بروز مضبوط ٿيندي ويو.

ان ڪشمڪش هلندي جڏهن ايوب خلاف تحريڪ هلائڻ لاءِ پنجاب جي سرمائيدارن ۽ لڏي آيل پناهگيرن پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندڙ هڪ نئون اتحاد (D.A.C) ٻڌڪ جي نالي ۾ قائم ٿي ڪيو جنهن تي نعپ جي سنڌ ڪميٽيءَ ۾ سنڌ جي حقن جي ڳالهه رکندڙ نمائندن زور پريو ته جيڪڏهن ٻڌڪ جي اتحاد ۾ سنڌي قوم، بنگالي، بلوچ ۽ پشتون قومن جي سياسي ۽ اقتصادي حقن جون چٽي ۽ واضح نموني ۾ گهرون رکيون ويندیون ته هو شرڪت لاءِ آماده ٿيندا.

ٻئي صورت ۾ اسين ائين تا سمجهون ته سنڌ، بلوچستان ۽ بنگال سان دوکو ٿي رهيو آهي. قومي حقن جي نمائندگي حفيظ قريشي، رسول بخش پليجي ۽ قاسم پٽر ٿي ڪئي، جڏهن ته پرو پنجاب گروپ جي نمائندگي ڊاڪٽر اعزاز نظير، جام ساقي ۽ مير ٽيبو ڪري رهيا هئا. پنجابي گروپ جو چوڻ هو ته قومي گروپ وارا پنهنجو موقف شدت سان نه رکن، پر گذارش ڪن. جڏهن ته قومي گروپ جو چوڻ هو ته اها نه شدت جي ڳالهه آهي نه نرميءَ جي. پر حقن جي ڳالهه آهي. انهيءَ تي اسين پنهنجا قومي مفاد ڪيئن ڇڏيندا سين.

انهن ميٽنگن جي صدارت جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪري رهيو هو. معاملو هٿاپائي تائين پهتو. اهڙيءَ طرح قريشي، پليجو پٽر نعپ کان الڳ ٿيا. جنهن کان پوءِ هنن گڏجي قومي بنيادن تي سنڌي ماڻهن جي تنظيم "سنڌي عوامي تحريڪ" جو بنياد 1968ع ۾ رکيو.

سنڌي عوامي تحريڪ جي بنيادي مقصدن ۾ سنڌ جي قومي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام کي سجاڳ ڪري، منظم ڪري، جدوجهد ڪرائڻ لاءِ اڳيان آڻڻو هو. سنڌي عوامي تحريڪ جو پهريون صدر حفيظ قريشيءَ کي مقرر ڪيو ويو ۽ ان جي قيادت ۾ سنڌي عوامي تحريڪ منظم طريقي سان سنڌي ماڻهن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ان سلسلي ۾ سنڌي عوامي تحريڪ طرفان ماهوار رسالو "تحريڪ"، ان جا ايڊيٽوريل، صبح ٽيندو ڪتاب، هوڇي منه جي آتم ڪهاڻي، ويٽنامي ڪهاڻيون، ڪميونسٽ پڌرنامون ۽ هيا ٻ ڪيترا ڪتاب ڇپرائي سنڌي عوام ۾ وڏي سجاڳي آڻيندي، سنڌي عوامي تحريڪ سنڌي عوام کي جن خاص ڳالهين کان هوشيار رهڻ لاءِ ٻڌايو تن ۾ قوم دشمن، غدار، وڏيرڪي ٽولي پاران سنڌي عوام تي ظلم ۽ سنڌي قوم سان ويساهه گهاتيون ڪري، ڏارين سان سازباز ڪري اقتدار حاصل ڪرڻ شامل هيون.

هيو نقلي ترقي پسند پنجابي- پناهگير، سامراجي ٽولي ۽ انهن جي سنڌي ورڪرن جو قومي مسئلي کان انڪار لاءِ مختلف طريقن سان سنڌي ماڻهن ۾ مونجهارا پيدا ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي پٽڪائڻ ۽ پنيلائڻ واريون ڳالهيون سمجهڻ لاءِ زور پريو ويو.

پر وقت گذرڻ سان جيئن ئي سنڌي عوامي تحريڪ متحرڪ ٿي اڳيان وڌڻ شروع ڪيو تہ پارٽيءَ اندر موقع پرستيءَ جا لاڙا شروع ٿيا ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جي پاليسيءَ ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي، جنهن سان پهرين ڏاڪي تي پنجابي- پناهگير سامراج ٽولي حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ پليجي سنڌ جي قوم پرست اڳواڻ جي.ايم. سيد کي وڏيرو چئي، پنهنجي رسالي تحريڪ ۾ حملا ڪرڻ شروع ڪرايا. مختلف مضمون ۽ خط شايع ڪري باقاعدي مهر هلائي، سيد کي سڄي سنڌ ۾ نقلي قوم پرست، ڪوڙو سنڌ دوست، وڏيرن جو نمائندو چئي، چوائي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ٻئي ڏاڪي تي ميجر اسحاق ۽ ٻين پنجابي نسل پرستن سان اتحاد جي نالي ۾ پنجاب جي پنهنجي واقفيت ڪرائڻ لاءِ ياترائون شروع ڪيائين. سنڌ ۾ عوامي تحريڪ جي ان بدلجندڙ لائين تي تحريڪ اندر مرڪزي سطح تي شديد اختلاف ٿيا، جنهن جي پاداش ۾ 1974ع ڏاري پٽر سنڌيءَ کي تحريڪ مان خارج ڪيو ويو جنهن جي ڪري پٽر سان متفق ساٿين تحريڪ کي الوداع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چئي، ترت ئي پوءِ حفيظ قريشيءَ تحريڪ کي ڇڏيو ۽ آهستي آهستي اِهو سلسلو جاري رهيو. عمر خشڪ (جڏهن شاگرد هو)، شير خان لنڊ، مولا بخش کوسو (جڏهن شاگرد هو)، اسماعيل سوهو الهبچايو مرٽاس، اڪبر شاهه، پنهون زئنور، غلام حسين شورو، هارون کاڙڪ، لکانو بهراٽي ۽ ڪيترائي مرڪزي سطح جا ورڪر ڇڏيندا ويا.

سڀني ڇڏڻ وارن جو چوڻ هو ته پليجو پارٽيءَ اندر غير جمهوري طريقا اختيار ڪري قومي لائين تي جدوجهد ڪندڙ سرگرم ورڪرن سان آمريت وارو سلوڪ روا ٿي رکيو ان ڪري جن پارٽي ورڪرن سنڌي عوامي تحريڪ اندر رهي پارٽي لائين کي تبديل ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ سخت نظرياتي ويڑهه ٿي ڪئي، تن کي ڪڍيو ويو. ڪيترا بحث ڪندي مايوس ٿي تحريڪ ڇڏيندا رهيا. اهو سڀڪجهه ڏسندي سنڌ جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي سوچيم ته چو نه پليجي صاحب جي سنڌي قوم سان ويساهه گهاتيءَ واري سياست تي ڪجهه روشني وجهجي، ته جيئن سندس اهو ڪردار، جنهن ۾ هو "چور کي چوي ته چوري ڪر، ته پاڻڪي کي چوي ته وارو ڪر گهر سنڀال". واري لائين سنڌي نوجوانن جي اسرندڙ ذهنن ۾ ٻين سڀني ورڪرن سان گڏجي سنڌي قوم جي اڳيان ظاهر ٿئي ته جيئن سڀني کي پروڙ پوي ته پليجو صاحب سنڌي قوم سان ڪيڏو عظيم دوکو ڪري رهيو آهي.

ان لاءِ اسان سندس موقف جيڪو هن گذريل وقت مختلف مرحلن ۾ 1973ع جي آئين جي باري ۾، پيپلز پارٽيءَ جي وڏيرڪي ٽولي جي باري ۾، نيشنل عوامي پارٽيءَ جي باري ۾، قومي اتحاد جي پٽي خلاف هلايل تحريڪ جي باري ۾ ۽ پاڪستان اندر ٻين ساڃي ڪاهي ڏرين جي باري ۾ وقتاً فوقتاً سنڌي عوام جي اڳيان پيش ڪيو آهي، اُنهن ئي لکڻين مان، ڪجهه ٽڪرا جيئن جو تيئن سندس رسالي تحريڪ يا ان جي ٻين ڪتابن جهڙو "صبح ٿيندو" ۽

ايڊيٽوريلن تي مشتمل "ڏراڻن جا ڏڪ" ۽ ڪتابچو "چوٽڪارو" مان لکيم. هتي ڏيندس ته جيئن پڙهندڙ پاڻ اڳين پونئين حقيقتن، ڪوڙ ۽ سچ ۾ فرق ڪري سگهن.

تحريڪ رسالو جيڪو سنڌي عوامي تحريڪ جو نظرياتي پرچو هو لکي ٿو:

هي آئين نه گهرجي

* هي آئين جمهوريت جي چلڪڻي پٺي ۾ ويڑهيل ڊڪٽيٽري زهر جي هڪ پُڙي آهي.
* سنڌ لاءِ، پاڪستان جي ننڍين [1] قومن لاءِ ۽ سموري بچيل پاڪستان لاءِ
* ڪي پورڙا سنڌي پٽي صاحب جي صدارت جي هُش تي خوش ٿي، اِهو قاتل زهر پيارڻ لاءِ تيار ٿا ڏسجن.
* خدا پٽي کي سؤ ورهين جي جمار ڏي، پر خدا خير ڪري جي هيڏانهن يا هوڏانهن، ته سنڌ جو محشر ئي رلي ويندو!
* پيو ته نهيو پر دانهن ڪرڻ کان به ويندا سين، سيڪو چوندو ته ميان، پنهنجي هٽ سان اڇو مُنهن جو ڪيو اٿو. هاڻ وري ٽڑ، ٽڑ چا جي ٿا ڪريو-؟
* هتلر به ته اهڙي آئين هيٺ قوم جي چونڊيل نمائندي طور ۽ قانون موجب آئيني ڊڪٽيٽر ٿيو هو!
* اسان کي اهو جمهوري آئين گهرجي، جنهن ۾ اسان جي عوام جي قومي حيثيت، قومي ۽ عوامي حقن ۽ قومي زبان کي صاف صاف تسليم ۽ محفوظ ڪيو ويو هجي.
* هي سنڌ دشمن، عوام دشمن، فاشي آئين اسان کي نه گهرجي.

(رسالو تحريڪ مارچ 1973ع)

---

[1] قومون ننڍيون وڏيون نه ٿيندڙيون آهن، قومون سڀ برابر ٿيندڙيون آهن، هنن کي تاريخ ۽ جاگرافي؛ سان سجاتو ويندو آهي. (مصنف)

نئون ون يونٽ

ون يونٽ جي خلاف سنڌي عوام گذريل ڪيترن سالن کان جدوجهد ڪندو رهيو آهي. وڏين قربانين ۽ ڪشالن کان پوءِ ون يونٽ جي پراڻي ڍانچي کي ڊاهو ويو. چوڌطرف ڪيرون مبارڪون هلي ويون. جشن ملهايا ويا. هر ڪنهن چيو: "هي بلا مون ماري". پر ڏسڻ وارن ڏٺو پئي ته ون يونٽ جو ڪوٽ پاڙان نه پٽيو ويو آهي.

فقط پراڻين سُري ڪاڌل پٽين جي مرمت ڪري کين نئون رنگ روغن لڳائي، هڪ نئون ڦهري ڪوٽ ڪڍو ڪيو ويو آهي.

نئين آئين، نئين ون يونٽ جي قيدخاني جي ديوارن مٿان نقلي اسلام جو رنگ ۽ نقلي سوشلزم جو روغن مڪي، عوام کي خوش ڪيو آهي.

قيدخاني جي پهريدارن ۽ جيلرن کي عوامي وردين پهرايون ويون آهن.

اڳوٽي ون يونٽ ۾ ڪمزوري اها هئي، جو اهو ٻڪٽيٽري پڄي هيٺ سنگينن جي نوڪ سان عوام جي مٿان مڙهيو ويو هو.

نئون ون يونٽ عوام جي چونڊيل نمائندن هٿان عوام جي قائد جي هدايت ۽ نگراني ۾ مڙهيو ويو آهي.

اڳوٽي ون يونٽ ۾ پاڪستان جي مختلف قومن جو نالو نشان گم ڪيو ويو هو. عوام جي ٻولين ۽ ثقافتن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. قومي خودمختياريءَ کان انڪار ڪيو ويو هو.

نئين ون يونٽ جي نئين آئين ۾ اهي نقص نه آهن. هن آئين ۾ پاڪستان جي مظلوم صوبن جا نالا ۽ سندن ٻيڙي ٻوڙي وئي آهي. عوام جي ٻولين جي حفاظت جي ٻهاني سندن گلو گهٽيو ويو آهي. صوبائي خودمختياريءَ جي نالي ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي متي پليد ڪئي وئي آهي. اڳوٽي ون يونٽ جي آئين مڙهڻ ٻيري عوام کي سنگينون ڏيکاري سندن اکين تي پٽيون ٻڌيون ويون هيون.

نئين آئين ۾ عوام کي عوامي آفيم کارائي بيهوش ڪيو ويو آهي.
پاڪستان جا عوام گذريل پنجويهن سالن ۾ ڪئين دوکا ۽ فريب کائي چڪا آهن. پر هڻڙي ويساهه گهاتي پاڪستان جهڙي ويساهه گهاتين جي ملڪ ۾ تہ ورلي ئي هوندي.
اڄي تہ عوام دشمنن خلاف فرياد هو پر هاڻ رڳو عوام دوست نہ پر عوام جي قائدن سان واسطو آهي. انهن جي دانهن ڪنهن کي ڏجي-؟

جي سي لوڙائو ٽيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي (شاهه)

ڪنڌي جهليو ڪانهن، عاشق اُيو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهٽي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياهه توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

بهرحال، قومن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون لاهيون چاڑهيون اچڻيون آهن.
اسين انهن نئين ويساهه گهاتي مان نوان سبق سکنداسين. اسين بزدل ۽ مايوس نہ ٿينداسين. اسين پنهنجي قومي حقن جي جدوجهد جاري رکنداسين. اسين پنهنجي حقن لاءِ لڙندا رهنداسين.

ٽڪائي ٽر ٽيلهه، چڙهه چڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهون ڏي، ڏوَ ميڙيئي ڏيل،
اڏي رائو ريل، ويٺن تان واري وري.

فتح حق جي ٿيندي، فتح پاڪستان جي مظلوم قومن ۽ عوام جي ٿيندي.

اندر ۾ ابليس

مظلومن تي رڳو ظلم ٿئي تہ بہ نٿيو. سندن زخمن تي لوڻ ٻُرڪڻ بہ ضروري سمجهيو ويندو آهي. مرضن جو ماريل رڳو بيماريءَ وگهي مري.

يا کو ڪوڙي ڪيس ۾ جهليل رهڻو ڪاهي چڙهي. سو ڪافي ناهي.

جيستائين پوپا، ملان، ڊاڪٽر، پوليس، ڪامورا ۽ وڪيل ڪيس ڪوڙا ڏيتا ڏئي سندس گهر پينگ نه ڪن. تيستائين مريض جو مرڻ ۽ قيديءَ جو ڪاهي چڙهڻ بہ بي قاعدي ٿيو پوي.

نئين آئين پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي آسن ۽ اميدن کي جيڪي ڇٽ ڏنا آهن. تن تي لوڙ هرڪڙ لاءِ مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جا ازلي ويري، جمهوري پگ هڏي اڇي گڏ ٿيا آهن.

هڪڙي پاسي نقلي ترقي پسند ملان ۽ پير، بئي پاسي نقلي قوم پرست سردار سينڌي هڪ بئي کي ڏوري اڇي ڏئو آهي.

هي رهزن، ڳڻن ۽ بهروپين جو ٽولو عوام جي ڇٽن تي لوڙ هرڪڙ لاءِ عوام جي آئيني حقن جي لاش تي اوچنگارون ڏيڙ ويٺو آهي.

(تحريڪ پيليڪيشن سال پهريون، ڪتاب ڇهون، اپريل 1973ع)

متي ڏنل 1973ع جي آئين بابت پليجي صاحب جي راءِ توهان پڙهي. اسان بہ سندس ان راءِ سان متفق آهيون. (سنڌ ۾ 1973ع جي آئين متعلق ٻين قوم پرستن جو بہ اهو رايو هو) آئين تي هاءِ گهوڙا ٽيندي رهي. پر ان هاءِ گهوڙا جي باوجود سنڌ، بلوچستان ۽ پشتون مظلوم قومن جي نمائندن (هڪ بن کي چڏي) صحيون ڪري چڏيون ۽ اهو آئين مظلوم قومن تي مڙهجي ويو پر ترت ئي ان آئين تي جيڪو عمل درآمد ٽيڙ شروع ٿيو سو ان آئين کان بہ وڌيڪ پيانڪ ۽ خونخوار هو.

ان آئيني جمهوريت (صحي نموني پنجابي بالادستي) جو پهريون شڪار مظلوم بلوچ قوم ٿي. جو آئين تي صحي ڪرڙ جي خوشيءَ ۾ بدنام زمانہ جنرل ٽڪا خان جي سربراهيءَ ۾ پنجاب جي ملٽريءَ جي جوڌن بلوچستان تي حملو ڪري پنجويهہ هزار بلوچ قتل ڪيا، هزارين گهر تباهہ ڪيا، عورتن جي بي حرمتي ڪئي. بلوچن جو مال متاع لٽي بلوچستان، فرنٽيئر جي قائم ٿيل جمهوري حڪومت ڏاهي پٽ ڪئي وئي. بس ايستائين نہ ٿي. پر بلوچ پشتون

ليڊرن تي غداري، ملڪ دشمني ۽ بغاوت جا ڪيس داخل ڪري، انهن کي جيلن ۾ وڌو ويو.

بلوچ، پشتون ليڊرن کي غلط حڪمت عملي، موقع پرستي يا غلطي، جيڪو ڪجھ سمجھون ان جي ڪِئي جي سزا جلدي ملي ۽ متن 1973ع جي آئين جي جمھوريت جي حقيقت واضح ٿي.

انھيءَ 1973ع جي آئيني سائي ۾ پنجاب پناھگيرن سان وفاداريون نيائيندي، سنڌ ۾ سوين قوم پرستن، شاعرن، اديبن، سماجي، سياسي ورڪرن، ھارين ۽ شاگردن کي ڊي پي آر جي ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪري، اٽڪاٽايل مدي تائين جيلن ۾ وڌو ويو. سنڌي شاگردن ۽ سياسي ورڪرن جي مائرن، ڀينڙن، پيئرن ۽ پائرن کي ٽاٽن تي گھرائي بيعزت ڪري، ٽارچر ڪيو ويندو ھو.

سياسي اڻ ڄاھ ڪري مخالفن کي لاڪپن مان ڪڍي، گولين ھنيون ويون.

سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ٿيل ٻوليءَ واري بل کي مرڪزي حڪومت جي مداخلت ڪرڻ تي ختم ڪيو ويو. سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي، پريسن تي ڇاپا ھٽي، انھن تي تالا لڳايا ويا. ان آئيني گناھ جي سزا خود آئين جي خالق ذوالفقار علي ڀُٽي کي ملي، جنھن آئين ڄاھڻ لاءِ ڏينھن رات ھڪ ڪري ڇڏيو ھو.

نئين صورتحال ۾ پنجاب ۽ پنجابي فوج جي نمائندي جنرل ضياءُ الحق 1973ع جي آئين کي ختم ڪري 1977ع ۾ مارشل لا لڳائي، پاڪستان ۾ سرمائيدارن، خانن، وڏيرن ۽ سردارن جي وچ ۾ ٽيل 1973ع جو آئين ٽوڙي ڇڏيو.

ھاڻي مظلوم قومن جي نمائندن لاءِ رستو صاف ھو تہ ھو پنھنجي حقن لاءِ وڙيڪ گھر ڪن يا ڪنھن نئين فارمولا کي سامھون رکي، پنھنجي قومي خوداختياريءَ جو حق حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي جدوجھد ڪن. تعجب ٿو ٿئي تہ جڏھن نئين صورتحال پيدا ٿي تہ پليجي صاحب متيون ڳالھيون وساري "لوڪ لڏن ۾ چري اڏڻ ۾"، پاڻ وري 1973ع جي آئين کي بحال ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺو آھي. ۽ انھن

وڏيرن، چوڌرين، خانن ۽ رجعت پرستن سان اتحاد ڪري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو اٿس، جن لاءِ پاڻ لکيو اٿس تہ:

"تازو ايوب شاهي جي ڊڪٽيٽرشپ کي مس ختم ڪيو ويو تہ حڪومت هڪدم ساڻين حاڪم طبقن منجهان ئي هڪ ٽولي، يعني يحييٰ شاهيءَ جي حوالي ٿي. وري جڏهن لکين ماڻهن جون جانيون قربان ڪرڻ ۽ اڌ ملڪ وڃائڻ کان پوءِ يحييٰ شاهيءَ جو خاتمو آندو ويو تڏهن بہ اقتدار وري انهن ساڻين جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي هٿ ۾ رهجي ويو"

(ڪتابچو چونڪارو ص 4)

وري لکيو اٿس تہ:

"هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي مطابق سنڌي قوم ۽ سنڌ جي عوام کي شخصي پوڄا جو چرس ۽ گانجو پياري کين ڏهني ۽ نڪري، سياسي ۽ نظرياتي طرح اپاهج ۽ لولو لنگڙو ڪيو ويو. ڏار ڏار طبقن مان چاڙتن جي هڪڙي فوج پرتي ڪري، کين زبان درازي ۽ ماڻهن کي برغلائڻ ۽ پٽيلائڻ جي باقاعدي ٽريننگ ڏئي، ڪائنن مخرج سان چاڙيون هڻائي، سندن هٿان سنڌي عوام کي اها زهريلي تعليم ڏياري وئي تہ اوهان کي ڪا بہ مڙسي ڪرڻ جي، ڪا بہ پنهنجي تنظيم ٺاهڻ جي ۽ پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ جدوجهد جي ضرورت ڪانهي.

کين سکيا ڏني وئي تہ اوهين رڳو "جيئي پٽو"، "جيئي پٽو" وينا آلاپيو رڳو سندس حمد و ثنا وينا ڪريو ۽ پيا کيس ليلايو ۽ ٻاڌايو ڪنهن مهل اوچتو اک چنبي ۾ اوهان کي تريءَ تي بهشت ڪري ڏيندو.

وڏيرا پرستيءَ جي انهيءَ چرس ۽ گانجي جي اثر هيٺ سنڌ جا سجاڳ ۽ سمجهو ماڻهو بہ پنهنجي سڄي لڏ فقط هڪڙي فرد، فقط هڪڙي وڏيري تي لاهي ويهي رهيا. ماڻهن کي آئين پٽي جي (نعوذبالله) حاضر ناظر، دانا بينا، رحيم ڪريم ۽ مشڪل ڪشا هجڻ جو ڏنو ڏئي. اکيون ۽ چپ سبي، سندن ذهن ۽ ضمير بتال ۽ مائوف ڪري کين وڏيرڪي ۽ پرمار جي ڦرلٽ ۽ ظلم جي پٽي گهاٽي ۾ پيڙهيو ويو اسان

جي قومي ہڏيءَ کي سازش ڪري ٽوڙيو ويو. اسان جي صفن ۾ ڦوٽ وڌي وئي. اسان جي تنظيم کي اندران ئي اندران کاٽ هٽي اسان جي سڌ دشمن قوتن کان بچاءُ ڪرڻ ۽ ساٿن مقابلي ڪرڻ جا قومي ۽ طبقاتي مورچا ڍاهي ناس ڪيا ويا.

اهڙيءَ طرح اسان ۽ سڌ دشمن قوتن جي وچ ۾ جيڪو طاقت جو حقيقي توازن هو سو اسان جي خلاف ون يونٽ واري دور کان ٻ وڌيڪ خراب ڪيو ويو.

جڏهن ايجا بنگالي ماڻهن جو ڪوس ۽ قتلام ڪري کين پاڪستان کان الڳ ٿيڻ کان مجبور ڪونہ ڪيو ويو هو تڏهن اسان مظلوم قومن جا ماڻهو پاڪستان ۾ تمام وڏي گهٽائيءَ ۾ هئاسون. هڪڙي طرف اسين سنڌي، بنگالي، بلوچ، پٺاڻ هئاسون. ٻئي طرف پنجابي- پناهگير، جاگيردار سردار ۽ سندن بنگالي، سنڌي، پٺاڻ، بلوچ چاڙٽا. ان وقت طاقت جي ساهميءَ ۾ اسان جو پڙ چڱو وزندار هو پر پ پ جي اڳواڻ ٽولي يحييٰ شاهيءَ سان ملي. بنگالي ماڻهن کي اسان کان زبردستي ڇني ڌار ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح اسان جا بنگالي مظلوم ساٿي اسان کان الڳ ٿي ويا.

اتي بس ڪانہ ڪئي وئي ۽ جلد ئي بهانا ڪري اسان جي باقي بچيل برادر قومن بلوچن ۽ پٺاڻن تي وحشي ظلم ڪرائي، هڪ طرف اسان جا بازو ٻڌا ويا ۽ ٻئي پاسي اسان ۽ هنن جي وچ ۾ اختلاف وڌائي، دوستي گهٽائي ڇڏي. اهڙيءَ طرح طاقت جي ساهميءَ ۾ اسان جو پاسو ايجا ٻ وڌيڪ هلڪو ۽ دشمن جو پاسو ايجا ٻ وڌيڪ ڳرو ڪري ڇڏيو آهي. عوام کي ڊڪٽيٽرشپ ختم ڪرڻ جا ڏڻا ڏئي سندن مدد سان حڪومت وئي پ پ اڳواڻ ٽولي ملڪ تي اڳ کان ٻ وڌيڪ بچڑي پيانڪ ڊڪٽيٽرشپ مڑهي ڇڏي. قرلت، دهاءُ، ڏاڍ، ظلم جي مشينريءَ کي وڌيڪ سخت، بي رحم، وحشي ۽ چتو بنايو ويو. خاص ظلم ۽ وحشي قانون گهڙيا ۽ مڑهيا ويا.

هن ڦورو ۽ ظالم ٽولي پنهنجي شروعات ئي هيبتناڪ خونريزيءَ سان ڪئي، هميشہ وانگر انهن ڏينهن ۾ ٻ وڌيرڪي راڄ جي بي

انصافي، ظلم ۽ قهر جا شڪار ٿيل هزارين هاري ۽ مسڪين سنڌي ماڻهو قيدن ۾ هئا."

(ڪتابچو چوٽڪارو ص13_14)

پ پ وڏيرڪي ٽولي خلاف ڏگهي جدوجهد

سنڌ ۽ ٻئي سڄي ملڪ جا مظلوم ماڻهو ۽ مظلوم عوام جيئن ان کان اڳ پنجويهه سال وڌهندا ۽ قربانيون ڏيندا رهيا آهن، تيئن گذريل پنج سال به واندا ڪونہ ويٺا آهن. هو گذريل پنج سالن کان پ پ جي ٽورن ۽ ظالم حاڪم ٽولي جي غلامي ۽ ڊڪٽيٽرشپ مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ زبردست ۽ شاندار سورهيائيءَ واري جدوجهد ڪري رهيا آهن ۽ ان لاءِ عظيم قربانيون ڏيندا رهيا آهن. سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين حصن جا جيل اڳي وانگر گذريل پنجن سالن ۾ به هاري ۽ مزدور ڪارڪن، شاگردن، ادبين، دانشورن ۽ قومي ڪارڪنن سان ستيا پيا آهن. اڳي وانگر ڪيترا سورهيہ سرويچ سنڌي، بلوچ، پختون ۽ ٻيا هاري، مزدور، وطن دوست، جمهوريت دوست ۽ حق پرست پنهنجون جانيون قربان ڪري چڪا آهن. اڄ اها ڏگهي شاندار سورهيائيءَ واري جدوجهد تيزيءَ سان پنهنجي عروج جي نڪتي تي پهچي رهي آهي.

(ڪتابچو چوٽڪارو ص5_6)

سياسي صورتحال جي چند چاڻ

"موجوده صورتحال جي چند چاڻ ڪرڻ سان اسان کي معلوم ٿيندو تہ:

(الف) پي پي جو اڳواڻ وڏيرڪو ٽولو غدار، عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن آهي.

(ب) قومي اتحاد تي ڇانيل جماعت اسلامي، مسلم ليگ، تحريڪ استقلال واري اڳواڻي پي پي، وڏيرڪي ٽولي جهڙي يا ڪن

ڳالهين ۾ اڃا ان کان وڌيڪ رجعت پرست، عوام دشمن، وطن فروش، منافق ۽ مڪار آهي.

(ت) پي پي خلاف سنڌ ۽ ٻئي سڄي ملڪ ۾ سالن کان هلندڙ جدوجهد ترقي پسند ۽ سامراج دشمن آهي. سندس بنيادي نڙو وطن دوست ۽ جمهوري آهن.

(ٿ) قومي اتحاد جي اڳواڻيءَ هيٺ اڄ کان پوءِ ان جدوجهد ۾ به اُبتڙ لاڙا آهن. هڪڙو لاڙو سخت جمهوريت دشمن، عوام دشمن، فسطائي، ڊڪٽيٽري، سامراج پرست ۽ ڪٽر سنڌ دشمن لاڙو آهي ۽ ان جي ابتڙ ٻيو لاڙو به آهي، جو هن جدوجهد کي عوام دوستي ۽ جمهوريت جي وات تي هلائڻ گهري ٿو. انهن ٻنهي لاڙن جي وچ ۾ ويڑهه هلي رهي آهي. هينئر فسطائي، ڊڪٽيٽري ۽ سنڌ دشمن لاڙو زور آهي، پر جدوجهد ڪرڻ سان اڳتي هلي، ڪنهن وقت سازگار حالتن ۾ ان لاڙي جو مخالف ۽ ابتڙ لاڙو يعني عوام دوست ۽ جمهوريت پسند لاڙو به زور وٺي سگهي ٿو.

(ج) سنڌ جا ڪيترا غريب عوام اڃا وڌيڪ پ پ اڳواڻ ٽولي کي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين پنهنجو حامي سمجهن ٿا يا گهٽ ۾ گهٽ ائين سمجهن ٿا ته سنڌ ۾ جيڪي ڄاتل سڃاتل ڪٽر سنڌ دشمن قوتون ۽ ٽولا قومي اتحاد جا وارث ٿيا ويٺا آهن. تن کان وري به اهو وڌيڪ ٽولو گهٽ نقصانڪار ٿيندو."

(ڪتابچو ڇو ڏڪارو ص 48)

هاڻي مٿي ذڪر ڪيل "پاڪستان عوامي تحريڪ" جي سنڌي ماڻهن کي ڏنل عمل جي لائين جي ڏڳهي وات گس ۾ توهانکي ڪيئن ٿي لڳي-؟

- منهنجي خيال ۾ هر سنڌي محب وطن ماڻهو ٿوري سوچڻ ۽ ذهن تي زور ڏيڻ کان پوءِ هر شيءِ کي صبح جي چٽي روشني وانگر ڏسندو هوندو.
- سنڌ جي هن دانشور عظيم ڏاهي ۽ 'مني مائوزي تنگ' جي ڏاهپ ۽ ورن وکڙن واري جدوجهد پاڪستان عوام تحريڪ کي اقتدار

جي چاڙهي طور ڪتب آڻڻ لاءِ ڪوششون پٽي جي دور اقتدار جي شروع واري ڏينهن ۾ ئي شروع ڪري ڇڏيون هيون.

پر پٽي جي حڪومت ڏهڻ کي هن پنهنجي لاءِ سڏو موقع سمجهندي پنهنجي خواهشن جو کليو اظهار ڪندي، پنهنجي لکڻين ۽ نظرياتي لائين کي پڌيان اُڇلائي، سنڌ دشمن پنجابي- پناهگير، سامراج ۽ قوم دشمن غدار وڏيرن سان سُس پُس ۽ سازشي مهمن ۾ لڳي ويو! چو ته هن پنهنجي ڏاهپ جي ڏاڪن ۽ ڏڻ ۾ اهو ڏٺو ته اقتدار ۾ پاڳي پائيواري ۽ شراڪت لاءِ اهو پهريون شرط هوندو آهي يا اهو پهريون ڏاڪو ٽپندو آهي، جنهن ۾ پنجابي، پناهگير، سامراج، قومي غدار وڏيرن سان سُس پُس، سازباز ۽ سازشون ڪري، ڪنهن نه ڪنهن نموني پاڻ کي مرڪز وارن جي مرضيءَ واري اتحاد ۽ اتفاق سان لاڳاپڻو پوندو آهي.

سو خيرن سان پليجي صاحب به بنا موقعو مهل وڃائڻ جي جمهوريت، مظلوم عوام ۽ مظلوم ماڻهن جي اتحاد جي نالي ۾ ترقي پسنديءَ جي خوبصورت نالي ۾ نقلي ترقي پسندن جي ڇپر جي ڇانوَ ۾ پنجاب جي بالادستيءَ واري مرڪزي اتحاد لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪري ڏنا. ڪيترن مختلف ماڻهن سان اتحاد لاءِ ڳالهيون هلايون. پر هر واري جهيڙو اچي پٽڪي تي ٽپندو هو ۽ اتحاد عمل ۾ نه ايندو هو پر چوندا آهن ته "ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي". سو نيٺ پليجي صاحب واٽ ڳولي ڪڍي ۽ پنجابين سان گڏجي "پاڪستان عوامي تحريڪ" ناهي، پاڻ ان جو جنرل سيڪريٽري ٿيو.

اهڙيءَ طرح پنهنجي پارٽيءَ کي پنجابي پناهگيرن وٽ سرخرو ڪرائڻ لاءِ ۽ انهن جو اعتماد بحال ڪري کين يقين ڏيارڻ لاءِ ته هو به سندن مرڪز مضبوط ڪرڻ واري رٿا پاڪستاني عوام جي اتحاد جو حامي آهي، قومي حقن تان هٽ ڪٽي ٿو انهيءَ لاءِ عملي ثبوت طور پنهنجي پارٽي "سنڌي عوامي تحريڪ" مان لفظ سنڌ ڪڍي

صرف "عوامي تحريڪ" سڏائڻ شروع ڪيو. ڪجھ ڏينھن ان نالي جي تبديليءَ تي عوامي تحريڪ جي حلقن ۾ ڏاڍي ڏي وٺ هلي. بحث مباحثا ٿيا، پر جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. سنڌي عوامي تحريڪ جا ورڪر دانھون ڪري ڪري ڇڏي ويا، جيڪي بيوس هٿا، سي رهيا.

پليجي صاحب جي اقتدار ۾ اچڻ جي اها پهرين رٽا هئي. انهين جي ٻي چال ايم. آر. ڊي جي جدوجهد ۾ بنا شرط شريڪ ٿيڻ هو. جنهن جي هيٺان چار نقطا هٿا:

1. 1973ع وارو آئين بحال ڪريو.
2. 1973ع جي آئين تحت چونڊون ڪرايو.
3. جمهوريت بحال ڪريو.
4. مارشل لا هٽايو.

جنهن ايم. آر. ڊي ۾ بقول (پليجي) سندس لکڻين جي روشنيءَ ۾ سيئي اُهي ڊڪٽيٽر، فاشسٽ، ظالم، قوم دشمن، عوام دشمن، وڏيرا، سامراج دوست، سنڌ دشمن، غدار، چوڌري، نقلي ترقي پسند ۽ موقع پرست، مظلوم قومن جي پٺ ۾ خنجر هڻندڙ اچي ڪٺا ٿيا هٿا ۽ اسان جي محترم دوست پليجي صاحب فوري مقصدن واري انقلابي پاليسي اختيار ڪندي، انهيءَ عوام دشمن ۽ قوم دشمن ٽولي جي ئي مرضي ۽ منشا واري اقتدار حاصل ڪرڻ واري پروگرام تي پاڻ کي انهن جي جهوليءَ ۾ ڪٽي اُڇلايو.

چوندا آهن ته نالو وڏو ڳوٺ سڄو تنهن وانگر ايم. آر. ڊي جو اهو پروگرام اسان سنڌي قوم ۽ سڄي عوام لاءِ سڪٽي سڄ آهي. جنهن پروگرام ۾ اسان جي سيني مظلوم قومن جي حقن جي هڪڙي نالي ماتر گهر به شامل ڪانه آهي. هي اهڙو ئي پروگرام آهي، جهڙو قومي اتحاد جو هو ۽ پنجاب، پناهگير سامراج جي بالادستي قائم رکڻ لاءِ ڪڏهن (D.A.C) ٺڪ جي نالي ۾ نام نهاد ترقي پسندن ۽ رجعت پرستن گڏجي ايوب خان خلاف جدوجهد هلائڻ لاءِ قائم ڪيو هو ۽ وري پٽي خلاف قومي اتحاد جي نالي ۾ نون نامياڻن عوام کي نڪون ناچ نچايو هو.

اڄ اُهي ئي ساڳوٽا ستارا ساڳي ئي طرح مظلوم قومن جو ستياناس ڪرائڻ ڪاڻ ايم. آر. ڊي جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا آهن ۽ هنن جو به پروگرام ساڳيو آهي. ايم. آر. ڊي جو هي اُهو پروگرام آهي، جنهن کي اسان جي سنڌ جو ڏاهو "سنڌي عوامي تحريڪ" واري دور ۾ ڪوڙي جمهوريت، وڏيرڪي ڊڪٽيٽرشپ، قومن سان ويساهه گهاتي ۽ عوام سان چالاڪي چئي، تمام سخت لفظن ۾ جارحانه انداز ۾ رد ڪندي، سنڌي قوم کي اهڙين ظالم، جابر، موقع پرست، مڪار عيار قوتن کان ۽ به مونهين بلائن کان سدائين هوشيار رهڻ، اکيون ۽ ڏهن ڪليا رکڻ لاءِ هدايتون ڪندو رهيو هو.

ور سان وجهيو ويڙ، ڪَر سان ڪلون پائيين،
پوري سنڌ اجاڙ، ڳڙ چڏيو ٿُهه ميڙئين.

اڄ پليجو صاحب پاڻ پنهنجي سڃي پارٽي، همدرد دوستن ۽ ساٿين، جا سيڪڙو وسيلا ڪتب آٽي، سڃي طاقت صرف ڪري ۽ ٽيهن ئي نسن جو زور لائي ايم. آر. ڊيءَ جي پروگرام ۽ ان جي ڳُهرن جي حاصلات ۽ چيلهه ٻڌي جدوجهد جي ميدانِ ڪارزار ۾ ڪاهي پيو آهي. ۽ اڄ پليجي صاحب جي حڪمت عملي، ڏاهپ، ڏانو ۽ سوچ جي سوجهري سنڌي قوم ۽ عوام لاءِ نئين راهه روشن ڪئي آهي. (جنهن موجب تاريخ جي ڦيٽي اُبتو ڦرڻ شروع ڪيو آهي). انهيءَ راهه جي پانڊيئڙن کي ڪلهه جيڪو 1973ع جو آئين زهر قاتل جي پڙي، نئين ون يونٽ جي شڪل قومن سان ويساهه گهاتي، دوکو فريب ۽ چالاڪيءَ جو نئون روپ ٿي نظر آيو سو 1973ع جو آئين ماکيءَ جو مانارو سچ جو سنيهو، مظلوم قومن جي ضرورت، قومي ۽ عوامي برادريءَ جو دستاويز ٿي پيو آهي.

ڪلهه سچ جي سوجهري حقيقت جي حال ۾ جيڪا پُٽي واري نام نهاد جمهوريت، پنجاب جي بالادستي، ظلم، دهشت گردي، فاشسٽ ۽ ڊڪٽيٽريءَ جو هڪ نمونو هئي، سا اڄ انساني حقن جو اهڃاڻ، آزادي ۽ انصاف جي علمبردار بنجي پئي آهي.

ڪلهه جي حساب ۾ پيپلز پارٽيءَ جو وڏيرڪو ٽولو قوم دشمن، عوام دشمن، غدار، وطن فروش، منافق ۽ مڪارن جو ٽولو هو. اڄ نئين دور جي نئين تقاضا موجب اهو ٽولو محب وطن، عوام دوست، قومن جو گهڙ گهرو ۽ ترقي پسند ٿي پيو آهي.

ڪلهه جنهن قلم جي نوڪ منجهان نڪتل لفظن، تحريڪ استقلال جي اصغر خان، پاڪستان جمهوري پارٽيءَ جي نوابزاده نصرالله خان، مسلم ليگ جي خواجه خيرالدين، ملڪ قاسم مزدور ڪسان پارٽيءَ جي فتحياب علي، جمعيت علماءِ پاڪستان جي نوراني ميان ۽ بين کي سامراج جو پٺو چغل خور سي آءِ ڊي جي ايجنٽيءَ جا لقب ڏنا هئا، اڄ اهي نظريءَ ضرورت بنجي، عوام جا اتحادي ٿي پيا آهن.

ڪلهه بزنجو ولي خان ۽ معراج محمد خان، سنڌ دشمن ڏارين جا ايجنٽ هئا، اڄ تاريخ جي تبديليءَ ۾ اهي جمهوريت پسند، ترقي پسند ۽ قومن جا حمايتي بنجي چڪا آهن.

اڄ پليجي صاحب جي نظر ۾ تاريخ جو ڦيٽو اُبتو ڦرڻ شروع ٿيو آهي ۽ جڏهن اِها ٿيٽي ناممڪن تبديلي ممڪن بنجي عمل ۾ آئي آهي، جيئن عام طرح اسان وٽ چوندا آهن:

"جڏهن سج الهندي کان اُپرندو، جڏهن ٻيڙي سُکيءَ تي هلندي، جڏهن مائرون پٽ ڏيڙ بند ڪنديون، جڏهن شينهن ۽ ٻکري گڏ تڙ تي پاڻي پيئندا، تڏهن قيامت ٿيندي، تڏهن قيامت بنهه ويجهي هوندي".

جڏهن اقتدار جي ڦرندڙ ڪرسي پليجي صاحب جي اُتي ويڻي، جاڳندي ۽ سمهندي اکين اڳيان ڦرڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن ئي هن "عوامي تحريڪ" مان ڦيرائي "پاڪستان عوامي تحريڪ" جي نالي ۾ تبديل ڪري ايم. آر. ڊي جي اتحاد ۾ شامل ٿيو آهي.

پليجو صاحب پنهنجي پارٽيءَ کي ان لاءِ ايم. آر. ڊي ۾ ڇڪي آندو آهي ته جيئن پنهنجي مرڪزي طرح جاڙ سجاڙ ڪرائي، حڪومت تبديل ڪري ڏيندڙ قوتن، يعني پنجابي-پناهگير سامراج کي پنهنجي هوشياري ۽ ڏاهپ جا جوهر ڏيکاري پنهنجو اعتماد بحال ڪرائي، جنهن لاءِ هو 1974ع کان سنڌ جي قوم پرست کي غير سائنسي

سوچ رکندڙ ۽ وڏيرو چئي حملا ڪري، سنڌ ۽ جيئي سنڌ جي جدوجهد کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پنهنجي حرفت بازيءَ سان پنجابي-پناهگيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ جتن ڪندي آيو آهي.

پر تنهن هوندي به پنجابي- پناهگير متس ايجا به شڪي نظر رکندي آيا. چوتہ سندس پنجن سالن (1969ع کان 1973ع) واري لائين نظريہ پاڪستان ۽ پنجابي- پناهگيرن جي بالادستيءَ خلاف پئي رهندي آئي هئي.

سو شايد ان ڪري پنجابي-پناهگيرن ايم.آر.ڊي اندر ايجا به سندس وڏيڪ امتحان ونڊ خاطر نظريہ پاڪستان پنجابي- پناهگيرن جي بالادستي قبول ڪرڻ لاءِ ڪيس وڏيڪ چٽو ۽ پڌرو ڪرڻ ٿي گهريو سو ان لاءِ ڪن تار ڪري همراهہ کي لفٽ ئي نہ پئي ڪرايائون. ايم.آر. ڊي اندر مڙئي رڪارڊ جي پورائي لاءِ سنڌي عوامي تحريڪ کي مبصر طور ويهڻ ڏيندا هئا. ان مبصري پليجي پارٽيءَ کي ٻُرڪو مت مان ڪڍي چڏيو ۽ پوئتي نهاري پنهنجي لکڻين ۾ ليئو پائڻ کان لنوائڻ لڳا. جن ۾ پليجو صاحب. جمهوريت ۽ قومي آزاديءَ لاءِ لينن جي مقالن "قومي پاليسيءَ جو سوال ۽ پورهيت بين الاقواميت" مان بحث ڪندي فرمايو آهي تہ:-

لينن ۽ قومي مسئلو

"پورهيت طبقو ان جمهوريت جو مطالبو ٿو ڪري، جنهن ۾ ڪنهن به هڪڙي قوم کي ڪنهن به حڪومت جي حدن اندر زبردستي قابو رکڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿئي". (ص 9)

"ظالم قومن جي مزدورن کي بين الاقوامي اتحاد جي تعليم ڏيڻ مهل انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيڻ کپي تہ انهن پورهيتن جو فرض آهي تہ هو

1969ع کان 1973ع تائين محترم رسول بخش پليجو سنڌ جي قوم پرستن جي واڪاڻ ۾ لڳندو رهيو ۽ سنڌ دشمن پنجابي-پناهگيرن ۽ سندن چاڙڻن جي ساڻين جي ايم. سيد خلاف پروپيگنڈا کي پڻ نندينڈو رهيو

مظلوم قومن جي الڳ ٿي وڃڻ جي آزاديءَ جي وڪالت ڪن ۽ ان لاءِ وڙهن. انهيءَ ڳالهه کان سواءِ قومن جي وچ ۾ اتحاد ٺاهڻ ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسان جو اهو حق ۽ فرض آهي ته ظالم قوم جو جيڪو سوشلسٽ جمهوريت پسند انهيءَ قسم جي تبليغ ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي تو تنهن کي سامراجي ۽ بدمعاش ڪري ليکيون". (ص 171)

"جيڪي ساڻي اهو محسوس نٿا ڪن ته قومن جي الڳ ٿيڻ جي حق کي نه مڃڻ ۽ نڊيين قومن جي قومي تحريڪن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ ڪري هو هڪڙي گند ۾ ڪري پيا آهن. تن جون اکيون تڏهن کلنديون. جڏهن کين خبر پوندي ته اتفاق سان انهيءَ مسئلي تي سندن خيال به اهي ساڳيا آهن. جيڪي سندن قوم جي سرمائيدارن جا آهن". (ص 181)

"جيڪو ظالم قوم جو سوشلسٽ جمهوريت پسند قومن جي الڳ ٿيڻ جي حق کي زبان سان تسليم ڪري ٿو پر ان لاءِ عملي جدوجهد نٿو ڪري سو حقيقت ۾ سامراجي آهي ۽ زار شاهيءَ جو دلال آهي". (ص 187)

"اها تسليم ٽيل ڳالهه آهي ته (ڪنهن مظلوم قوم جي الڳ ٿي وڃڻ جي حقن کان انڪار ڪرڻ معنيٰ ظالم قوم جي حد کان وڌيڪ ڇڪيل چنڊيل رجعت پرستن واري قوم جي هٿن ۾ راندينڪو ٿي ڪيڏڻ)". (ص 11)

"ڪي ماڻهو ستايل قومن جي وڇڻين طبقي جي قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ راندينڪو ٿي ڪيڏجڻ جي ڊپ کان وڃي ظالم قوم جي نه رڳو وڇڻين طبقي جي قوم پرستيءَ، پر انتهائي رجعت پرستيءَ جي هٿن ۾ راندينڪا بنيا آهن". (ص 11)

"مظلوم قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم ڪرڻ لاءِ ظالم قوم جي وڇڻين طبقي وارا جمهوريت پسند ٻڌل نه آهن. اهي اصولي طور به ان کي تسليم نه ڪن ته به وس وارا آهن. پر اسين سوشلسٽ جمهوريت پسند انهيءَ مطالبي کي تسليم ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيون. جيڪڏهن اسين اِها ڳالهه وساري ڇڏيندا سين يا پنهنجي هم وطن روسين جي قومي تعصب جي ڊپ کان ان کي پيش ڪرڻ کان ڏڇنداسين ته پوءِ دنيا جي سوشلسٽ جمهوريت پسندن جو جيڪو

نعرو آهي ته "دنيا جا پورهيتو! پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو". اهو نعرو اسان جي چپن تي ڦري هڪڙو ٻي سرمائي وارو ڪوڙ ٿي پوندو". (ص 11)

"روسي قوم جو جيڪو به مارڪس جو پوئلڳ هڪڙيءَ گهڙي لاءِ به مظلوم يوڪراني قوم جي، روسين سان برابريءَ جي گهر يا سندن روس کان الڳ ٿيڻ جي خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ جي حق کي وساري ٿو سو سڪٽو وچئين طبقي جي روسي قوم پرستيءَ ۾ نه پر بدترين رجعت پرست روسي قوم پرستيءَ جي گنديءَ ڊهڙ ۾ قاسي پوندو". (ص 28_29)

"روز الڪسمبرگ پولينڊ جي ناجائز قوم پرستيءَ جي جدوجهد جي وهڪري طرف ايترو ته لڙهي ويئي آهي، جو ڪيس روسي ڪٽر قوم پرستن جي قوم پرستي وسري ويئي آهي. حالانڪ اها ڪٽر قوم پرستي هن وقت جمهوريت ۽ پورهيت جدوجهد جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي". (ص 70)

"قومن جي علحدگي" جي حق کي رد ڪرڻ جي معنيٰ اها ٿيندي ته ڏاڍي ۽ زوراور قوم، جيڪي خاص رعايتون ڦٻايو ويٺي آهي، ۽ پوليس-راج جا انتظامي طريقا استعمال ڪري ٿي، تن جو بچاءَ ۽ وڪالت ڪريو". (ص 81)

"جيڪي ماڻهو اِهو راڳ آلاپين ٿا ته انقلاب کي فقط وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان خطرو آهي، ۽ انهيءَ ٻهاني قومي جدوجهدن کي نندين ٿا، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي:

"اسان کي سڄي روس (يعني سڄي ملڪ) کي خيال ۾ رکي سياسي مسئلن کي پيش ڪرڻ کپي ۽ روس جي سياست تي روسي قوم جا رجعت پرست ڇانيل آهن. سندن خيال هر هنڌ حاوي آهن. پارليامينٽ، اسڪولن، ديولن، فوجي بيرڪن ۽ سوين هزارين اخبارن ۾ اها ئي وٺ وٺان آهي ته غير روسي علحدگي پسند آهن ۽ الڳ ٿيڻ بابت ٻيا سوچين. زوراور قوم جي انهيءَ قوم پرستيءَ جو اهو زهر سڄي روس جي سياستي ماحول کي زهريلو بنائي رهيو آهي. هيءَ هن قوم (يعني روسي قوم) جي بدقسمتي آهي. جو اها بين

قومن کي غلام بنائي، خود پنهنجو پاڻ رجعت پرستيءَ جو شڪار ٿي رهي آهي.... .قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم نه ڪرڻ جي معنيٰ آهي بدترين موقع پرستيءَ جو شڪار ٿيڻ ۽ پورهيت طبقي کي سندن قوم جي رجعت پرست خيال جي زهريلن جيوڙن جو شڪار بنائڻ". (ص 114)

"جيڪي ماڻهو پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندي خود پنهنجي قوم جي پورهيتن کي اها تعليم نٿا ڏين ته قومي جدوجهد جي پرزور تائيد ڪئي وڃي يا فقط زباني طرح جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا، پر عملي طرح ان جي حمايت نٿا ڪن، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي: "جيڪڏهن ماڻهو پاڻهين ته مارڪسي سياستدان ٿيان ته ان جو فرض آهي ته هو السيس جي باري ۾ جرمن سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪري، چاڪاڻ جو هو السيس کي پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ جو حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد نٿا ڪن. ۽ هن کي فرينچ سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪرڻ کپي، جو هو فرينچ وڇئين طبقي سان ناهه ڪريو وينا آهن، حالانڪ فرينچ وڇيون طبقو السيس کي زوريءَ فرانس سان ملائڻ چاهي ٿو تنهن کان سواءِ کيس پنهي جرمن توڙي فرينچ سوشلسٽ بدمعاشن کي گڏي، مٽن انهيءَ لاءِ حملو ڪرڻ کپي، جو هو پنهنجي پنهنجي ملڪ جي سامراجين جي چاڪري ڀيا ڪن ۽ السيس جي ننڍڙي آزاد خودمختيار حڪومت جي ٿهڙ کان ڇرڪن ڀيا. اهڙيءَ طرح ماڻهن کي ثابت ڪري ڏيکارڻ کپي ته جيڪي سوشلسٽ قوم جي خودمختياريءَ جي حق کي تسليم ڪن ٿا، سي کيئن نه السيس وارن جي مرضي پڇڻ کان سواءِ هن چئن هفتن اندر السيس جو مسئلو حل ڪري سگهن ٿا". (ص 149)

"سوشلسٽن جو فرض آهي ته هو عوام کي سمجهائين ته جيڪو انگريز سوشلسٽ انگلينڊ جي غلام بينڪن ۽ آئرلينڊ جي علحدگيءَ جو مطالبو نٿو ڪري، جيڪو جرمن سوشلسٽ جرمن بينڪن جي جرمنيءَ کان علحدگيءَ جي حق لاءِ مطالبو نٿو ڪري.... جيڪي (ننڍين قومن جا سوشلسٽ) پنهنجي انقلابي تبليغ ۽ انقلابي تحريڪ

کي وڌائي. قومي ظلم خلاف تحريڪ نٽا بنائين. جيڪي روسي سوشلسٽ پوليٽبيورو. فنلينڊ ۽ يوڪرائين وغيره جي روس کان علحده ٿيڻ جي آزاديءَ جي حق جي گهر نٽا ڪن. اهڙا سوشلسٽ ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي چمچا آهن. ۽ متن سامراجين جو وهايل رٽ ۽ ڪِن ٽڪيو پيو آهي."

جيڪي نقلي ترقي پسند چون ٿا ته 'خالص سوشلسٽ' انقلاب لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ اوڄ ۾ ٻيو ڪو به ڏڙو نه وجهو. قومي جدوجهد جو مسئلو ڪڙو نه ڪريو. اهڙن "خالص" سوشلسٽن کي لينن هي جواب ڏنو آهي:

"اهو خيال ڪرڻ. ته سماجي انقلاب بينڪن (ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ملڪن) ۽ يورپ جي قومن جي بغاوت کان سواءِ ئي ايندو يا وهمي ۽ تعصبي چوٽي وچئين طبقي جي ڪنهن حصي جي انقلابي هلچل کان سواءِ ايندو. سياسي شعور نه رکندڙ پورهيت ۽ اڌپورهيت عوام طرفان زمينداران. ملن. پادرين. هانپٽن. پيرن. بادشاهن. قومي ظالمن خلاف تحريڪ کان سواءِ ايندو سو ٽيندو خود سماجي انقلاب کان انڪار ڪرڻ. اهڙن ماڻهن جو خيال آهي ته هڪڙيءَ فوج کي گهرجي ته ڪنهن هنڌ صفون ٻڌي بيهي چوي: "اسين سوشلزم جا حامي آهيون!" ۽ بي هنڌ وري بي فوج قطارون ٻڌي بيهي چوي: "اسين سامراج جا حامي آهيون!" اهڙي ريت سماجي انقلاب اچي ويندو!.... جيڪو به اهڙي 'خالص' سماجي انقلاب جي آس رکيو ويٺو هوندو سو مرٽو مري ويندو سماجي انقلاب اڪثين ڪونہ ڏسندو. اهڙو ماڻهو فقط وات سان انقلابي نڪاءِ ڏئي ٿو. باقي حقيقت ۾ انقلاب ڇا آهي؟ سا ڪيس خبر ئي ناهي." (ص 182)

"جيڪي قومي جدوجهد جي انهيءَ بهاني سان مخالفت ڪن ٿا ته "قومي جدوجهد مان هندستان. روس يا آمريڪا ناجائز فائدو وٺي ويندا. تن کي لينن هي جواب ڏنو آهي: "ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هڪڙي سامراجي قوت خلاف قومي جدوجهد کي بي ان جهڙي ئي سامراجي طاقت پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪندي آهي. ۽ انهيءَ

ڪري سوشلسٽ جمهوريت پسند مظلوم قوم جي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ جي حق ۾ حمايت ڪرڻ کان انڪار نه ڪندا. ائين ته ڪيترا سرمائيدار مڪر ڪري پنهنجي مالي ڦرلٽ لاءِ بادشاهت جي جاءِ تي جمهوريت قائم ڪرڻ جا نعرا استعمال ڪندا آهن. پر انهيءَ ڪري سوشلسٽ جمهوريت پسند. جمهوريت قائم ڪرڻ جي ڳالهه ڪي رد ٿوروئي ڪندا." (ص 130)

"جيڪي چون ٿا ته "قومي جدوجهد هلائبي ته هڪ طرف پنجابي-پناهگير عوام ته ٻئي طرف سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ عوام ٻاڻ ۾ وڙهي پوندا. انهن جي وچ ۾ تفرقو پئجي ويندو ۽ جيڪي قومي جدوجهد جي حق ۾ فقط عام ۽ هوائي جملا ڳالهائيندا آهن. سڪٽي لهاڙ هٽندا آهن ۽ گهر ڪندا آهن ته "قومي سوال کي تيستائين پٺيان رکو جيسين سوشلزم جو بول بالا ٿئي. تن کي لينن جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ ڪپن: "سوشلزم جو مقصد رڳو اهو ناهي ته انسان ذات، جا هينئر ننڍڙين ننڍڙين حڪومتن ۾ ورهائي پيئي آهي ۽ ان جون سڀ قومون هڪ ٻئي کان پري پري ويٺيون آهن، تنهن ڳالهه کي ختم ڪجي. سوشلزم جو مقصد رڳو قومن کي پاڻ ۾ ناهڙ نه آهي، پر سندن مقصد آهي قومن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪرڻ. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي انسان جو فرض آهي ته اسين .... هڪ ڇڻي ۽ ٽُڙ نمونو ناهيل سياسي پروگرام ذريعي مظلوم قومن جي آزاديءَ جي گهر ڪريون. ان پروگرام ۾ انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکڻ کپي ته ظالم قومن جا ڪيترا سوشلسٽ منافق ۽ بزدل ٽيندا آهن. تنهن ڪري ان پروگرام ۾ عام ۽ هوائي جملا نه هجن. سڪٽي لهاڙ نه هجي ۽ ائين نه ڇڄجي ته قومي سوال کي تيستائين پٺيان رکو جيستائين سوشلزم جو بول بالا نه ٿئي. جيئن انسان ذات طبقن جي خاتمي جي منزل تائين پهچندي ۽ اها اُتي فقط تڏهن پهچندي، جڏهن اها مظلوم طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ واري وچين دور مان لنگهي پار پوندي. تيئن انسان ذات به نيٽ آوس ان منزل تي پهچندي، جتي قومون پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ وانگر ملي. هڪ ٻي ويندين. پر ان منزل تي پهچڻ لاءِ لازمي آهي ته پهرين هڪڙي وچين منزل کي

رسجي. اُها منزل اِها آهي ته سمورين ستايلن قومن کي مڪمل نجات حاصل ٿئي. يعني هو پنهنجون الڳ حڪومتون قائم ڪرڻ جو حق ماڻين." (ص 128_129)

"جيڪي سجو ڏينهن رڳو "اقتصادي جدوجهد جو رينگٽ آلاپين ٿا. تن کي مائوزي تنگ جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ ڪپن ته "قومي جدوجهد پس پيش هڪ اقتصادي جدوجهد آهي". لينن چوي ٿو: "پراڻن اقتصاديات پرستن مارڪسي تعليم کي هڪڙو سانگ بنائي پورهيتن کي سيکاريو ته مارڪس جي انقلابي تعليم جي پوئلڳن لاءِ فقط اقتصادي پاسو اهميت رکي ٿو..... پر جيتوڻيڪ سوشلزم اقتصاديات تي ٻڌل آهي، پر اهو فقط اقتصاديات ڪونهي." (ص 147)

"جيڪي چون ٿا ته "قومي مسئلو موجوده جاگيرداري سرمائيداري نظام ۾ ائين ئي حل ڪونه ٿيندو ۽ فقط سوشلزم جي ڪاميابيءَ کان پوءِ ٿيندو" تن کي لينن اِها ڳالهه ياد ڏياري آهي ته "ٻيا سڀ جمهوري مسئلا، چوندون، پريس جي آزادي، ڌارين حاڪمن کان آزادي وغيره سڀ موجوده جاگيرداري سرمائيداريءَ ۾ مڪمل طرح حل ٿي نٿا سگهن، پر ان جو مطالبو اهو آهي ڇا ته انهن مسئلن تي جدوجهد نه ڪجي؟" هو سيکاري ٿو ته "ڪنهن قومي جدوجهد جي سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ڪاميابيءَ جو ڪٽي هزار مان هڪڙو چانس هجي. ته به ان جدوجهد جي حمايت ڪرڻ ڪپي". (ص 172)

"انهيءَ ڪري قومي مسئلي کي سوشلزم جي ڪامياب ٿيڻ تائين ملتوي ڪرڻ هڪڙي بدمعاشيءَ واري چال آهي. تنهن کان سواءِ ائين سمجهڻ ته سوشلزم کان پوءِ ازخود مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ظالم قومن جا پورهيت ازخود اهڙا پاڪ صاف ٿي ويندا، جو سمورن ناجائز فائدن تان ازخود هٿ کڻي ويندا. مظلوم قومن سان مڪمل انصاف ڪندا، سا به غلط ڳالهه آهي. هو لکي ٿو: "سوشلسٽ انقلاب آڻڻ کان پوءِ پورهيت طبقو پوتيءَ پاڪ اولياءَ سڳورو ڪونه ٿي پوندو ۽ نه وري غلطين ۽ ڪمزورين کان آجو ٿي پوندو." (ص 189)

(پهريون ايڊيشن 'صبح ٿيندو' ص 119 کان 128)

پليجي صاحب جي مٿين لکت مطابق ڪنهن هڪ بہ پنجابي-پناهگير يا ايم. آر. ڊي وارين جماعتن مان ڪنهن هڪ جماعت يا ان جي ڪنهن فرد يا ٽولي اهو قبول ڪيو آهي يا ان جي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهي يا ڪنهن ٻئي ترقي پسند وڏي واڪي ظاهر ظهور انهن قومن جي جمهوري گهرن کي تسليم ڪيو يا رڳو زباني طور مڃيو اٿن؟ پر ان بجاءِ مظلوم قومون بلوچ، پٺاڻ ۽ اسان مظلوم سنڌي ماڻهن کي اِها چاڻ ضرور پئي آهي تہ هنن پنجابي-پناهگيرن مٿين قومن جي جمهوري آزاديءَ وارين گهرن کي مڃڻ بدران اڳي جي پيٽ ۾ هاڻي وڌيڪ بدمعاشيون شروع ڪيون آهن ۽ جيڪي مظلوم قومن جا قوم پرست، ترقي پسند قومن جي آزاديءَ جي حقن جي ڀالهہ ٿا ڪن، انهن تي حملا ٿا ڪن. مثلاً سنڌ جي قوم پرست اڳواڻ جي. ايم. سيد ۽ بين پناڻن جي اڳواڻ غفار خان، بلوچ اڳواڻ عطاءُ الله مينگل، سردار خير بخش مري ۽ بين لاءِ چون ٿا تہ پاڪستان دشمن، غدار، ڪافر، عوام دشمن، حڪومت جا ايجنٽ وڏيرا، سردار ۽ خان آهن!

۽ موجوده وقت ۾ پليجو صاحب بہ انهن پنجابي-پناهگيرن سان ٻٽ آهي ۽ پنهنجي قومي آزادي، قومي جمهوريت واري بحث کي برائي سمجهي، پُلائي ڪٽي بس ڪيو اٿس، ۽ نقلي ترقي پسند پنجابي-پناهگيرن جو ٻولائو ٽيو پيو ٻولي ۽ قومن جي آزادي ۽ قومن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندڙ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي جُهلون ڪري چوي ٿو تہ بس ڪيو ڏڙو نہ مڃايو. بس في الحال ايم. آر. ڊي ۽ پيپلز پارٽيءَ کي مضبوط ڪريو پوءِ اڳيان ڏسنداسون. عوامي تحريڪ کي آرڊر ڏئي اٽينشن ڪري ايم. آر. ڊي جي پويان ڪٽي ڪيو اٿس.

جيئن پاڻ وٽ چوندا آهن: "ڄج ۾ سڃاڻن ڪونہ، چي: آئون گهوٽ جي ڀڻي"، وانگر عوامي تحريڪ وارا بہ آڙ ڇڏ ٿي لڳا رهيا آهن، تہ مرڪز تي پهچي دم ٽنگو آهي. پنهنجي ڪارڪنن کي دليل ڏنائون تہ "جلدي ڪريو متان گاڏي ڇُٽي نہ وڃي!" اقتدار ۾ شراڪت جو

موقعو مهل هيءَ آهي. سو اصل اهو موقعو ته کهڙي به نموني هٿان وڃائڻو ڪونهي. انهيءَ ڪري سڄي سنڌ ۾ عوامي تحريڪ کي تحرڪ ۾ آندو ويو.

چئي: ٻين ٻگالهين سيني کي چڏي فوري مقصدن تحت 1973ع جو آئين بحال ڪرائڻو آهي. 1973ع جي آئين مطابق اليڪشنون ڪرائي جمهوريت واپس آڻڻي آهي. ضياءُ الحق کي حڪومت مان ڪڍڻو آهي.

چئي: سنڌي قوم جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام جي چوٽڪاري لاءِ اهي شيون ضروري عمل ۾ آڻڻيون آهن. تڏهن ئي آزاديءَ ۽ انقلاب لاءِ رستو صاف ٿيندو.

باقي هينئر ٻيون ٻگالهيون ڪرڻ في الحال چڏي ڏيو. ملڪ ۾ جمهوريت ۽ آئيني حڪومت اچڻ ڏيو پوءِ اڳتي لاءِ سوچبو باقي هينئر قومي حقن ۽ آزاديءَ جي حاصلات ڏارين خلاف ۽ پنجاب جي بالادستيءَ خلاف شدت سان آواز اُٽارڻ معنيٰ جمهوريت، آئيني حڪومت قائم ڪرڻ ۾ مارشل لا هٽائڻ ۾ رنڊڪون وجهي. ضياءُ الحق جا هٿ مضبوط ڪرڻا ٿيندا. جيڪو ماڻهو ٽولو يا گروهه متئين جمهوريت، 1973ع جي آئين واري پروگرام تي نٽو ٻيهي ۽ ان جي حمايت نٽو ڪري، سو سخت قوم دشمن، عوام دشمن، جمهوريت دشمن، مارشل لا ۽ ملٽريءَ وارن جو ايجنٽ آهي ۽ موجوده سرڪار کي سهارو ٿو ڏئي.

سنڌ ۾ انهي محنت ۽ جفاڪشيءَ تي آخر پنجابي-پناهگير به اهڙا بي قدرا ڪيئن هٿا، سو "پاڪستان عوامي تحريڪ" جي ڪم جو قدر ڪندي، ڪين صوبائي سطح تي نمائندگي ڏنائين ۽ هاڻي پاڪستان عوامي تحريڪ جي رهنمائن کي ايم.آر. ڊي صوبه سنڌ ۾ صوبائي سطح تي باقاعدي ميمبر ڪري رکيو ويو. هاڻي هو باقاعدي ايم.آر. ڊي جي اجلاسن ۾ شامل ٿيڻ لڳا. خير شامل ته هو اڳي به ٿيندا هٿا. پر اڳي وانگر اجلاسن ۾ هو مبصرن واري ماڻ ۾ اڪيون ٽپڻ ۽ ڪنڌ لوڏڻ کان پوءِ ماني کائي به چار لفظ ٻگالهايا. نه ٻگالهائي جهڙا هليا ويندا هٿا. پر هاڻي هنن کي همٿائڻ خاطر چپن چورڻ ۽ زبانن هلائڻ جي به اجازت ملي هئي.

چوڻ جو مطلب ته هاڻي پنجابي-پناهگير سامراج طرفان کين راءِ شماريءَ ۾ حصي وٺڻ جي صوبائي سطح تائين اجازت ڏني وئي. پر ان همت افزائيءَ واري اعزاز ڏيڻ کان پوءِ کين اهو به ذهن نشين ڪرايو ويو ته اوهان جي پارٽي پاڪستان سطح تي نه آهي. لهاڏا توهان کي ايم. آر. ڊي جي مرڪزي نمائندگي ملڻ مشڪل آهي. ان چينب جو اصل مقصد اهو هو ته سنڌي قوم سان ويساهه گهاتي ۽ پنجاب سامراج سان وڌيڪ وفاداريءَ جو ونڊو ثبوت ثابت ڪري ڏيکاريو.

تحريڪ وارا وري هر اجلاس ۾ وضاحتون ڪندا رهيا ته اسان جي پارٽي پاڪستان جي مرڪزي سطح تي قائم ٿيل آهي. البت ڪن مجبورين ۽ مشڪلاتن جي ڪري بين صوبن ۾ اسان پنهنجي تنظيم ڪري نه سگهيا آهيون. اسان کي وقت جي مهلت ڏيو ته عنقريب اسان بين صوبن ۾ به پنهنجي تنظيم ناهي ڏيکاريندا سون.

بهرحال، تحريڪ وارن کي صوبائي سطح تي نمائندگي ملي ته جڏ هنن لاءِ اها وڏي ڳالهه ٿي وئي. مبصريءَ مان ميمبريءَ وڌيڪ سرگرم ڪري ٻين جماعتن کان گوءِ ڪٽڻ لاءِ پنهنجا جذباتي جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا. ايم. آر. ڊي طرفان 1983ع ۾ 14 آگسٽ تي جنرل ضياءَ کي هٽائڻ، 1973ع جو آئين بحال ڪرائڻ لاءِ جدوجهد جو پروگرام رٿيو ويو. ان پروگرام کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جلسن جلوسن ذريعي عوامي راءِ عامه کي هموار بنائڻو هو سو اهو پروگرام ناهي. ٻيون جماعتون ته ٽڏيون ٿي ويون. ويندي پيپلز پارٽيءَ تائين ڪنهن جماعت کو هڪ اڏ جلسو ڪٽي ڪيو هجي ته ٻلي، نه ته چوڌرف خاموشي چانيل هئي. البت پاڪستان عوامي تحريڪ وارا وڻ گهوڙو ٻڌڻ نه ٻيا ڏين. جلسن ڪرائڻ لاءِ سيني جماعتن تي ڇڪ ڇڪان گهير گهيران پئي پين.

نيٺ نه چڏ ٿي تحريڪ وارن بدين، ٽنڊو محمد خان ۾ جلسا ڪرايا. جنهن ۾ ايم. آر. ڊي جي جماعتن جو ڪو خاص ليڊر ته شريڪ ڪونه ٿيو البت محاذ آزاديءَ جو معراج محمد خان ۽ بين پارٽين جا ٽئين نمبر وارا ليڊر حضرات شريڪ ٿي مڙئي رڪارڊ جي پورائي

ڪندا هئا. عوامي تحريڪ جي انهن جلسن ۾ هر هنڌ اسان جي تحريڪي دانشورن، نام نهاد انقلابي استادن، پنجابي-پناهگير سامراجين کي خوش ڪرڻ اڇيان ڏوهه بخشائي اقتدار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنجاب جي سرمائيدارن ۽ جنرلن خلاف گهٽ زبان استعمال ڪرڻ.

پر سنڌ جي قوم پرست رهنما سائين جي.ايم.سيد تي سخت لفظن ۾ حملا ڪري، ڪيس ضياءُ الحق مارشل لاءِ جو يار آمريڪي سامراج جو پٺو ۽ غدار ٿي ٺهرايو.

مٿين جلسن مان هڪڙي جلسي جو سربستو احوال توهان جي لاءِ رکان ٿو:

ٽنڊي محمد خان پرسان 17 جولاءِ 1983ع تي ڳوٺ علي خان جلالاڻيءَ ۾ تحريڪ طرفان هي جلسو منعقد ڪيو ويو. ۽ ايائي هزار سنڌي ماڻهو جلسي ۾ مقررين کي ٻڌڻ لاءِ ويٺل هئا. اسٽيج تي معراج محمد خان، فاضل راهو ۽ ٻين پارٽين جا پنجابي-پناهگير ڏاڍي شان شوڪت سان جلوه افروز هئا. تقريرون شروع ٿيون، پنڊال ۾ نعرا گونجڻ لڳا: "جيڪو آمريڪا جو يار آ، جيڪو مارشل لا جو يار آ، جيڪو وڏيرن جو يار آ، سو غدار آ غدار آ!!"

هڪ ٻن مقررن کان پوءِ اسٽيج تان اعلان ٿيو: اسان جو بهادر جيالو (S.S.T) بدين جو رهنما جناب عبدالله ملاح توهان کي پنهنجي خيالن کان آگاهه ڪندو. محترم عبدالله ملاح پنهنجي تقرير شروع ڪئي. بنگال ۽ بلوچستان جي قتل عام جو ذڪر ڪيو. ايوب جي مارشل لا جو ذڪر ڪيو. يحييٰ کان ٿيندو سڏو اچي جي.ايم.سيد تي بيٺو. چئي: اهو ظلم سيءِ جي. ايم. سيد ڪرايو آهي (پنجاب، نه ملٽري، نه پٺو نه وڏيرا)، وڏي ۾ وڏو ڏوهاري جي. ايم. سيد آهي. هر دور ۾ جمهوريت جو قاتل ۽ مارشل لا جو ايجنٽ رهيو آهي". مطلب ته جتان ٿي آيو اُتان ٿي ويو.

مٿان وري سون تي سهاڳي جو ڪم سپاف ۽ ايس ايس ٽي جي ويٺل سنڌي نوجوانن ٿي ڏنو جن غليظ ڪريل ۽ واهيات قسم جا نعرا ٿي هنيا. جلسي ٻڌندڙن ۾ سنڌ هاري ڪ. ٻڌيءَ جا ورڪر سڏايل هئا.

اُنهن کان اِهي ڳالهيون برداشت نہ ٿيون ۽ جلسي ۾ افراتفري شور شرابي جو ماحول پيدا ٿي پيو. راقم عبدالله ملاح جي تقرير جو جواب ڏيڻ لاءِ ڳالهائڻ جي گهر ڪئي. ڪجهه ليڊرن اِهو چئي ته هِتي ڳالهائڻ صرف ايم. آر. ڊي وارن کي ڏنو ويندو ناڪار ڪيو. ماحول ڏاڍو خراب ٿي لڳو. نيٽ فيصلو ٿيو ته راقم کي ڳالهائڻ ڏنو ويندو.

راقم (صوفي حضور بخش) اسٽيج تي پهچي، پنهنجي تقرير شروع ڪئي: هن چيو ته "ڏاڍي افسوس ۽ ڏک جو مقام آهي، جو اسان جي پاڪستان عوامي تحريڪ جا دوست پنجابي-پناهگيرن کي اسٽيج تي ويهاري، سنڌين جي جلسي ۾ سنڌ جي قومپرست رهنما سائين جي.ايم. سيد کي ڪچيون گاريون ڏئي پنهنجون مارکون ٿا وڌائين-! سنڌ جا ماڻهو هنن کان پڇڻ ٿا گهرن ته اڄ 1973ع جو آئين ڪيئن مقدس دستاويز بنجي ويو آهي-؟ اڄ 35 لک بنگالي عوام 25 هزار بلوچن جي قاتل رهزن جنرل ٽڪا خان جا مظلوم قومن جي رت هاڻا هٿ ڪيئن توهان جي هٿن ۾ اچي اتحاد جي علامت بنيا آهن.

اڄ ڪيئن اصغر خان، نصرالله، خواجه خيرالدين، ملڪ محمد قاسم ۽ ٻيا پنجابي- پناهگير، جن ضياءُ الحق کي خط لکي توهين زاريون، آزيون نيزاريون، گهر ڇڇيڑ ۾ وجهي مارشل لا مڙهڻ جون دعوتون ڏنيون ۽ پنهنجي ساڻ جويڪين ڏياريو. انهن ئي ليڊرن پٽي کي سرعام ڦاسي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. نہ صرف ايترو پر ان کي عملي جامو پهرائي پوءِ دم پٽيو.

۽ اڄ به اُهائي ايم.آر. ڊي آهي، جيڪا بهارين کي سنڌ ۾ آڻڻ جا مطالبا پئي ڪري سو اڄ. اهي قومن جا قاتل، عوام دشمن، رجعت پسند، سامراج نواز بدنام زمانہ سي آءِ اي جا ايجنٽ ۽ مقتول سيڪ ڪير ڪنڊ ٿي، اقتدار جي حاصلات لاءِ ٻيا لچو پچو ۽ ڪوڙي ۽ قاتل جمهوريت جي نالي ۾ عوام کي، مظلوم قومن کي گمراهہ ڪيو. اوهين سڀئي انقلابي، باقي جي.ايم.سيد ٿيو مارشل لا جو ايجنٽ، عوام دشمن، جمهوريت جو قاتل-!! جيڪو پنهنجي اٽل اصولن تي قائم رهيو آهي ۽ رهندو آيو آهي.

بس، راقم جي تقرير هلندي هڪڙا پنجابي-پناهگير جلسي مان واڪ آئوٽ ڪري ٿي ويا. انهن کي ايڏا ميزبان پرچائي اسٽيج تي وٺي ٿي اچي ويهاريو ته وري ٻيو پنجابي-پناهگيرن جو ٽولو اهو چئي، جلسي مان واڪ آئوٽ ڪري ٿي ويو: **"صوفي همارے ليڈروں کے خلاف باتين کر رہا ہے ہم یہ سب کچھ برداشت نہیں کر سکتے"**۔

انهي پنجابي-پناهگيرن جي اُٺ ويهڻ، رسڻ پرچائڻ دوران پنجابي-پناهگيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ سپاف ۽ ايس ايس ٿي جي ورڪر خنجر ۽ پستول ڪڍي راقم کي اسٽيج تان لهي وڃڻ لاءِ ٿي چيو. ڪيترن وري راقم کي تقرير جاري رکي ڳالهائڻ لاءِ ٿي چيو! سو صوفي ان افراتفريءَ ۾ مٿي جاٽايل سپ ڳالهيون ڪري، آخر ۾ اهو چئي تقرير ختم ڪئي ته اوهان جنهن جمهوريت لاءِ جدوجهد پيا ڪريو سا به اهڙي هوندي نه، ته توهان پلي جيئن وٽيو تيئن ٻين جي خلاف ڳالهيون ڪريو. باقي ٻئي کي ڳالهائڻ کان زبردستي روڪيو.

صوفيءَ کان پوءِ پاڪستان عوامي تحريڪ جي نمائندي تقرير ڪئي، جنهن پڻ اهڙائي گل اُڇلايا. چيائين: "صوفي مارشل لا جو ايجنٽ آهي؛ پئسا وٺي اسان جو جلسو ڦٽائڻ آيو هو."

جلسي جي مهمان خاص پناهگير، راقم جي تقرير جو جواب ڏيندي چيو ته بهاري مظلوم آهن ۽ بي گهر، دربدر ۽ پريشان آهن، ايم. آر. ڈي لاڳيتو انهن کي پاڪستان ۾ گهرائڻ لاءِ حڪومت کان گهرون ڪيون آهن، پر اسان حڪومت کان اهو به مطالبو ڪيون ٿا ته بهارين کي گهرائي سنڌ صوبي ۾ نه، پر پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ آباد ڪيو وڃي. سنڌ ۾ اڳئي ٻاهران آيل ڪافي تعداد ۾ ورسايا ويا آهن."

سو اهڙيءَ طرح تحريڪي سنڌي ماٺهن جا عام ميڙ گهرائي پنجابي-پناهگيرن کي اسٽيج تي ويهاري سنڌي قوم پرستن تي حملا ڪري کين گهٽ وڌ ڳالهائي پاڻ کي پنجابي- پناهگيرن وٽ سرخرو ڪندا پنهنجا نمبر وڌائيندا رهيا.

سو انهن ڊرامن کان پوءِ 14 آگسٽ تي جلسا جلوس شروع ٿيا ۽ گرفتارين جو سلسلو شروع ڪيو ويو. سنڌ ۾ جلسن جلوسن جي ابتدا ۾ ئي تشدد پڙڪي اُٿيو.

جن وڏيرن، سرڪاري سمجهوتي بازن اهو سمجهيو هو ته "مڙئي خير جهڙي ڳالهه" آهي، هو پڙامن ۽ چار گرفتارين ڏئي پنهنجو مقصد ماٽي ونڊندا. پر ان جي اُبتڙ ٿيو. پنجاب جي بالادستيءَ خلاف سنڌي ماڻهن جي اندر ۾ پلجندڙ نفرت، موٽ ۾ پنجابي حڪمرانن طرفان ٽيندڙ بي انتها تشدد، سنڌي قوم جي ڪاوڙ کي ڏهائڻ بجاءِ باهه تي پيٽرول وارو ڪم ڏنو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنڌي ماڻهن جا هٿين خالي مڇريل هجوم پنهنجي ڏرتيءَ جي ننگ ناموس جي جنگ سمجهي، ميدان ۾ نڪري پيا. سنڌي نوجوان، ٻيڙا، ٻار ۽ عزت پريون عورتون پنجابي فوجين جي بندوقن جو بک بنجنديون رهيون. سنڌين جي ڳوٺن تي بمباري ڪئي وئي، گهرن کي باهيون ڏنيون ويون، ڳوٺن جي ناڪ بندي ڪري سنڌين جو پاٽي، ڪاڏو خوراڪ بند ڪئي وئي ۽ چادر ۽ چوديواريءَ تان چرچا ۽ چٽرون ڪري، سنڌي عورتن جي بيحرمتي ڪئي وئي. سنڌ ڏرتي پنجابي فوج جي ٻاريل ان تشدد جي بي انتها باهه ۾ پڙڪا کائڻ لڳي. سنڌ جي ڏرتي ۽ سنڌي ماڻهو پنجاب جي وحشي فوجي درندن جي لانگ بوٽن هيٺان چيپاٽجي چڇرجڻ لڳا. ان ريٽي رت جي راند ۾ ۽ ڪربلا واري ڪارزار ۾، هر باشعور سنڌيءَ محسوس ڪيو ته ايرانين، عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن، احمد شاهه ابدالي، شاهه شجاع، مدد خان پٺاڻ ۽ انگريزن جو تاريخي تشدد، ظلم، بربريت وارو جبر جاڳيو پيو آهي، ساڳئي ظلم جي تاريخ دهرائجڻ لڳي آهي. اهو ئي سوچي، هر سنڌي ماڻهو پنهنجي ان تاريخي تسلسل کي برقرار رکڻ لاءِ مقتل گاهه جي ميدان ڏانهن ٽي ڊوڙيو:

"ڪو ڪيئن نه ڊوڙي مقتل ڏي،
آ رت ۾ خوشبوءِ ميندي جي." (ايار)

سنڌين جي ان هٽڻ هٻڪڻ واري هل ۾: شهيد ڏاهر، دودو دريا خان، مخدوم بلاول، شاهه عنايت، لطيف، سچل، هوشو هيمون ۽ بلو پنهور جا روح راڳا ڪندا رهيا.

1973ع جي آئين جي بحالي، پنجاب جي بالادستيءَ کي جمهوري شڪل ۾ قائم ۽ برقرار رکڻ واري هن غلط مقصدن قومي عوامي خودڪشيءَ تي مبني اقتدار پرست ٽولن طرفان هلايل هن تحريڪ ڦري سنڌين جي عزت، غيرت، ننگ ناموس ۽ وجود جي بقا جي جدوجهد جو رخ اختيار ڪري ورتو آهي.

مرڪز جا رياستي ادارا سنڌي ماڻهن جا خاص نشانا هئا. بئنڪون سڙڻ لڳيون، ريلوي اسٽيشنن کي تباهه ڪري ريلوي پٽڑيون اکوڑيون ويون. ڪورٽن تي حملا ڪري، انهن جا رڪارڊ ساڙيا ويا، جيلن جا دروازا ٽوڙي قيدي آزاد ڪرايا ويا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهريون پيرو سنڌي ماڻهن پنجابي فوج سان دوبدو مقابلو ڪيو.

مطلب ته موقع پرستن، سودي بازن، وڏيرن، چوڌرين طرفان غلط بنيادن تي هلندڙ هي تحريڪ سندن هٿن مان نڪري سنڌي ماڻهن جي چڙوچڙ، بي ترتيب ۽ بي قاعدي (پنجاب جي بالادستي خلاف) جدوجهد جو رخ اختيار ڪري وئي، جنهن کي پنجابي حڪمرانن پنهنجو بي انتها تشدد استعمال ڪري، ڪچلي ڇڏيو هو. هزارين سنڌي نوجوان، ٻڌا، ٻار ۽ عورتون پنجابي فوجين هٿان تشدد، ذلالت سهي، فوجي ڪورٽن کان ڏٽڪن سان گڏ سالن جون سزائون ٻڌي، پنجاب خلاف شديد نفرتن جا پاندار پري اچي جيل ۾ واڙيا هئا.

اِها حالت ڏسي، مرڪز پرست جماعتن جا ليڊر ۽ سندن پورڙا هولينڈ ورڪر چون، ظلم تي ويو. آمريڪا ڦري ويو آمريڪا دوکو ڪيو ۽ غداري ڪئي. دوکي دولاب تحت صوبائي حقن جي ڳالهه ڪندڙ نام نهاد ترقي پسندن جون نظرون ايجا تائين پنجاب ۾ ڪتل هيون ته پنجاب ايجا به اڏندو نه ته سندن ڪاريت تي وڃي.

پشتونن ته بلور واري ڪانفرنس ۾ ئي جڙ جواب ڏياري موڪليو هو ته هو ان تحريڪ ۾ شامل نه ٿيندا. پر پوءِ مڙئي نالو ڦٽائڻ لاءِ وينا هئا. بلوچستان وارا ته اڳئي 1973ع جي آئين ۾ پنجاب واري جمهوريت جو تجربو ڪندي. پنجويهه هزار بلوچ مارائي. انهيءَ ٽڪا خان جي ٽولي هٿان گهر. مسيت ڪرائي چڪا هئا. انهيءَ لاءِ ته چوندا آهن ته "آزمائي کي آزمائي. ڏوڙمنهن ۾ پائي".

سو بلوچ 1973ع جي نام نهاد جمهوريت واري ڏوڙ پائڻ لاءِ تيار نه هئا. هونئن به بلوچن جا حقيقي ليڊر سردار خير بخش مري ۽ عطاءَ الله مينگل جلاوطن هئا ۽ ان ايم. آر. ڊي جي پروگرام جي سخت مخالفت ٿي ڪيائون. باقي ويچارو بزنجو (آهي ماسي ورائي ڪيڏي مهل پنهنجي ڪيڏي مهل پرائي) سو پهرين ته چيائين: ايم. آر. ڊي ۾ قومي حقن جو ڪو به پرگرام وغيره ڪونهي. ان لاءِ هو اهڙي اتحاد ۾ ڪڏهن به شامل ڪونه ٿيندو پر جڏهن سنڌ ۾ تحريڪ جو زور ڏٺائين ۽ پانيائين تہ اِجهو ڏو اقتدار ملي (۽ آئون وري ڏو گورنريءَ جا مزا ماڻيان) سو هڪدم بغير ڪنهن دم پٽڻ جي. اصل آ ڪٽي ايم. آر. ڊي ۾ ڪيائين. پر بلوچ. بزنجي کي ڪتان ٽا قبول ڪن. سو هن ويچاري پاڻ به گرفتاري ڪراچي ليارياءَ مان ڏني.

باقي رهيو پنجاب ته ان جي حاڪمن سان وفاداريءَ جي تاريخ 1857ع ۾ آزاديءَ واري لڙائيءَ کان شروع ٿي. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ تي اچي ٿي ختم ٿئي. آخر اڳئين گذريل وقت ۾ هاڻوڪي 40 سالن جي تاريخ ۾ حڪمران سامراجي ٽولن سان وفاداريءَ کان سواءِ سڄي تاريخ ۾ ڪٿي به مظلوم قومن سان ٿيندڙ تباهين تي ڪو ڪجهڻيءَ جو اظهار ملڻ بدران هو خود ئي ته ان ڏوهه ۾ شامل رهيا آهن.

"جهان خان" جي انصاف وانگر. سو پنجابين مارشل لا کي ظاهر ظهور پنهنجي ڪليل حڪومت ٿي سمجهيو ۽ جيڪڏهن هنن کي ان سول روپ ڏيڻ جو سوچيو به ڪٽي هو ته هاڻي ان سوچ ان فيصلي تان پوئتي هٽي ويا هئا. سي خالي سنڌي ماڻهن تي ٿيندڙ

تشدد جو تماشو ڏسي خاموش تماشائي بنيل هئا. پنجاب جي چرپر ۾ نه اچڻ ڪري.

اقتدار جي آسري ۾ آسوند. موقع پرست ليڊر ۽ سندن ڏهلاري حضرات ۾ ڏينهون ڏينهن مايوسي ۽ بيچيني وڌندي وئي ته مار پيٽيان. اقتدار جي شراڪت لاءِ سنڌي ماڻهو به قتل ڪرايا سون. پر پنجاب راضي نه ٿيو. پر هنن کي ايجا به ڪو پنجاب مان آخري اميد آسرو هو. جو روزانه نوان بهانا. نيون تاويلون ڪري جيل اندر پيا ترڪتال ڪندا هئا. جيلن ۾ هزارين قيدي هڻڻ ڪري جڳي مندلي متل هئي. ڪچهريون. فنڪشن ۽ دعوتون روز جو معمول بنجي ويو هو. انهن دعوتن ۾ هرڪو پنهنجي راءِ رکندو هو جنهن تي بحث مباحثا ٿيندا هئا.

پ پ. پاڪستان عوامي تحريڪ. قومي محاذ آزادي. بي. اين. پي. سنڌ وطن دوست (هاڻي خالي وطن دوست). اين. ڊي. پي ۽ ٻيون مرڪزي پاڪستاني پارٽيون. جن جو هڪ هڪ نمائندو جيل اندر اچي ڪجهه گهٽ ڪجهه وڌ. پر هولي سيني جي ساڳي هئي. سيني هڪڙي سر ۾ ٽي ڀڳيو. شهيدن جي صف ۾ پاڻ کي شامل ڪرايو هئائون. ڪو به پنجاب کي ڏوهاري ۽ استحصالي ٺهرائڻ لاءِ تيار ڪونه هو.

ڪي نام نهاد ترقي پسند چوندا هئا ته پنجاب جو نه اُٽڻ به سامراج جي سازش آهي. ڪي دليل ۾ چوندا هئا ته پنجاب ۾ ايم. آر. ڊي جي ليڊرن کي پير کوڙڻ ڪين ڏنا ويا. صوبي بدريءَ جي حڪمن ڪري ليڊر پنجاب ۾ تحريڪ منظم نه ڪري سگهيا.

انهن اُوت پٽانگ بحثن ۾ جيڪڏهن ڪو چوندو هو ته ميان سامراج جي سازش سنڌين تي ڪانه هلي. هلو مجيوسون ته پنجاب ۾ تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ٿي. پر ڪراچي شهر ته ايم. آر. ڊيءَ جي ليڊرن جو هيڊڪوارٽر بنيل هو جو هيڏي ساري شهر ۾ پنجابي. پناهگير ۽ پٺاڻ خاموش رهيا؟ جڏهن ته پٽي خلاف قومي اتحاد جي تحريڪ ۾ سڄي ڪراچي رستن تي نڪري آئي هئي. روز ڪرفيو پهيا جام (ڦيٽابند) هڙتالن جو سلسلو اڻڪٽ ٿي هليو. جيستائين پٽو لٽو نه

انهن دليلن تي همراهه ڏکا ٿي. اُبتيون سبتيون ڳالهيون ڪري چپ ٿي ويندا هئا. ٽيٽ قومي بحث وڌيو پنجاب نه اٿيو تحريڪ ڏڏي ٿي وئي. تڏهن ليڊر ۽ ورڪر اچي مايوس ٿي جذباتي ٿيا. سو هاڻي همراهن اچي هل هنگامو ڪيو. پنجاب کي بليڪ ميل ڪرڻ جي لائين کي وڌيڪ شدت سان شروع ڪيائون. چئي: پنجاب اسان جو وڏو ياءُ آهي. انهيءَ کي ننڍن پائرن جو ساٿ ڏيڻ کپي. جيڪڏهن پنجاب نه اُٿندو ته وفاق کي خطرو آهي. پوءِ پاڪستان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو. اسان ان کي بچائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهنداسون. پاڪستان دشمن "جيئي سنڌ" وارا اسان کان زور ٿي ويندا. يا وري جذباتي ٿي چوندا هئا: اسان کي اهڙو ظلمستان نه گهرجي. اسان پاڪستان توڙي ڇڏينداسين.

عجيب غريب ڳالهيون. جن جو ڪن نه پڇ. چونداآهن: "وهي نه وهي. وٽ رينگٽ ڪي!" سو هي به رينگٽ لايو ٿي آيا اِن آسري ۾ ته اڄ ٿو پنجاب اٿي. سيارٽ ٿو پنجاب اٿي. انهي انتظار ۾ نهارنديءَ نهارندي همراهن جي اکين ۾ پڇيون پئجي ويون. پنجابين کي کهڙي آگوٽي تي پئي هئي. جو پنهنجن جي خلاف تحريڪ هلائين. هاڻي همراهه چون ته رڳو جيلن کان ٻاهر نڪرون ته خبر پوي.

هاڻي سڄو زور اچي بينو هو جيلن کان ٻاهر نڪرڻ تي. سنڌ ۾ گرفتارين ڏيارڻ ۾ پيپلز پارٽيءَ کان پوءِ ٻئي نمبر تي عوامي تحريڪ پنهنجي عوام کي گرفتار ڪرائي. ايم. آر. ڊي ۾ مارکون کٽڻ لاءِ انگن اکرن جي پورائي ڪئي.

سنڌ جا ماڻهو هميشه ڪوڪلن نمرن ۾ جذباتي سياست جو شڪار ٿيندا پئي رهيا آهن. مثلاً پاڪستان ٺهڻ وقت به هنن پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ جناح سان ڪي به شرط طئي نه ڪيا ۽ بنا سوچ سمجهه جي. سندس حمايت ڪري غلط سياست جو شڪار ٿي ويا.

ٻئي جي وقت ۾ به عقل کي استعمال ۾ نه آندائون ۽ پنهنجي قومي حقن جي ڪا به چٽائي ۽ انهن جي تحفظ متعلق ڪي به شرط ڪي به ڳالهيون ڪونه ڪيائون. اٽين ڪٽي سندس حمايت ڪيائون.

ايم. آر. ڊي جي غلط قومن کي تباهه ڪندڙ سياست جي باهه ۾ اڪيون پوري ڪٽي ٽهڻائون ۽ سنڌ متعلق ڪجهه [illegible]

سنڌي ماڻهن جو جذباتي جوش هونئن ب عروج تي هو عام ماڻهو گرفتاريون ڏيڻ لاءِ اصل چپڻيءَ تي تيار ٿيو بيٺو هو. رڳو ساٿين کو صلاح ڪري سمجهائي اڳيان ڪرين. سو سنڌي ماڻهن جي انهيءَ جذبات مان عوامي تحريڪ وارن خوب فائدو ورتو ۽ جهرن جهنگن مان راڄن کي راهه لاتو. هاري ناري ڏراڙ ڏوپار ۽ ننڍا وڏا آل عيال سميت ڏرائي ڪٽي جيل پيڙا ڪيائون.

انهن قربانين جو معاوضو وصول ڪرڻ ۽ پنجابي- پناهگيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ عوامي تحريڪ جيلن ۾ ب پنهنجي ورڪرن واتان سنڌ جي قوم پرستن تي جهلون ڪرائيندا رهيا. حيدرآباد جيل ۾ هڪڙي ورڪرن جي گڏجاڻيءَ ۾ ايس. ايس. ٿي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر مير پرڳڙي پنهنجي تقرير ۾ سائين جي. ايم. سيد خلاف ڪريل نموني جا جملا چيا، جنهن تي ڏري گهٽ جهيڙو ٿي ٿيو پر پوءِ ڪجهه ماڻهو وچ ۾ پيا ۽ جهيڙو ٽريو. سو اهڙيءَ طرح ايم. آر. ڊي جي ڊرامي جو پهريون ڏيڪ ناڪام ٿي پورو ٿيو. هاڻي ليڊر حضراتن، جنرل ضياءَ کي پاڪستان ۽ اسلام جا واسطا ڏئي افهام تفهيم، امن آشتي ۽ اسلامي پائيچاري وارو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ اپيلون ۽ بيان جاري ڪرڻ شروع ڪيا. جنرل ضياءُ الحق کي پاڪستان بچائڻ جون ڳالهيون ٻڌائي. ڳالهيون ڪرڻ لاءِ گذارشون ۽ عرضداشتون پيش ڪيون. پر هن مرد مومن پنهنجا ٻيا پوئلڳ هٽ ڪيا هئا، مسلم ليگ ۽ جماعت اسلاميءَ کي ويجهو رکيائين ۽ هنن همراهن کي چيائين ته پلي سوچيو ۽ سنجيده ٿيو پوءِ سوچيندا سين.

مطلب ته سڀ اپيلون ٽپيلون رد ڪندي همراهن کي ڪنگهيائين ب ڪين. چيائين: في الحال پنجاب جي ضرورت خاطر ماڻهو موجود

اڄ وري ب بي بي بينظير جي پنجاب جي بالادستي واري چٽي ڏڙي پٽ پيل موقع پرستيءَ واري لائين جي پويان ڪنن تان وار واريو اکيون پوري ۽ وات سبي، سنڌي قوم جي تقدير سندس حوالي ڪئي پئي وڃي.

آخر ڪيستائين اهي عقل جا انڌا قومي غدار اسان جي مظلوم قوم جي ماڻهن کي تباهيءَ جي

آهن. توهان جي ضرورت ڪانهي. جڳهيون خالي ٽيون. ڪم سولو نه هليو ته پري ڪونه آهيون. ڪٽي نه ڪٽي توهان جون خدمتون حاصل ڪبيون. گهرج مطابق ڪتب آڻي ويندا. هينئر وڃي آرام ڪريو ۽ ٽڪ پيجو.

تحريڪ جي شروع ڪرائڻ ۾ آمريڪا ۽ ڪجهه جرنيلن جو هٿ هو. ان جي پڇاڙيءَ ۾ واضح تصديق ٿي وئي: جنهن جو تذڪرو

پاڪستان اندر اقتدار جي منتقلي ۽ تبديلي آمريڪي سامراج ۽ سندس پلو پنجاب سامراج جي ڳڏيل ڳٺ جوڙ ۾ مرضيءَ سان ٿيندي رهي آهي.

مذڪوره سامراجي قوتون پنهنجي داخلي ۽ خارجي مفادن کي مدنظر رکي پنهنجي مصلحت تحت حڪمت عملي جوڙيندڙ آهن. جنهن مطابق ڪڏهن مارشل لا جي ڏنڊي ۽ بندوق جي زور تي ڪنهن پنجابي جنرلن جو تولو سڌيءَ طرح پنجاب پاران حڪومت هلائيندو آهي ۽ جڏهن پاڪستان جون مظلوم قومون ۽ ماريل ماٺو جنرلن جي ان اڪهاڙي تشدد ۽ آمريت خلاف نفرتن جا پاندار ڪٿي تنگ ٿي ڪجهه ڪرڻ لاءِ ڪر موڙيندا آهن. تڏهن وري ٻه سامراجي تولي جي پالڙيل نام نهاد ترقي پسند ۽ رجعت پسند سول چيلن ۽ چمچن جي ليڊران واري فوج ۽ ڪجهه جرنلن کي پنهنجي آقائن کان اشارا ملندا آهن ۽ اهي ليڊر حضرات ان وڏندڙ عوامي نفرت جي اڀواڻي ڪندي جدوجهد جي حقيقي رخ کان ماٺهن کي موڙ ڪارائي ڪوڙي راهِ جو ڪوڙو ڏونگ رچائي اڳتي ايندا آهن ۽ وري سول روپ ۾ ڪوڙي جمهوريت جا ڪوڙا پتلا. قومن جا قاتل ڪرسيون سنڀالي. عوام جا اهنج دور ڪرڻ جون دعوائون ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح پاڪستان اندر اهو چرخو لڏندو رهندو آهي. ڪڏهن اُبتو ته ڪڏهن سڌو. تاريخ جون گذريل سڃاڻپون وقت گذرڻ سان ڪنهن نه ڪنهن نموني اڃيان ايندڙيون آهن.

تازو پيپلز پارٽيءَ جي دانشور سابق وزير خزانه ڈاڪٽر مبشر حسن بيان ڏنو آهي ته ايوب خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ چار آمريڪي اينٽيليجنس جا نمائندا آڻ جي پنجاب جي ڪنٽرول روم ۾ موجود هٿا. جن مان هڪ وائرليس جو ڪنٽرول سنڀالي رهيو هو ۽ بيا ٻه پنهنجو ڪم ڪري رهيا هٿا. ڪنهن کي خبر ڪونهي ته ايوب خان آمريڪا جو خاص ماٺهو هو. وري يحييٰ خان ويهاريو ويو. ان کان پوءِ ٻٽو صاحب کي حڪومت ۾ آندو ويو.

هر باشعور ماٺهوءَ کي خبر هئي ته ٻٽو آمريڪا ۽ پنجاب جو نمائندو آهي. پر جڏهن ڪيس قومي اتحاد ۽ جنرلن جي هٿان لهرايو پٽي ويو ته هو اسلام آباد جي گهٽين ۾ رڙيون ڪندو دستاويز ڏيکاريندو چوندو رهيو: "سامراجي منهنجي خون جا پياسي آهن. مون کي ختر ڪرڻ ٿا. پٽي کان پوءِ ضياءَ جو وارو آيو پر آمريڪا ۽ پنجاب وچ ۾ پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪري ويو. هاڻي سڀئي جماعتون پنهنجي آقائن آمريڪا سامراج ۽ پنجاب سامراج جي هر طرح خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ آتيون آهن. ڏسون ته ڪنهن کي ٿو وارو

اين. ڊي. پي جي مرڪزي رهنما عابد زبيري حيدرآباد جيل مان لکيل هڪ خط پر ڪيو آهي ـ! اهو خط ملڪ جي سيني اخبارن پر شايع ٿيو ۽ تحريڪ ختم ٿيڻ تي سنڌ جي گورنر جنرل عباسي، جنرل سوار خان ۽ جنرل اقبال کي چٽي ڪرائي گهر پيڙو ڪرايو ويو.

آمريڪا پنجاب ۽ جنرل ضياءُ الحق جي ٽولي کي پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ وڏيڪ ڪارائتو ٿي سمجهيو ان ڪري تحريڪ هلندي پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪري ضياءُ الحق جي حق پر فيصلو ڪيو.

ايم. آر. ڊي جي تحريڪ، عوامي تحريڪ ٻيو جوڙ مٿايو ۽ ٽئين جنم پر پاڪستان عوامي تحريڪ بنجي سياست جي اکاڙي پر سامهون آئي. ان ٽئين جنم جي خوشيءَ پر ايم. آر. ڊيءَ پنهنجي پشاور واري اجلاس پر ڪيس مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبري ڏني.

پنجاب جي وڪالت لاءِ وڏيڪ سهولت ۽ سرگرميءَ سان ڪر ڪرڻ لاءِ چڪ هنئي ۽ پٽا ٽپريا. هاڻي پليجو پارٽي تيزيءَ سان ترقيءَ جون راهون طئي ڪندي اقتدار جي آسپاس واري چاڙهيءَ جي ڪنهن نامعلوم ڏاڪي تي اچي پهتي آهي ۽ سنڌي عوامي تحريڪ مان هاڻي پاڪستان عوامي تحريڪ بنجي اڳتي وڌي رهي آهي.

بهرحال، صاحب اتي بس ڪري، تڏهن ٻه سنڌي ماڻهن لک ڪٽيو پر اقتدار جي آنڊ ماندَ ۽ لوڻ پوڻ ڪيس صحيح سوچڻ ئي نٿي ڏئي. ٻڱيئن جي ڊور وانگر "ادا ڪوڙا رڻ دا واهي"، "جيڏانهن ڪنڊ تيڏانهن پنڊ" ڪٽي ڪيو. اصل پر ٻه ور وڪڙ ڪونه ٿو ڪائي.

(دنيا جي تاريخ تي نظر ڪري ڏسجي تو ته تاريخ دان، دانشور، محقق، فيلسوف ۽ ڏاها وڏي غور فڪر ۽ سوچ وبچار کان پوءِ پنهنجي قومن ۽ انسان ذات لاءِ ڪا نئين ڳالهه، ڪو نئون فڪر، ڪو نئون نظريو ۽ ان تي هلڻ لاءِ ڪو نئون رستو ۽ راهه ٻڌائيندا آهن. ته پوءِ ڪين پنهنجي ان يقين واري سچائيءَ تان حاڪمن جون هزار لالچون، لوڀ ۽ ظلم ۽ تشدد ٻه هٿ ڪٽائي نه سگهندو آهي. هو ان سچائي جي ثابتيءَ لاءِ قتل گاهه ڏانهن قصد ڪندا آهن. "سوريءَ جا سينگار" ٽيندا آهن، زهرن جا پيالا ماڪي ۽ مڌ سمجهي پي ويندا آهن، پر پنهنجي سچائيءَ

واري نظريي تان هڪ پل لاءِ به پاسيرو ٽيڙ لاءِ تيار نه هوندا آهن ۽ پوءِ اهڙن انسانن جو اِهو نظريو ۽ فلسفو پنهنجي قوم ۽ انسان ذات لاءِ آزادي ۽ چوٽڪاري جو پيغام بنجي ويندو آهي ۽ پوءِ غلام قومون ۽ ماريل ماڻهو انهن عظيم انسانن جي سچائيءَ واري مشعل جي سوجهري ۾ پنهنجي راهه ۽ رستي جو تعين ڪري اڳتي ۽ اڳتي وڌندا ويندا آهن. اهڙن بهادر ۽ سچار انسانن جي علم جي ڪيل کوجنا ۽ هڏايل ڳالهه ڪڏهن به فنا نه ٿيندي آهي.

نسل به نسل تباهه ٿيل قومون ۽ عذابيل انسان پنهنجي نئين دور جي تقاضا موجب ان سائنسي علم ۽ ڏاهپ جي فلسفي ۾ مسلسل واڌارا ڪندي نيون ڳالهيون شامل ڪندا، پنهنجي ايندڙ نسلن کي منتقل ڪندا رهندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح اِهو سلسلو جاري آهي. جاري رهندو ۽ جاري رهندو ايندو).

پليجي صاحب پهرين جن کي ڪوڙ ڪپت، دوکو دولاب چئي خوار ڪيو تنهن ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ، هي **"اصل ته وڃ"** ڏاهو پنهنجون سڀ ڏاهپون هيئن ٿو استعمال ڪري، مثال طور ڪتاب "صبح ٿيندو" ۾ جيڪو قومي مسئلي تي بحث ڪيو اٿس، پاڻ لکي ٿو:

"جيئن قزاق "سوين سال" وسي سامراج ياران يورپ ۽ ايشيا جي مظلوم قومن لاءِ جلاد **بنيا رهيا**، تيئن پنجاب جي مسواڙي فوج ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم قومن لاءِ انگريز سامراج جي پگهاردار جلاد بني رهي. پنجابي جاگيردارن انگريز پرستيءَ ۾ **"فنا في الانگريز"** جو مرتبو وڃي حاصل ڪيو.

1857ع واري هند پاڪ آزاديءَ جي جنگ ۾ پنجابي جاگيردارن ۽ پنجاب مان پرتي ڪيل مسواڙي فوج بدترين عوام دشمن ۽ وطن دشمن ڪردار ادا ڪيو. پنجابي نوجوانن کي انگريز وٽ وڪٽي جاگيرون ۽ لقب ونڊ. پنجابي جاگيردارن ۽ زميندارن جو پيشو ٽي پيو. انگريز پرستيءَ ۾ پنجابي جاگيردارن ۽ زميندارن پنهنجي هولي. پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تاريخي ورثي کي وڪٽي چڏيو. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مثال هجي، جنهن ۾ ڪنهن قوم پنهنجي رضا

خوشيءَ، بلڪ وڏي فخر سان پنهنجي هزارين سالن جي تاريخي ورثي کي ائين ترڪ ڪيو هجي.

پنجاب جي نفري تعداد ۽ انگريز سامراج سان سازباز ڪري حاصل ڪيل ترقيءَ سبب پنجابي قوم پاڻ کي پاڪستان جو "اصلي تي وڏو" مالڪ سمجهي ٿي ۽ پاڻ کي مسلمان ملڪن جي جاگيردارن، شيخن ۽ بادشاهن جو ليبر ڏسڻ چاهي ٿي ۽ اهڙي ريت پنجاب جا جاگيردار ۽ نوان اُپرندڙ سرمائيدار نه رڳو پاڪستان، پر سمورن مسلمان ملڪن کي پنهنجو جائز ۽ حلال شڪار سمجهن ٿا. پنجاب جو نقلي ترقي پسند، پنجابي جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقي جي انهن ساڳين مقصدن کي ٽوريءَ ردوبدل سان ۽ پنهنجي طريقي سان پورو ڪرڻ گهري ٿو.

پنجابي- پناهگير زميندارن، سرمائيدارن ۽ وچين طبقن جو پس منظر مختلف آهي ۽ سندن وچ ۾ ڪيترين قومي رڪاوٽون آهن، پر هڪڙي ڳالهه تي هو سڀ متفق آهن. اها هيءَ ته پاڪستان جي مظلوم ۽ پوئتي پيل قومن سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن کي ڦرڻ، لٽڻ ۽ غلام بنائڻ سندن پيدائشي حق آهي. سندن مختلف ٽولا آهن، ڪي پنهنجو اهو حق قرآن ۽ حديث، قائد اعظم جي فرمودن ۽ اقبال جي تعليم وغيره مان ثابت ڪن ٿا. پنجابي پناهگير نقلي ترقي پسند ٽولو ساڳيو اهو حق ڪميونسٽ پڌرنامي مان ثابت ڪرڻ گهري ٿو ۽ مارڪس، اينجلس، لينن ۽ مائوزي تنگ کي پنهنجو شاهد ورائي ٿو. انهن سَندن ۽ نعرن جي اختلاف کان سواءِ بنيادي طور منهنجو کو به اختلاف ڪونهي". (صبح ٽيندو ص 93_94)

"اهڙي طرح پليجي صاحب پنجابي- پناهگيرن جي تاريخ ۽ شجرو بيان ڪيو آهي. پنجابي پناهگيرن طرفان ٽيندڙ قومي استحصال ۾ حاڪم ٽولن سان گڏ هنن جي هر ننڍي کان وڏي فرد کي ان قومي ظلم ۽ جبر ۾ شامل ڪيو آهي، ۽ ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ دنيا

نوٽ: وڌيڪ معلومات لاءِ توهان پليجي صاحب جا ڪتاب "ڏراڻن جا ڏڪ" ۽ "صبح ٽيندو" تفصيل سان پڙهو. اسان به انهن مان اڳيان هلي وڌيڪ ٽڪرا آسناسون (مصنف)

جي مختلف ملڪن ۾ ايندڙ انقلابن جي گذريل ۽ هاڻوڪي تاريخ ڏهرائي اٿس، جنهن ۾ مختلف ملڪن جي طاقتور قومن جا ڪمزور قومن تي حملا ڪري انهن جي وسيلن تي قبضا ڪري انهن کي غلام بنائڻ جو ذڪر ڪيو اٿس.

۽ ان قومي غلامي بيڪيت جي باري ۾ دنيا جي مڃيل انقلابي اڪابرن ۽ دانشورن استادن جو اختيار ڪيل موقف سيني ڪتابن، خطن ۽ مضمونن منجهان تاريخ وارا حوالي ڏئي مظلوم محڪوم قومن سان ٿيندڙ حاڪم قومن جي ظلم ۽ استحصال کي ثابت ڪيو اٿس ۽ قومن جي آزاديءَ ۽ ڇوٽڪاري واري ويڙهه لاءِ حاڪم قومن سان وڙهڻ جو رستو ٻڌايو اٿس.

۽ انهن نام نهاد نقلي ترقي پسند ڪوڙن ڪميونسٽن پنجابي پناهگيرن ۽ سندن پالیل ٻولائو سنڌي طوطن جي قومي مسئلي بابت بي ايماني، دغابازي ۽ ويساهه گهاتيءَ جا وکا پڌرا ڪندي، هنن کي به انهي صف ۾ بيهاريو اٿس، جنهن ۾ رجعت پرست، چوڌري، ملان، وڏيرا، پير، غدار قوم دشمن ۽ عوام دشمن پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ مظلوم قومن جي حق خوداختياريءَ کان انڪاري آهن، باقي فرق صرف اهو آهي ته هي اسلام پاڪستان ۽ مرڪز مضبوط جي نالي ۾ انڪار ٿا ڪن ۽ هو نام نهاد نقلي ترقي پسند وري سوشلزم ڪميونزم انساني برابري، پائيچاري، مزدور مزدور ۽ پاڻ ۾ پاڻ، هاري مزدور اتحاد ۽ دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو جهڑا پُرڪشش نعرا ٻڌائي، قومن جي حقن کان انڪار ٿا ڪن.

پليجي صاحب اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جيڪي نام نهاد نقلي ترقي پسند ظالم قوم جي عام ماڻهن کي مظلوم قومن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڦرلٽ مان آجو ڪري ڏوهي رڳو حڪمران ٽولن کي ٿا ٺهرائين، اها سراسر دوکيبازي ٿا ڪن ۽ حاڪم قوم جي شاونزم جو شڪار ٿي، ان جي دلالي ۽ وڪالت ٿا ڪن، جڏهن ته حاڪم قوم جي حڪمرانن طرفان ٿيندڙ مظلوم محڪوم ۽ غلام قومن جي ڦرلٽ منجهان حڪمران قوم جي عام ماڻهوءَ کي به حصو پتي ملي ٿو.

پر هاڻي سوال اهو ٿو اچي ته پليجو صاحب پاڻ هينئر ڪيتري حد تائين پنهنجي مٿئين نقطه نظر تي ثابت قدم ٿي بيٺو آهي؟ ته ان جو جواب آهي بلڪل نه. بلڪ صفا ان جي اُبتڙ ٿي بيٺو آهي.

پليجو صاحب پنهنجي مٿئين لڪٽين جي هر ست جي هر لفظ تان هٽ ڪٽي، موقع پرستيءَ جي ڏاڙهه ۾ وڃي ڦاٿو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ان ڏاڙهه ۾ سوگهو ٿيندو ٿو وڃي. جيئن مٿي بيان ٿي آيو آهي ته پليجي صاحب 1973ع جي آئين بابت جيڪي برايون بيان ڪيون ۽ ان تي صحيون ڪندڙ بلوچ ۽ پشتونن کي غدار ۽ مودودي۽ جو مريد سڏيو ۽ هاڻ پاڻ اُنهن براين کي سونو تاج سمجهي ڪٽي سر تي رکيو اٿس. تيئن ساڳي نموني "ڏراڙن جا ڏڪ" ۽ "صبح ٿيندو" ڪتاب ۾ بحث واري نظرياتي لائين تان هٽ ڪٽي، سچ کي سوريءَ چاڙهي پاڻ وري وڃي پنجاب سامراج جي جهوليءَ ۾ جهڪيو آهي ۽ پاڻ به اهوئي ڪردار ادا پيو ڪري، جيڪو هن کان اڳ پاڪستان جا ٻيا نام نهاد نقلي ترقي پسند پنجابي- پناهگير يا قومي غدار وڏيرا ۽ ٻيون رجعت پسند جماعتون ادا ڪنديون آيون آهن.

موجوده وقت ۾ پليجو صاحب سنڌي مظلوم قوم جي هڪ سياستدان يا فرد جي حيثيت ۾ پنجابي قوم جي ظلمن جي ڳالهه ڪرڻ کان ئي نابري واري هڪ لفظ به زبان تي آڻڻ لاءِ تيار ڪونهي. سندس به اهائي ٻولي آهي، جيڪا بي نظير، جتوئي، خواجه خير الدين، اصغر خان، نصرالله، ملڪ قاسم، نوراني، پروفيسر غفور، جام ساقي، اعزاز نظير ۽ ٻين جي آهي.

توهان ڏسندؤ ته سنڌ اندر ۽ پاڪستان جي ٻين مظلوم قومن بلوچ ۽ پشتونن ۾ 1977ع کان پوءِ قومي تضاد وڌيڪ شديد ٿي اُپري مٿي آيو آهي ته انهيءَ ڪري جيڪو ڪالهه نام نهاد نقلي ترقي پسندن ۽ رجعت پرست جماعتن ۾ ظاهري ويجهو ٿي نظر آيو سو اڄ جڙ ختم ٿي چڪو آهي. جيئن اڳتي رڳو ترقي پسند، طبقاتي مسئلو ڪٽندا هئا ۽ چوندا هئا ته پوري دنيا ۾ صرف به طبقا آهن، هڪڙا استحصالي ۽ ٻيا

استحصال جا شڪار ٿيندڙ مزدور هاري، قوم يا قومي جبر تہ ٿيندوئي ڪونهي. سيني ماڻهن سان سندن مٽيان طبقا ظلم ڪن ٿا، ان ڪري پنجابي پاڻ ظلم جو شڪار مظلوم آهن.

اهڙيءَ طرح هن وقت جماعت اسلامي، تحريڪ استقلال، جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ ٻيون سيئي رجعت پرست جماعتون چون ٿيون، تہ سنڌ ۾ ماڻهو چون ٿا، تہ پنجاب مٿن ظلم ٿو ڪري، اهو غلط مفروضو آهي. سرڪار سامراجين طرفان اُتاريل پروپيگنڊہ آهي. جمهوريت دشمن سرڪاري ايجنٽن طرفان پکيڙيل شوشو آهي. اصل ۾ پنجاب ۾ چوڌري ظلم ٿا ڪن. پنجابي پاڻ مظلوم آهن. ان ڪري جاگيرون ختم ڪريو، زمينون ورهايو سرداريون ختم ڪريو جمهوريت ۽ آئين بحال ڪريو تہ قومي نفرتون ختم ٿي ويندیون.

ميان غلام مصطفيٰ ڪر، شيخ رشيد ۽ لنڊن مان بيان جاري ڪري قومي حقن جي ڳالهہ ڪندڙ جماعت ڪنفيڊريشن جي مخالفت ۾ چون ٿا تہ ان جي مذمت ڪئي ويڄي، اها پاڪستان ٽوڙڻ جي ڳالهہ آهي. پنجاب خلاف نفرتون ڦهلائڻ ۽ پائرن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي سازش آهي. وڏيرن جي پاڙ پٽيو تہ معاملو ئيڪ ٿي ويندو.

مطلب تہ قومي شدت جي طوفان کي منهن ڏيڻ ٿڏو مائو ڪري پنجاب جي بالادستيءَ کي بچائڻ لاءِ رجعت پسند جماعتن جا سيئي چوڌري چلم داد زميندار مها انقلابي بنجي پيا آهن. ٽڪا خان، اصغر خان ۽ ملڪ قاسم پارا بہ سنڌي مسڪينن تي ٿيندڙ وڏيرن جي ظلم جي پيڙا ۾ پار پيا ڪين. سنڌي مسڪينن جي جهوريءَ ۾ جهجي اچيو وڃين تہ سنڌي هارين تي زميندارن جي ظلمن جا خواب ڏسي چرڪ پريو جاڳيو پون.

ان کي چوندا آهن "جهوري جهڙ جي موسو مکڙ جو".

مظلوم يا ظالم قوم جي ماڻهن طرفان صرف طبقاتي راڳ آلاپڻ ۽ قومي آزادي ۽ قومي حقن کان نٽائڻ بابت لينن جي لکڻين مان پليجو صاحب بحث ٿو ڪري تہ:

"الڳ الڳ قومن ۾ الڳ الڳ قومي مفادن جو وجود هڪ تاريخي حقيقت آهي. قومي جدوجهد نه رڳو جائز پر اڻ ٽر ۾ انقلابي آهي. اها رڳو وڏيرن ۽ سردارن کي فائدو ڪانه ٿي رسائي، پر سموري انقلابي عوام کي فائدو رسائي ٿي. اڄوڪي دور ۾ ته عالمي انقلاب جو سارو دارومدار ئي مظلوم قومن جي جدوجهد تي آهي. قومن جي وجود ۽ قومي جدوجهد جي اهميت کان انڪار ڪرڻ ۽ رڳو طبقاتي جدوجهد جو راڳ آلاپڻ، انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس، لينن، استالن، هوچي منه، ڪم ال سنگ وغيره جي تعليم ۽ عمل جي سنگين خلاف ورزي ۽ انقلاب دشمن حرڪت آهي. ان جو انقلابي نظريي سان ڪو واسطو ڪونهي".

(3) "دنيا جا پورهيت پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويجو". اهو هڪ خاص تاريخي دور جو نعرو آهي، جنهن جي بدليل تاريخي حالت ۾ اها محدود ۽ تنگ معنيٰ هرگز ناهي. جيڪا سوا سؤ سال اڳ هئي. جيڪي ماڻهو ان هوندي به قومي جدوجهد کي فضول، نڪمو ۽ انقلاب دشمن سمجهن ٿا ۽ قومي جدوجهد جي حمايت نٿا ڪن. قومن کي پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن حڪومت ۾ رهڻ يا الڳ ٿي پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ جو حق نٿا ڏين، تن کي لينن پورهيت طبقي سان غداري ڪندڙ پنهنجي قوم جي ظالم رجعت پرستن جو هٿ نوڪيو پورهيت اتحاد جي نعري کي شرمناڪ ڪوڙ بنائيندڙ پنهنجي قوم جي رجعت پرست قوم پرستيءَ جي گندگيءَ ڏانهن ۾ ڦاسندڙ بدمعاش، بزدل ۽ منافق "سوشلسٽ" ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي چمچو "سوشلسٽ" سڏيو آهي. هو پنهنجي مقالن "قومي پاليسيءَ جو سوال ۽ پورهيت بين الاقواميت" ۾ لکي ٿو ته:

"عوام وڏيرڪي سستي ۽ ڳهر مان سجاڳ ٿئي ۽ قومي ظلم خلاف ۽ قومي خودمختياريءَ واسطي جدوجهد ڪري، اها ڳالهه ترقي پسند آهي". (ص 30)

"هر ڪنهن مظلوم قوم جي وڇڻين طبقي جي قوم پرستيءَ ۾ ۽ هڪڙو عام جمهوري مواد هوندو آهي، جيڪو ظلم جي خلاف ڪتب ايندو آهي. اسين ان مواد جي بنا شرط جي تائيد ڪريون ٿا." (ص 52)

"مارڪس جي انقلابي تعليم جا پوئلڳ جيڪڏهن جمهوريت ۽ پورهيت طبقي سان غداري ڪرڻ نٿا چاهين، تہ پوءِ سندن لازمي فرض آهي تہ هو قومي سوال جي هڪ خاص گهر جي ضرور حمايت ڪن. اها گهر آهي قومن طرفان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جي حق جي گهر. يعني سياسي عليحدگيءَ جي گهر".(ص 8) (صبح ٿيندو 117_118_119)

اڄ وري پليجو اهي ڳالهيون وساري مٿي ڏنل پنجابي- پناهگيرن واري لائين سان ڳنڍيل بيان پيو ڏئي.

پليجو صاحب جڏهن جيل ۾ هو تہ ڪيترن يارن جو اهو خيال هو تہ هو جڏهن ٻاهر نڪرندو سنڌ جون حالتون ڏسندو تہ سندس قومي غيرت ضرور جوش ۾ ايندي ۽ هو هيڏي ساري قومي جبر تي چپ رهي خاموشي اختيار نہ ڪندو ۽ مجبوراً ڪيس سنڌين جي حقن تي هلائون ڪندڙن خلاف سخت لائين وٺي پوندي، پر انهن يارن جو خيال صرف خيال ئي رهجي ويو! ۽ پليجي صاحب جيل مان نڪرڻ شرط جيڪو پهريون بيان ڏنو تنهن ۾ چيائين تہ "هو 1973ع جي آئين لاءِ جدوجهد ڪندو ۽ "ايم. آر. ڊي ڪي وڌيڪ" فعال ۽ مضبوط ڪندو ۽ پيپلز پارٽيءَ ۽ بي نظير جي حمايت ڪندو".

جيل مان نڪرڻ کان پوءِ سندس پهريون جلسو ٺٽي شهر ۾ 13 جون تي ٿيو. جنهن ۾ خطاب ڪندي (بيواهہ مائي جي لطيفي وانگر سپ واعدا پورا ڪري ڇڏيائين)، چيائين تہ:

"ايم. آر. ڊي جي تحريڪ دوران ڇڻي صوبن قربانيون ڏنيون آهن، خاص ڪري پنجاب سامراج جي وڪالت ڪندي چيائين تہ پنجاب جي عوام جمهوري جدوجهد ۾ شاندار قربانيون ڏنيون آهن. پاڻ اکين ڏٺو شاهد بنجي بيٺوا! ڇڻي، هن پنهنجي اکين سان پنجاب جي جيلن ۾ پنجابي نوجوانن، عورتن ۽ پورهيتن تي تشدد ٿيندي ڏٺو آهي ۽ انهن کي ڦٽڪا کائيندي ڏٺو آهي."

پنجاب جيڪي قربانيون ڏنيون آهن، ملڪ جي هر ننڍي وڏي فرد کي خبر آهي تہ سنڌ ۾ باهہ ٻري ۽ لاهور مان نڪرندڙ چند نوجوانن جي جلوس کي پنجابين جوتن جا هار وجهي سرگس گهمائي، ضياءُ الحق زنده باد جا نعرا ٿي هڻايا. پر پليجي صاحب کان هتي پنجاب جي قربانين بابت ڪنهن سوال پڇيو جو هروپرو ڪٽي پنجاب جي واکاڻ شروع ڪيائين ـ! هتي تہ ذڪر ٿيڻ کپندو هو موري ميهڙ دادو خيرپور ناٿن شاهہ ۽ لاڙڪاڻي جو جتي ڏاتيئڙا پٽ ڏول ڪنا آهن. گهر اُجڙيا آهن. سنڌي سهاڳڻين جي سينڌ اٽيي ڪئي وئي آهي. ٻچا يتيم ٿيا آهن ۽ ٻيا بي سهارا ٿيا آهن.

هتي ذڪر ٿيڻ کپندو هو پنجابي ملٽريءَ جي اُگهاڙي تشدد ۽ بربريت جو جن جي لانگ بوٽن ۽ سنگينن جو جن سنڌي ڏرتيءَ جي سپوتن جا سينا پروڙ ڪيا آهن.

پليجي کي ذڪر ڪرڻ کندو هو پنجاب جي عوام جي بي حسي ۽ حاڪم قوم جي شاونزم جو جنهن ۾ پاڪستان جي چالیهن سالن جي تاريخ ۾ پنجابي عوام جو ساڻ پنهنجي حڪمران ٽولن سان ئي رهيو آهي.

بنگال جو قتل عام هجي يا بلوچن جو سنڌين کي سنگسار ڪيو وڃي يا سندن وجود متايو وڃي. پنجابي هميشہ خاموش، ڏاندارءَ جيڏا ڏند ٽيڙي، پنهنجن جي ظلمن جي حمايت ڪئي اٿن. نہ ڪي مظلوم قومن جي قتل عام خلاف روڊن تي نڪري پنهنجي قوم جي ظالمن کي روڪيو اٿن. پر پليجي کي شاباس هجي، ان کي چوندا آهن "ڪٽيو تہ گهوريو پر مٺا وڃايئي مُور". سو پليجي صاحب پنجابين کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌين جي تازن زخمن جون پٽيون ڪرڻ بدران انهن تي لوڻ هرڪڻ شروع ڪيو.

پليجو صاحب ڪمال شاهہ پاڙي جي جنهن ميدان ۾ جلسي کي خطاب ڪري رهيو هو اُتان صرف چند قدمن تي توڙهي ڦاٽڪ جي سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ نوجوان مالڪ خشڪ جو گهر هئو. مالڪ جي ياٿرن جا پليجي صاحب سان هونئن بہ ذاتي ۽ سماجي لاڳاپا بہ آهن. پر مٽس پنجاب جو ڪو ايڏو اثر چانيل آهي. جو ان ٻڙ کان

مالڪ خشڪ جي تڏي تي لنگهي ڪونہ ويو تہ متان پنجابي ڪاوڙجي نہ پون. (جڏهن تہ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي فاتحہ ممتاز پٽي، بزنجي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي بہ ڪئي، پليجي لوٽو بہ ڪونہ ڦيرايو). سو جلسو پورو ڪري اکيون پوري وڃي پنهنجي گهر جنگشاهي پيڙو ٿيو.

سنڌ مان جلدي پليجو صاحب پنجاب جي مهرباني مڃ لاءِ روانو ٿيو تہ جيڪو ڪجهہ هو پنجاب لاءِ ڪري رهيو آهي، ان جي انعام ۾ مهمانيون ۽ مرحبائون حاصل ڪري پاڪستان ۾ نالي وارو ليڊر سڏجي.

رجعت پرست پنجاب جي نسل پرست رجعت پرست ليڊر حضرات ۽ هيا ٽولا تيار هئا. ۽ جيئن ئي پليجو صاحب پنجاب پهتو تہ سندس مان ۾ (پي ڊي پي) نصرالله گروپ، تحريڪ استقلال، مسلم ليگ (خواجہ خير الدين گروپ) قومي محاذ آزادي ۽ بين پنجابي وڪيلن، اديبن دعوتون ۽ عشائيہ منظم ڪيا. انهيءَ آڏاوا جي عيوضي جو مطلب پليجي صاحب خوب سمجهيو ٿي. سو پاڻ بہ موٽ ۾ پنجاب قوم جي نيڪي، رواداري ۽ پائپيءَ جا گيت ڳائي زمين آسمان هڪ ڪري چڏيائين. پر هن کان اڳ قومي ظلم بابت حاڪر قوم جي هر نندي وڏي غريب شاهوڪار جي سوچ بابت ۽ انهن جي ترقي پسندن تي مظلوم قوم جي وڪالت ڪري مظلوم قوم جي ڪليءَ طرح مدد ڪرڻ بابت بحث ڪندي، پاڪستان جي پنجابي-پناهگير نقلي ترقي پسندن جي موقع پرستيءَ کي خوب نديو ائس. پاڻ لکي ٿو:

> "نقلي ترقي پسند، سنڌ دشمن ٽولي تي "عوام" جي مقدس چادر وجهي، ان کي معصوم ۽ پوتيءَ پاڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏ تہ قومون ۽ عوام ڪڏهن بہ ظالم نہ ٿيندا آهن! مارڪس، لينن، استالن ۽ ماترزي تنگ هميشہ ظالم ۽ مظلوم قومن جي فرق کي نہ رڳو مڃيو ۽ تسليم ڪيو آهي، پر هنن هڪ ترقي پسند جي سيڙپ ۽ پرک جي ڪسوٽي ئي اها ٺهرائي آهي تہ جڏهن سندس قوم

ظالم آهي ته ان کي ظالم چئي ٿو يا نه؟ نه رڳو ايترو پر هو پنهنجي ظالم قوم جي خلاف پيڙهيل قوم جو ساٿ ڏئي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن هو مظلوم قوم جو فرد آهي ته هن جو هڪ ترقي پسند هجڻ جي حيثيت ۾ اهو فرض آهي ته پنهنجي قوم جي جدوجهد ۾ پرپور ساٿ ڏئي ۽ ان جي لاءِ هر قرباني ڪري جيڪو ماڻهو انهيءَ کان ٿي پوروناهي ۽ ظالم قوم جو فرد ٿي ڪري پنهنجي قوم کي ڏوهي نٿو ٺهرائي ۽ ان تي پردو ٿو وجهي، چشم پوشي ٿو ڪري ۽ مظلوم قوم جو ڪلم ڪلا ساٿ نٿو ڏئي ته پوءِ نه اهو مارڪس جي پيروي ڪندڙ آهي، نه لينن، استالن ۽ مائوزي تنگ جي. هو مصنوعي مارڪسي ۽ ڪوڙو ڪميونسٽ آهي، ڪيس ترقي پسند سڏائڻ جو ڪو به حق نه آهي.

مارڪس جرمن هو سندس جرمن قوم جڏهن 1848ع ۾ اٽليءَ جي قوم سان ڪوڙو تڪرار ڪري ان کي دٻايو تڏهن اٽليءَ وارن کي چيو ته انهيءَ تڪرار ۾ (جرمن ترقي پسند) جيڪا روش اختيار ڪنداسين، تنهن باري ۾ ڪو به شڪ نه هڻڻ گهرجي، اسين اٽليءَ جي آزاديءَ جي حمايت ڪنداسون.

اٽلي توڙي جرمني ۽ پولينڊ ۾ (پنهنجن) آسٽريائي جرمنن سان موتمار مقابلو ڪنداسون. اسين (جرمن ترقي پسند)، توهان اٽليءَ جي قوم وارن ڏانهن پائپيءَ وارا هٿ وڌايون ٿا ۽ توهان کي ثابت ڪري ڏيکارڻ چاهيون ٿا ته توهان جي قوم تي (اسان جا) جرمن حاڪم جيڪو ظلم ڪري رهيا آهن، تنهن ۾ اسين سنڌن حصيدار ٿيڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيون. اسين مطالبو ڪنداسين ته وحشي آسٽريائي (جرمن) فوج فوراً اٽليءَ مان واپس گهرائي وڃي. ۽ اٽليءَ جي عوام کي حق ڏنو وڃي ته هو

جهڙي نموني چاهين. تهڙي نموني حڪومت قائم ڪن...." *(مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط ص 46)*

جڏهن 1870ع ۾ جرمن قوم بسمارڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرانس جي سرحدن ۾ داخل ٿي. تڏهن مارڪس جي ساٿين. ليبنيڪ ۽ ببيل. جرمن پارليامينٽ اندر ڪلم ڪلا تقرير ڪري. پنهنجي قوم کي نندیو ۽ اعلان ڪيو ته اهو فرينچ قوم سان ظلم آهي. هنن جرمن مزدورن کي هدايت ڪئي ته هو فوج ۾ پرتي نه ٿين. انهن تقريرن جي ڏوهه ۾ پنهي تي غداريءَ جو مقدمو هلائي. کين جيل ڏياريو ويو.

جڏهن 1867ع ۾ آئرلينڊ جي محب وطن انقلابين کي انگلينڊ خلاف بغاوت جي ڏوهه ۾ سزائون آيون. تڏهن مارڪس جي اڳواڻيءَ هيٺ انگلينڊ جي ترقي پسندن لنڊن ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجي قوم يعني انگريزن جي خلاف مظلوم آئرلينڊ جي حق ۾ زبردست مظاهرا ڪرايا ۽ اعلان ڪرايو ته انگريز قوم کي ڪو به حق نه آهي ته آئرلينڊ کي غلام رکي. *(چونڊ خط ص 194 ۽ ٻيا)*

"مارڪس ۽ سندس ساٿي زندگيءَ تائين انهيءَ اصول تي ڪاربند رهيا. ۽ ظالم قوم کي ظالم چوندا ۽ انهن جي مخالفت ڪندا ۽ مظلوم قوم کي مظلوم چوندا ۽ انهن جي حمايت ڪندا رهيا. مارڪس جي نظر ۾ مزدور طبقو سڀ کان وڌيڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند ٿئي ٿو پر هن جڏهن محسوس ڪيو ته انگلينڊ جو مزدور به مظلوم قوم جو پوريءَ طرح طرفدار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي. تڏهن انگريز مزدور طبقي جي مذمت ڪيائين ۽ چيائين ته انگلينڊ جو مزدور به سرمائيدار مزدور آهي." *(چونڊ خط ص 110)*

قوميت جي مسئلي تي لينن جي تعليم ۽ عمل جو ڳوڙهو مطالعو ڪبو ته ڏسبو ته دنيا جي قومن جي برابريءَ جي علمبردار هجڻ سان گڏوگڏ هن ظالم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ سدائين فرق ڪيو ۽ مظلوم

قومن جي حمايت ڪيائين. انقلاب کان پوءِ نهايت ناسازگار حالتن ۾ ڪٿن مشڪلاتن جي باوجود، هو سختيءَ سان ننڍين قومن جو حمايتي ۽ روسي ناجائز قوم پرستيءَ جو زبردست مخالف رهيو. روسي سلطنت جي فن لينڊ صوبي جي سرمائيدار طبقي، حالتن جو فائدو وٺي ڪميونسٽن جو ڪوس ڪرايو. لينن باوجود ان جي، کين گهر ويٺي آزاديءَ جو پروانو ڏياري موڪليو. هن اسٽالن ۽ جرجنسڪي جهڙن ننڍين قوميتن جي ڪميونسٽن کي ٻه بار بار تاڪيد ڪيو ته ننڍين قومن کي صحيح معنيٰ ۾ آزادي ڏيو ۽ ڪا ٻه بي ايماني نه ڪريو. هو سخت بيماريءَ جي حالت ۾ ٻه کين تارن متان تارون ڪندو رهيو ته رپورٽ ڪيو ته اوهان منهنجي هدايتن تي عمل ڪيو آهي يا نه. هن ڪيترا ڀيرا مٿن ننڍين قومن سان انصاف نه ڪرڻ جا الزام لڳائي، کين سخت چينبيو. اسٽالن جو قوميت بابت لکيل ڪتاب ڏيکاري ٿو ته هو ننڍين قوميتن جي حقن کي ڪيڏي بنيادي اهميت ڏئي ٿو.

مائوزي تنگ جو نظريو انهيءَ مان ظاهر آهي ته هو چوي ٿو ته "هر مظلوم قوم جي ماڻهن جي ترقي پسنديءَ ۾ بين الاقواميت ئي اها آهي ته محب وطن بنجن ۽ ظالم قوم خلاف پنهنجي مظلوم قوم جو ساٿ ڏين ۽ سندس اڳواڻي ڪن."

جيڪي نقلي ترقي پسند ۽ سنڊن پاڙهيل ۽ سيڪاريل سنڊي طوطا چون ٿا ته مارڪسي ترقي پسند فلسفي موجب عوام ڪڏهن ٻه ظالم نه ٿيندو آهي، ففط مٿيون طبقو ۽ حڪومت ظالم ٿيندا آهن. هنن کي 1870ع ۾ فرانس طرفان جرمنيءَ تي ڪيل اڳرائيءَ وقت مارڪس جي ترقي پسندن کي ڏنل هدايت جو مطالعو ڪرڻ کپي.

ڪن جرمن ڪميونسٽن، بين الاقواميت جو نالو وٺي، جرمن مزدورن کي چيو ته:

"هي فرينچ ۽ جرمن مٿئين طبقي جي لڙائي آهي، فرينچ عوام جو ڪو ٻه ڏوهه ناهي، تنهن ڪري فرينچن جو مقابلو نه ڪجي. پاڻيهي حاڪم پاڻ ۾ ڇاٽندا، اوهان جو ڪجهه نه وڃي. اهو ٻڌي، مارڪس سخت ڪاوڙجي پيو. هن لکيو:

"فرينچ قوم جو سمورو عوام اهڙي اڳرائيءَ تي آماده نہ هجي ها تہ جيڪر (فرينچ بادشاهہ کي جرمنيءَ تي حملو ڪري ساڻس) جنگ جاري رکڻ جي همت ئي نہ ٿئي ها. فرينچ سرمائيدار فرينچ وچيون طبقن فرينچ هاري ۽ فرينچ رازا ۽ مزدور.... (سپ اڳرائيءَ لاءِ آتا آهن. جيستائين سندن مغزن مان اها اڳرائيءَ واري هوا بنهہ چگيءَ طرح ناهي ٽوڪي نہ ڪيبي، تيستائين جرمن ۽ فرينچ قومن ۾ صلح ٿيڻ ناممڪن آهي." (چونڊ خط ص 42)

(ڪتاب "صبح ٿيندو ص 75 کان 80 تائين)

مصنف رسول بخش پليجو

وري اڳيان لکي ٿو:

"پورهيت انقلاب کان پوءِ بہ جيڪڏهن سڀني قومن کي هڪجهڙن جمهوري حقن ڏيارڻ ۽ پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ جي حق ماڻڻ لاءِ ڪوشش ونڊي تہ ٺيڪ آهي. نہ تہ رڳو سوشلزم اچڻ سان قومي مسئلو حل ٿئي، ها توقع فضول آهي."

هو لکي ٿو:

"قومي ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ سوشلست پيداوار جو بنياد لازمي آهي... پر سرمائيداريءَ کي بدلائي سوشلزم ڪرڻ سان پورهيت طبقو قومي ظلم کي مڪمل طرح ختم ڪرڻ جو رڳو امڪان پيدا ڪري ٿو. اهو امڪان رڳو تڏهن حقيقت بنبو جڏهن سڀني ميدانن ۾ جمهوريت رائج ڪئي وڃي ۽ حڪومت جون سرحدون عوام جي خواهش مطابق ناهيون وڃن ۽ عوام کي الڳ حڪومت ناهڻ جي آزادي ڏني وڃي". (ص 147)

"جيڪي چون تا تہ 'ظالم قوم جي عوام' خاص ڪري پورهيتن کي قومي ظلم لاءِ نندي نٽو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سڄي قوم ظالم ٿي نٿي سگهي، خاص ڪري پورهيت ظالم ٿي نٿا سگهن. انهن جو جواب

آهي تہ نہ رڳو قومون ظالم ٿيندیون آهن، پر پورهيت بہ ظالم ۽ بدمعاش ٿيندا آهن. ايتري قدر جو پورهيتن جا اڳواڻ ۽ سوشلسٽ بہ بدمعاش ٿيندا آهن. مثلاً لينن صفحي 164 تي لکي ٿو:

"مارڪس ۽ اينجلس مڪمل طرح رجعت پرست قومن ۽ انقلابي قومن ۾ فرق ڪيو. مثلاً اهي قومون. جن يورپ ۾ روسي سامراج جي ٽاڻن طور ڪم ڪيو ۽ اهي قومون. جيڪي حقيقي انقلابي هيون. جهڙوڪ جرمن، پول ۽ مگيار".

اينجلس انگريز مزدور طبقي جو ذڪر ڪندي، ڪاٽسڪيءَ کي لکي ٿو:

"مون کان پڇيو اٿئي تہ غلام ملڪن بابت انگلينڊ جي پاليسيءَ جي باري ۾ انگريز مزدور ڇا ٿو سوچي-؟. سو هو ائين سوچين ٿا. جيئن سياست بابت عام طرح سوچيندا آهن. هنن جي سوچ اها ئي آهي، جيڪا سندن سرمائيدار طبقي جي آهي. (انگريز) مزدور ڏاڍي مزي سان اهي ٻوڙ ٻلاءَ پيا کائين. جي انگلينڊ دنيا جي مارڪيٽن ۽ بينڪن تي هڪ هٿي ڇمائي تيار ڪيا آهن."

"صفحو 341، مارڪس ۽ اينجلس جا غلام بينڪن بابت مضمون ۽ خط اينجلس جو ڪاٽسڪيءَ ڏانهن خط)

"بهرحال انگلينڊ ۽ ان سان گڏ انگلينڊ جو مزدور طبقو ان سنگين ڏوهہ جو ڏنڊ پيا پرين. جيڪو ڏوهہ هو صدين کان آئرلينڊ خلاف ڪندا رهيا آهن." (ص 328)

"اسين مٿي لکي آيا آهيون تہ "نہ ڪي نَوَ ڪوٽ ٿيندا آهن." مارڪس ڪنهن هنڌ چيو آهي تہ ماڻهو جيڪڏهن ۽ ۾ ٽيا چار انهيءَ ۾ پنهنجو نقصان سمجهندا تہ اها ڳالهہ نہ مڃيندا. ۽ چوندا "بہ ۽ بہ ٽيا پنج!" ۽ ان جو، تائيد ۾ لڳاتار پيا دليل بازي ڪندا. پر انقلابي استادن جي انقلابي تعليم جو لفظ ان جو سمورو روح پنجابي- پناهگير نقلي ترقي پسندن ڏانهن جڙ آڳر ڪٽي پڪاري چوي ٿو: اوهين ڪوڙا ڪذاب آهيو مڪار

آهيو سڃي پاڪستان جي عوام جا دشمن آهيو. انهن جي پورهيو جدوجهد جا غدار آهيو اوهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪيو ويندو"

"پاڪستان جون مظلوم قومون نه رڳو پنهنجي نجات لاءِ جدوجهد ڪنديون رهيون آهن، پر ساڳئي وقت پنجابي- پناهگير پورهيت غريب عوام جي نجات جي جنگ پڻ لڙي رهيون آهن. بنگالي، سنڌ، پناڻ ۽ بلوچ عوام پنهنجي جدوجهد ذريعي پنجابي- پناهگير زميندارن، سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ سندن دلال وچئين طبقي جي را جون پاڙون لوڏيو، ڪين ڪمزور ڪري پنجابي-پناهگير عوام کي موقعو ڏنو آهي ته هو اڳتي وڌي، زميندار سرمائيدار اقتدار جو تخ اونڌو ڪري، عوامي اقتدار قائم ڪن. پر پنهنجن نقلي ترقي پسند پناهگير- پنجابي ٽولن جي غدارين ڪري، پنجابي- پناهگير عو صحيح سوچ ۽ صحيح سياسي لائين حاصل ڪري نه سگهيا ۽ مظلو قومن سان اتحاد ڪري بدران پنهنجي دشمن جا پڇ لٽڪائي ڪمي ڪمدار ٿي بيٺا آهن."

(پبريون ايڊيشن "صبح ٿيندو" ص 128 کان 31

پليجو اڄ پنجابي قوم پاڙيسري قومن، سنڌي، بلوچ، پختو راجپوتن ۽ ڪشميرين سان جيڪي ظالم ڪيا آهن، انهن لاءِ پنجا قوم جي ڪيس جي پيروي ڪري ته اهي ظلم نه آهن.!

5 جولاءِ تي لاهور ۾ اسيران جمهوريت تقريب ۾ جنهن ج صدارت پراڻو مسلم ليگي ملڪ قاسم ڪري رهيو هو ۽ مهمان خاه جناب پليجو صاحب پاڻ هو اتي پنجابين جي ميڙ ۾ خطاب ڪند فرمايائين ته هو (پليجو) پين ديس واسين وانگر نظريه پاڪستان يقين ركي ٿو ۽ پاڪستان جي سمورن شهرين کي پنهنجي پسند ج ڪنهن به علائقي ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي. پنجاب ۾ وڏي ڪارخانا لڳايا وڃن. هن پنجابين کي صلاح ڏني ته سمورا پنجابي به پائرن سان سٽا لاڳاپا رکن. هن چيو ته هو پنجاب کي پنهنجو گ سمجهي ٿو ۽ باقاعدي پنجاب ايندو رهندو.

هن تقريب ۾ پنجاب جي مشهور شاعر يونس اديب کيس پنجاب جي وڪالت تي پنجابي ٻڪو ٻڌرايو.

پليجي صاحب پنجاب جي وڪالت جي صلي ۾ پگ ٻڌي چا محسوس ڪيو هوندو اها ته کيس خبر هوندي

باقي هيءَ تاريخي حقيقت آهي ته سنڌ جي نائومل ته ڪوهستان ۾ مال ماڙيءَ جي چوتيءَ تي ڏاڍو پچتايو هو.

پليجو پاڻ پنهنجي ٽٽي واري پهرين جلسي ۾ پنجاب کي سرخرو ڪرڻ لاءِ پنجابين جون شاندار قربانيون ڳڻائيندي اکين ڏٺو شاهد تي بيٺو هو تيئن لاهور پريس ڪلب جي پروگرام "تجزيه" ۾ ڳالهائيندي چيائين ته 1983ع واري تحريڪ ۾ پنجاب جو ڪردار قابل فخر هو.

ينگ لائيرز ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري سيف الملوڪ جي دعوت ۾ مهمان خاص جي حيثيت ۾ خطاب ڪندي چيائين ته.

"نه صرف مون کي پر پوري سنڌ جي عوام کي جيڪڏهن ڪنهن اداري تي مڪمل اعتماد آهي. جيڪو سڄي ملڪ لاءِ سوچي ٿو ۽ جيڪو سڀني جي ترجماني ڪري ٿو. اهو لاهور جي وڪيلن جو ادارو آهي."

پليجي چيو ته اسان کي پاڪستان جي استحڪام ۽ ملڪ کي بچائڻ لاءِ جدجهد ڪرڻ کپي. لاهور ۾ ئي پيپلز پارٽيءَ جي اڳوڻي وزير، پوءِ تحريڪ استقلال جي اڳواڻي ليڈر ۽ هاڻي بي نظير جي اعتماد واري ايڊووڪيٽ اعتزاز احسن طرفان ڏنل دعوت ۾ تقرير ڪندي چيائين ته صوبائي حقن جو معاملو صوبائي مسئلو نه آهي، اهو پوري پاڪستان جو مسئلو آهي. حڪمرانن عوام جي حقن تي ڏاڙا هڻڻ لاءِ ملڪي سالميت کي خطرو ۽ صوبائي حقن جهڙا

جي ايڇ. ڪيو کي پاڪستان جي سلامتيءَ مان نقصان آهي چا؟ جيڪي تنظيمون ۽ ادارا ڪهڙي به نموني پاڪستان جي مضبوطيءَ جا خيرخواهه آهن. اهي پنجاب جي دلال سرمائيدار جي ئي مفاد ۾ آهن. غلام نومن ۾ جڏهن اهڙي قسم جا ماڻهو پيدا ٿيندا آهن ته انهن کي مير جعفر ۽ مير صوبدار چيو ويندو آهي مير صوبيدار به چارلس لاءِ انيڪ دليل ٿاهيا هوندا.

مصنوعي الزام هنيا آهن! معني ته قومن جا حقوق، قومي ظلم ۽ حق تلفيون سڀ هاڻي ڪوڙ ٿي ويو! ۽ اصل مسئلو پاڪستان کي بچائڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ جو وڃي رهيو ـ!

واهه پليجا صاحب واهه ـ!

پليجو صاحب وڌيڪ ڳالهائيندي ساڳوٽيءَ تقريب ۾ فرمائي ٿو ته:

"سنڌ ۾ چيو ٿو وڃي ته پنجاب ظلم ڪري رهيو آهي؛ اهو سراسر ڪوڙ آهي ۽ سنڌ جو عوام انهن سيني رڪاوٽن جي باوجود پنجاب ۾ پنهنجي انقلابي جمهوريت پسند پائرن سان تعاون ڪندو رهندو".

پليجو صاحب ته پلي پنجاب سان تعاون ڪري، پر بقول ايم.آر.ڊي ته سنڌ ۾ 1983ع جي تحريڪ دوران 890 ماڻهو مئا ۽ ڏهه هزار گرفتار ٿيا، اهو ظلم ڪنهن ڪيو ـ؟ اهو ظلم سنڌي ڪنهن جي ڪاتي ۾ لکن ـ؟ سنڌيءَ ۾ تڏهن ته چوندا آهن "ماريو به جهان خان، هلو به جهان خان ڏانهن.....!"

12 جولاءِ تي لاهور ۾ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي استقباليه ۽ پريس ڪانفرنس ۾ **پاڻ چيائين** ته:

"عوام ان ڳالهه جو فيصلو ڪندو ته اسان قائد اعظم ۽ علامه اقبال جي فرمان جي تعميل ڪئي آهي يا انهن ماڻهن جي جن جمهوريت جو قتل ڪيو. هن چيو ته پاڪستان کي ٽوڙڻ وارا نٽا چاهين ته اهڙي ماڻهوءَ کي اچڻ ڏنو وڃي، جيڪو ملڪ کي ڳنڍيڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. اهڙن ماڻهن جي ڪري ئي مشرقي پاڪستان اسان کان الڳ ٿيو. هاڻي سنڌ جو وارو آهي ـ!

سنڌ هري رهي آهي، سنڌ ۾ ڏاڙيلن جي حڪمراني آهي؛ تعليمي ادارن کي قيد خانن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي؛ ماڻهو ڏگريون کٽي گهمندا وتن، پر انهن کي ڪو منشي رکڻ لاءِ تيار ڪونهي؛ هڪ طرف اها پروپئگنڊا

ٿي رهي آهي ته پنجاب ظلم ٿو ڪري" هن چيو ته سنڌ ۾ اٽو ۽ تيل مهانگو آهي، پر هٿيار سستا ٿي ويا آهن، ڪلاشنڪوف دستياب آهي." هن چيو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي آبادي اهڙيءَ طرح آهي، جيئن ڪچين جهوپڙين ۾ ريبا انديين هجن. هن چيو ته تاريخ پنهنجو پاڻ ڏهرائي رهي آهي. هن چيو ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ ظلم جي نوعيت هڪ جهڙي آهي، اسان جو پنهنجو پاڻ ۾ جهڳڙو نه آهي، اسان جو جهڳڙو مشترڪ دشمن سان آهي."

14 جولاءِ 1986ع تي گجرانوالا ۾ قومي محاذ آزادي جي هڪ استقباليه ۾ تقرير ڪندي چيائين ته "اسان محبت ۽ خلوص جو جهنڊو کڻي آيا آهيون، ليڪن حڪومت ۽ ان جا حواري نفرت جون ديوارون کڻي، ملڪي سالميت کي پنهنجي اقتدار جو سهارو بنائي رهيا آهن."

هن چيو ته "اسان مشرقي پاڪستان جو ڊرامو ٻيهر رچائڻ جي اجازت نه ڏينداسون، پليجي چيو ته اسان سان ظلم ۽ ناانصافي ٿي رهي آهي، جنهن ظلم ۽ ناانصافيءَ جي ذميواري موجوده حڪومت تي آهي. خيبر کان ڪراچيءَ تائين فتويٰ بازن جو هڪ ڇار وڇايو پيو آهي. هر حڪمران پنهنجي مرضيءَ جي فتويٰ وني مخالفين تي ڪڙڪي ٿو پوي. اسين چئون ٿا: اسان نه چيو آهي. هو چون ٿا: توهان چيو آهي. اسان ڳالهه ٿا ڪيون جمهوريت جي. هو چون ٿا توهان قائد اعظم جي توهين ڪري رهيا آهيو. اسان وفاق ۽ صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون. هو چون ٿا توهان اقبال جي بي عزتي ڪري رهيا آهيو. اهو سيڪجهه ڊرامو آهي ته جيئن مختلف صوبن جو عوام هڪ ٻئي کي ويجهو نه اچي!"

پليجي صاحب لاهور جي ئي هڪڙي دعوت ۾ تاريخ بابت سوالن جا جواب ڏيندي راجہ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ متعلق ڪجھ حقيقتون بيان ڪري وڌيون ۽ جناح، اقبال بابت ڪي ڳالهيون ڪيائين. انهن ڳالهين جو اخبار ۾ چپجڻ ۽ ان ڏينهن تي (پنجابين پليجي صاحب جي وڪالت وساري ڇڏي) جواب ۾ چؤطرف ڇڻ باهه ٻري ويئي. هنن يڪجهتي، پائپي ۽ پائيچاري جو مظاهرو ڪيو. جو لاهور شهر ۾ ئي پليجي خلاف مظاهرا ڪري حڪومت کان گهر ڪيائون تہ پليجي کي پنجاب کان ٻاهر ڪڍيو وڃي. ٻي صورت ۾ هو پاڻ (پنجابي) کيس ڏکي ڏيندا. حڪومت کان اها بہ گهر ڪئي وئي تہ پليجي سان گڏ جي. ايم. سيد ۽ غفار خان کي بہ ٽيڪ ڪيو وڃي.

پنجاب جي بار ڪائونسلن تي پليجي صاحب کي ڏاڍو ناز هو. سمجهائين تي تہ بارن ۾ سڀ وڪيل، دانشور، اديب، پڙهيل دانشور ماڻهو آهن. سو انهن کي تاريخ جي سچي ڳالهہ ڇڻي. پنهنجن سان بہ سچو رهندو ۽ علمي ڏاڪ بہ ويهاريندو ۽ سنڌ جي پڙهيل ماڻهن سان بہ ڳالهائڻ جهڙو ٽيندو. هن جي سچي ڳالهہ ڪرڻ، جهڙو ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ، جيڪو ادارو (لاهور وڪيلن جي بار) بقول پليجي سڄي ملڪ ۾ جمهوريت جي نشاني ۽ اعتماد رکڻ وارو ادارو آهي، انهيءَ اعتماد واري اداري لاهور بار ڪائونسل پليجي کي هڏو ئي نہ

پليجي کي لاهور بار ڪائونسل ۾ خطاب ڪرڻ جي حسرت دل ۾ رهجي وئي. پوءِ بہ ملڪ قاسم ياري نيائي، جو بار ڪائونسل ۾ هنگامو ڪري وڪيلن کي اهو سمجهايائين تہ پليجو پنجاب جي ضرورت آهي، ڏاڍو ڪم جو ماڻهو آهي، توهان کي غلط فهمي ٿي آهي؛ پر وڪيلن ملڪ صاحب جي هڪ بہ نہ هڏي ۽ چيائونس. جهڙو آهين تهڙو هليو وڃ.

(خير پنجاب ۾ تہ ائين ٽيڙو آهي سو ٽيو پر هتي پليجو پارٽيءَ جا ويچارا پورڙا ورڪر، جيڪي سدائين سنڌي ماڻهن کي چوندا هئا تہ سنڌ جي چوتڪاري جي لائين اصلي خالص تہ آهي ئي اسان

وت. سو پليجي صاحب جي پنجاب ۾ بيانن، پريشان ڪري ڇڏيا هٿا ۽ اڳئي 1973ع جي آئين واري جمهوريت جي حمايت ڪين سوچن ۾ گم ڪري رکيو هو تن کي ڇڙ نئين لائين ملي: چئي: ڪيئن ٿا پانيو پليجي صاحب کهڙي نه ڏاهپ ڏيکاري آهي، جو پنجابين کي پنهنجو پاڙ ۾ ڏاڙهين ۾ هٽ وجهرائي ڇڏيا آهن. هاڻي هنن غريبن کي ڪير سمجهائي ته پيارا، پاڙ وارو همراهه ته سيڪجهه پنجاب جي جهولي۽ ۾ وجهي چڪو آهي، پر چوٽي آهي ته ڪو همراهه گهران نڪري ڪنهن فيصلي تي پئي ويو ته وات تي ڪنهن ڳوٺ واري پڇيس ته پائو ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چيائين: اڄ منهنجو فيصلو آهي. ڳوٺ واري همراهه چيس ته ڪيئن ٿو پائئين، فيصلو ڪيئن ٿيندو؟ ٿهه پهه جواب ڏنائين ته فيصلو مون ڪتيو. ڳوٺ واري همراهه تعجب سان چيس: يار اڄا فيصلو ٿيو ئي ڪونهي، تون چوين ٿو فيصلو مون ڪتيو. چيائين آئون مجيندس ئي ڪونه. ته معنيٰ فيصلو مون ئي ڪتيو نه!!)

سو نه صرف ايترو پر پنجاب جي باشعور وڪيلن گجرانوالا ۽ سيالڪوٽ بار ايسوسيئيشن، ملتان هاءِ ڪورٽ بار ائسوسيئيشن وارن پليجي صاحب کي ڏنل دعوتون رد ڪري سندس سخت لفظن ۾ مذمت جون قراردادون پاس ڪيون.

اصل ۾ پليجي صاحب جو اهو بيان به سندس دانائي ۽ قابليت جي قلابازي واري حال جي حرفت ٿي لڳي، ڇو ته هن همراهه کي خبر هئي ته 1973ع جي آخر کان ئي سندس بدليل بناوٽي واري بازيءَ ڪري سندڙ جي اديبن، باشعور سياسي ورڪرن ۽ دانشورن جي اڳيان سندس پوزيشن ڏاڍي مشڪوڪ ٿي چڪي هئي ۽ ويتر هاڻوڪي لائين پنجاب جي دوري ۾ بيانن جي سلسلن موقع پرستيءَ جي مام ۾ سندس صورت صفا صاف سندڙ ماڻهن جي اڳيان اچي چڪي آهي، سو هاڻي ڪا اهڙي لائين، چالاڪيءَ واري چال هلان، (رام به راضي رهي ته رحيم به ريڙل رهي) منهنجي لاءِ سندڙ قوم اندر جيڪا سوچ سرجي هوندي، تنهن جو ازالو به ٿئي ۽ پيدا ٿيل تاثر به ضايع ڪيان، تنهن لاءِ چونه

تازي تاريخ ۾ مظلوم قومن تي ظلم ڪندڙ پنجابي قوم جي ظلم ۽ بربريت واري بحث تان ڪمال ڪاريگريءَ سان ڌيان هٽرائڻ لاءِ في الحال پراڻي تاريخ جو موضوع ڪٽي ٺاهجي. پوءِ پلي ان تي مهينو ڇهه مهينا ۽ سال بحث هلي. وري اڳيان جون ڳالهيون اڳيان. هڪڙي تير سان ٻه شڪار ٿي پوندا. پنجابين کي راضي ڪيو اٿر ۽ ٻي پاسي سنڌي ماڻهون به خوش ٿي پوندا. ته واهه جو پليجي صاحب پنجاب ۾ ويهي تاريخي سچائي بيان ڪئي آهي.

ان سلسلي ۾ هڪڙي ٻي ڳالهه به نظر انداز ڪرڻ جهڙي ڪانهي. اُهاِ اِها ته پنجاب سامراج پنهنجي لاءِ پليجي صاحب جي وفاداريءَ کي وڏيڪ آزمائش ۾ وجهڻ لاءِ نام نهاد اسلامي پاڪستاني هيروز محمد بن قاسم، جناح ۽ اقبال لاءِ تاريخي حقيقتن کي مسلط ڪري اونداهيءَ کي سوجهرو ڪوڙ کي سچ، رات کي ڏينهن، براين کي پلايون، آمر جابر درنده صفت ماڻهن کي جمهوريت پسند، انسان دوست ۽ شريف ڪري پيش ڪرائڻ خاطر پليجي صاحب جي واتان اهي ڳالهيون چوائڻ ۽ قبول ڪرائڻ گهرن ٿا. جيڪي ڪوڙيون ۽ من گهڙت ڳالهيون اِهي پنجابي سامراج پنهنجي پگهاردار پاڪستاني دانشورن کان پنهنجي فائدي ۾ هن کان اڳ چورائيندا رهيا آهن.

۽ لڳي اِهو ٿو ته پليجو صاحب پنجاب جي خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ اهو سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويو آهي. ڇو ته جڏهن پليجي صاحب جي مذڪوره بيان تي پنجاب جي وڪيلن ۽ دانشورن گوڙ ڪيو ته پليجي صاحب هڪدم ترميمي بيان جاري ڪرڻ شروع ڪيا. جيڪي ملڪ جي سيني اخبارن ۾ شايع ٿيا.

چئي، مون ائين نه چيو آهي. جڏهن ته قائد اعظم سان ته مون گڏجي هڪڙي مسجد ۾ نماز پڙهي آهي. يعني اسان جو هڪڙو سياسي ڪعبو آهي، جنهن کي گڏجي سجدو ڪيو اٿئون. ۽ محمد اقبال جو مون ذڪر ئي ڪونه ڪيو آهي، ۽ جيستائين محمد بن قاسم جو ذڪر آهي ته هو به هڪ مظلوم انسان هو جنهن کان پهرين ڪر ورتو ويو آهي. پوءِ ڪيس ڪتل ڪيو ويو. راجا ڏاهر کي به هو نڪا مڃين.

چو ته راجا ڏاهر جابر حڪمران هو ۽ اسان آمر، جابر ۽ امير حڪمرانن جي به مخالفت ٿا ڪيون.

راجا ڏاهر بابت اهڙو بيان عوامي تحريڪ جي ٻين ليڊر حضرات به ڏنو هو. واهه سائين واهه!! پنجابي-پناهگير نسل پرستن کي خوش ڪرڻ لاءِ توهان ايترو سنڌ جي تاريخ سان ظلم ڪندا، اها ته حد ٿي وئي-!!! سنڌي ماڻهن جي آزاديءَ جو هيرو راجا ڏاهر اڄ توهان جي آڏو آمر حڪمران ۽ جابر حڪمران ٿي بيٺو آهي! محمد بن قاسم مظلوم. ان لاءِ توهان کي همدرديءَ جو جذبو جاڳيو آهي ته جڏهن اُن ويچاري جو ڏوهه ڪين هو حجاج مڙئي ڪيس استعمال ڪري پوءِ قتل ڪري ڇڏيو.

اها جي تاريخ سان توهان جي جُٽ جاري رهي ته سپاٽي پنجاب جي پرستاريءَ ۾ توهان چوندا ته سمن، سومرن، ڪلهوڙن، ٽالپرن جي مختلف دورن ۾ قومي حڪومتن تي ڏاريل جون هلائون ۽ انهن جي سرپرستي ڪندڙ ايراني، عرب، ارغون، ترخان، مغل، انگريز سامراج جا سڀ سالار، گورنر ۽ سرپرست ٻين جي هٿان استعمال ٿيندڙ ويچارا مظلوم هئا.

۽ سمن، سومرن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جون قومي ويڑهون اميرن ۽ حڪمرانن جي اقتدار جي جنگ هئي. محترم رسول بخش پليجي شايد ويٽنام جي مجيل انقلابي* جنرل گياپ جا ويٽنام جي جنگ

محمد بن قاسم کي انهيءَ لاءِ گرفتار ڪيو ويو ته عربن جي حڪومت ۾ تبديلي آئي هئي. ڇهرين کان ولي ارڙهين صديءَ تائين اهي جنگيون ۽ بغاوتون جيڪي اسان جي عوام پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ يا ان جو بچاءُ ڪرائڻ لاءِ برپا ڪيون. تن کي جڏهن اسان عام نظر سان ڏسون ٿا ته انهن جي اڳواڻي جاگيردار طبقي ڪئي. پر انهي تي ڪو به اختلاف نٿو ڪري سگهجي ته، انهن سڀني ويڑهن تي ڇڻي طرح عوامي ڇاپ موجود هئي. ڇو ته اهي عوام ئي هئا. جيڪي شموري طرح پاڻمرادو (خودرو نموني) پنهنجي اباڻي سرزمين جي بچاءُ لاءِ هڪ ٿي اُٿيا. انهن کي عوامي ڪردار واريون بغاوتون ۽ لڙايون چئي سگهجي ٿو.

اهي ڏهيون ۽ ويهيون هلندڙ جدوجهدون جنگي ميدان ۾ اسان جي ابن ڏاڏن جي پربهور جاڙ ۽ اسان جي عوام جي همت ۽ ڏهانت سان پريل فوجي روايت کي بنياد فراهم ڪن ٿيون.

اسان جي ابن ڏاڏن جيڪي فوجي روايتون ورثي طور اسان کي ڏنيون. سي سمورين انصاف تي ٻڌل جنگيون جون روايتون آهن. جيڪي يا ته پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ وڙهيون ويون يا ان جي بچاءُ ڪرڻ لاءِ وڙهيون ويون. جاگيردار طبقي جنهن اسان جي بغاوتن ۽ قومي آزاديءَ

آزاديءَ متعلق ڪتاب پڙهي، اُن تان ڪوٽيشن لکي اتاري پوءِ سيڪجهه وساري ڇڏيو آهي يا شايد اقتدار جي خواهش اهو سيڪجهه ڪيس وسارڻ تي مجبور ڪيو آهي.

جي نه ته هو اهڙيون تردیدون نه ڪري ها. انهيءَ صورتحال کان پوءِ ته پنجابي دانشورن پليجي صاحب ۾ اُها مٽيا ۽ ميڻاڪ محسوس ڪئي آهي، جنهن مٽيا ۽ ميڻاڪ جي ضرورت وقت بوقت پنجاب سامراج کي پنهنجي ڏاڍ ۽ ڦرلٽ برقرار رکڻ لاءِ مظلوم قومن جي سياستدانن، دانشورن، وڪيلن، ليکچرارن ۽ ڪارڪنن مان پوندي آهي. جيئن اهي مظلوم قومن کي سندن ئي سڃاڻ ماڻهن ۽ مظلوم قومن جي ماڻهن ۾ تيز ٿيندڙ قومي آزادي ۽ قومي حقن جي شعور کي مڏو جڏو ڪري ميساري ڇڏين.

سو ان ڪري انهن پنجابي دانشورن پليجي صاحب کي منتخب ڪيو آهي ۽ "جنهن بابت ڪجهه وقت اڳ پليجي صاحب پاڻ لکيو هو ته اهي جنهن کي چاهين، راتو رات عظيم ليڊر بنائي ڇڏين. جنهن کي چاهين ان کي اسلام دشمن، پاڪستان دشمن، غير انقلابي ۽ وڌيرن جو يار چئي سندس پاڻيا ڪيڙي ڇڏين.)

محترم پروفيسر وارث مير 14 جولاءِ 1984ع تي جنگ ڪراچي ۾ "پليجو مبصر سندھ اور پنجاب" جي عنوان سان لکي ٿو:-

"پليجو نے پنجابی اور سندھی سیاستدانوں اور دانشوروں کے باھمی میل جول اور ایک دوسرے کے بارے میں محبت بھری باتوں سے متاثر ھو کر کہا ہے کہ اس قسم کے اجتماعات اور تبادلہ خیالات کی رسم پاکستان میں شروع سے پڑجاتی تو شاید بنگالی الگ نہ ہوتے اور تمام صوبوں کی عوام کے خلاف سامراجی مفادات کا متحدہ محاذ کامیاب نہ ھوپاتا۔ ھماری رائے میں پلیجو صاحب کو پنجابی عوام اور دانشوروں کو یہ مشورہ بھی دینا چاھئے کہ "وہ خود ترغیبی کی

جي لڙائين جي اڳواڻي ڪئي، تنهن سڌائين انصاف پرڻي مقصد جي جهنڊي کي اوچو ڪيو يعني ملڪ ۽ عوام جي نجات لاءِ اُنهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ قومي پڌريءَ خاطر ڪي جمهوري قدم به کنيا. جاگيرداري حدن ۾ رهندي به اهي جنگي روايتون حق تي پڌل جنگين جي عظيم جڏيءَ سان تمٽار هيون. (گياپ سليڪيڊ والمس ـ ص 202-203-204)

مسلسل مشقوں کے ذریعی پروان چڑھائے جانے والے "احساس جرم" سے بھی نجات پائین ورنہ خطرہ ہے کہ "دوسروں کا حق کھاجانے کے مسلسل طعنے سن سن کر کہیں پنجاب میں بھی رد عمل کے طور پر پنجابی شاونزم پر مبنی باغیانہ خیالات پیدا نہ ہونے لگیں۔

ظاہر ہے یہ صورتحال پاکستان کے عوام کے مشترک دشمن کیلئے باعث اطمینان ہوگی۔

پلیجو صاحب نے خود بھی اعتراف کیا ہے کہ موجودہ نظام سیاست کو مستحکم کرنے کیلئے حکومت جی ایم سید کی سرپرستی کررہی ہے۔ اور پنجاب کے عوام کو ڈرانے کیلئے اسے ہوّا بنا کر پیش کررہی ہے۔ چنانچہ پلیجو کو خود بھی اپنی گفتار اور عمل سے ثابت کرنا پڑے گا کہ وہ جی ایم سید سے واقعی مختلف شخصیت ہیں، پنجاب دشمن نہیں، سامراج دشمن ہیں۔ اور وہ اس خوف کا شکار نہیں ہیں کہ پنجاب میں عقل اور ہوش کی بات کرنے پر سندھ کے ناراض قوم پرست نوجوان، انھیں سندھ کا غدار، اور پنجاب کا ایجنٹ کہیں گے۔ اگر پلیجو جی ایم سید کی سطح سے اوپر نہ اُٹھ سکے اور ان کا طرز استدلال اور طرز عمل قوم کی اجتماعی جدوجہد میں کوئی مثبت کردار ادا نہ کر سکا تو پھر پنجاب میں بھی ایسے لوگ پیدا ہو جائیں گے جو جذبۂ قومیت کو ایسی انتہائی صورت دینا چاہیں گے کہ ملک کے ٹوٹ پھوٹ جانے کی منزل قریب تر آجائے اور صوبوں کے عوام میں مفاہمت کے بجائے نفرت کو مزید ہوا ملے۔"

اڇيان هلي وري لکي ٿو:

"کاش میں پلیجو کے بارے میں ذرئع ابلاغ کے پیدا کردہ مخصوص تاثر کو ختم کرانے کی پوزیشن میں بھی ہوتا، نئی نسل کی نمائندگی کرنے والے سندھی دانشوروں اور سیاستدانوں میں پلیجو ہماری آخری امید ہیں جو متحدہ پاکستان کی بات کرتے ہیں، سندھ کے ساتھ پنجاب کی بات کرتے ہیں۔ لیکن جمہوری قوتوں کی سالہا سال کی محنت، قربانی اور جدوجہد کو چشم زدن میں کتنی آسانی کے ساتھ برباد کردیا جاتا ہے، اس کی ایک ناقابل رشک مثال لاہور کے چند جیالوں

نے یہ مطالبہ کرکے مہیا کردی ہے کہ سندھ کے سیاستدانوں کو لاہور سے نکال دو، پھانسی پہ لٹکادو، گویا لاہور پاکستان کے دوسرے شہروں کے مقابلے میں زیادہ مقدس ہے اور لاہور ہی پاکستان ہے۔!"

پروفیسر صاحب جي خيالن تي اسان کي هتي گهٽو بحث ڪرٽو ڪونهي. سندس هن مضمون جا ٽڪرا ان ڪري ڏنا اٽئون. جو ان ۾ پليجي صاحب جو ذڪر آهي. وارث مير. پليجي صاحب کي سندّ جي دانشورن ۾ واحد دانشور ۽ سياستدان سمجهيو آهي. جيڪو پنجاب. متحده پاڪستان لاءِ آخري اميد آهي. هن لاهور (پنجاب) وارن کي سمجهايو آهي ته هو ڳالهه سمجهن: جذباتي ۽ ٻاراڻيون ڳالهيون نه ڪن. چو ته مسين سندّ جي هڪ اهڙي دانشور سياستدان پنجاب جي وڪالت جو دڳ ورتو آهي. جيڪو پنهنجي دانشوري ۽ ڏاهپ سان وڏو ڪري سگهي ٿو.

ٻئي پاسي پليجي کي به صلاح ڏني اٽس ته هو پنجاب کي قبول آهي. پر ايجا به ڪيس پنجاب جي محبت ۾ ڪجهه وڌيڪ اڳيان وڌڻو پوندو. هن کي جي. ايم. سيد. سندّي عوام جي قومي حقن ۽ آزاديءَ واري سوچ جي مخالفت ۾ ايجا به وڌيڪ منزلون مارٽيون پونديون. پوءِ ان لاءِ جيڪڏهن سندّ ۾ ڪيس غدار ۽ پنجاب جي ايجنٽيءَ جا لقب ملن. تڏهن به خير جهڙي ڳالهه آهي۔!

روزانه جنگ ڪراچيءَ جي مشهور ڪالم نگار صحافي ارشاد احمد حقاني 23 جولاءِ واري جنگ ۾ "رسول بخش پليجو کا ہنگامہ خیز قیام لاہور" جي عنوان سان ڪالم لکي ڪيس قومي ليبريءَ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي! هو لکي ٿو ته:۔

"مسٹر پلیجو ایک متشدد قوم پرست سندھی تھے، وہ جی ایم سید کے قریبی ساتھی اور ہمنوا تھے، ان سے علحدہ ہونے کے بعد بھی انہوں نے اپنی تنظیم کا نام "سندھی عوامی تحریک" رکھا، لیکن مزید غور فکر مطالعہ و مشاہدہ کے نتیجہ میں وہ نہ صرف جی ایم سید سے علحدہ ہوگئے، بلکہ اپنی جماعت کا نام بھی تبدیل کرکے "پاکستان عوامی تحریک" رکھدیا، اِس طرح

انھوں نے انتہا پسندی اور علاقائیت پرستی سے اعتدال پسندی اور حب الوطنی کی طرف سفر کیا۔

سندھی نوجوانوں، ادیبوں، سیاسی کارکنوں، صحافیوں اور اساتذہ و طلبہ میں اس وقت جو انتہا پسندانہ سوچ پائی جاتی ہے اس کے پیش نظر یہ اندیشہ ہوسکتا تھا کہ جناب رسول بخش پلیجو بھی اپنی رھائی کے بعد انتہا پسندی کا مظاہرہ اور زیادہ شدت سے کریں گے اور ان کے فکر و عمل پر سندھی قوم پرستی کی چھاپ اس قدر نمایاں ہوگی کہ ان کہ منہ سے کسی دوسرے صوبے کیلئے کلمۂ خیر نہ نکل سکے گا۔ لاہور آنے کے بعد انہوں نے مختلف اجتماعات سے خطاب کرنا شروع کیا تو ان کے لب و لہجہ ان کے استدلال، ان کے مطالبات اور ان کے فکر نے بہت سے لوگوں کیلئے خوشگوار حیرت کا سامان فراھم کیا۔"

مضمون ہ اگیان لکي ٿو:۔

"ان کا یہ لب و لہجہ اور استدلال ان لوگوں کیلئے قدرے حیرت کا باعث تھا جنھیں بتایا گیا تھا کہ وہ ایک کٹر سندھی ہیں اور ایک انارکسٹ ذھن کے مالک ہیں۔ جناب پلیجو نے قانون کی بالادستی، آمریت کی مذمت، جمہوریت کے فروغ اور احترام آدمیت کے حوالے سے جو باتیں کیں، ان کی صداقت سے کوئی بھی ہوشمند شخص اختلاف نہیں کرسکتا۔ انہوں نے یہ موقف اختیار کیا کہ تاریخ میں ھمیشہ ظالم اور استحصالی اور عوام دشمن طبقات کا کردار ایک سا رھا ہے اور وہ ھمیشہ ایک جیسی حربے استعمال کرتے رہے ہیں۔

پاکستان کی موجودہ سیاسی صورتحال کے حوالے سے ان کے خیالات قابل قدر تھے۔ انہوں نے ایم آر ڈی کے موقف سے کامل اتفاق رائے کا اظہار اور ملک میں جمہوریت کی بحالی کیلئے جدوجہد جاری رکھنے کا عزم ظاہر کیا۔

مسٹر پلیجو نے اپنے خلاف لگائے جانے والے الزامات کی بار بار تردید کی کہ انھوں نے قائد اعظم یا علامہ اقبال کی توہین کی ہے، البتہ محمد بن قاسم کے حوالہ سے بات کرتے ہوئے وہ توازن قائم نہ رکھ سکے۔

جس پر ایک شدید رد عمل ہوا جو فطری تھا، اس ایک فطری لغزش سے قطع نظر مجھے جناب رسول بخش پلیجو کے خیالات میں گمراہی کے کوئی جراثیم نظر

نہیں آئے بلکہ میں انھیں اِس لحاظ سے لائق داد سمجھتا ہوں کہ انھوں نے پاکستان کی وحدت کی بات کی اور وفاق کو بچانے کیلئے متعین تجاویز پیش کیں۔ مجھے یہ بھی معلوم ہے کہ وہ اپنے پنجاب کے دورے سے پوری طرح مطمئن گئے ہیں، اور اُن کی جس قدر پذیرائی ہوئی ہے وہ ان کی توقع سے زیادہ تھی جیسا کہ اُنھوں نے خود بار بار کہا کہ مختلف صوبوں کے دانشوروں اور سیاسی کارکنوں کے دورے غلط فہمیوں کو دور کرنے، مشترکہ اقدار اور مقاصد کو نمایاں اور اجاگر کرنے اور ان کے عوام کو ایک دوسرے کے قریب لانے میں بہت زیادہ مددگار ہوسکتے ہیں۔ اس لحاظ سے دیکھا جائے تو مسٹر پلیجو کا دورہ رائیگاں نہیں گیا اور پنجاب کے اہل دانش سے ان کی ملاقاتیں فریقین کے لئے افادیت کی حامل رہی ہیں اور خود اُن کے لئے اہل پنجاب سے یہ پہلا وسیع رابطہ ان کی سوچ کے مثبت پہلوؤں کو مستحکم کرنیکا ذریعہ ثابت ہوا، اور غالباً اب انکے لئے قومی سطح کا ایک قائد کے طور پر موثر کردار ادا کرنا ممکن ہوجائیگا!"

حقاني صاحب جي هن مضمون تي کھڙو تبصرو ڪجي. ان ۾ ان بابت پليجو صاحب کان پاڻ تا سندس لفظن ۾ تبصرو ڪرايون:

پنجاب ۾ يوپي جي انهي ترقي پسند ٽولي جو جار سڃي پاڪستان ۾ ڦهليل آهي. ان جار کي هو مختلف طريقن سان استعمال ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن کي اپاهج بنائي سگهيا آهن.

1 ـ پهرين ته هو سنڌ خواهه پاڪستان جي سيني حصن ۾ جنهن کي چاهين، تنهن کي رات وچ ۾ ليڊر مشهور ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ليڊر ساز فئڪٽريءَ ڪيترائي نقلي شاگرد ليڊر نقلي هاري ليڊر نقلي سنڌي قومي ليڊر ۽ نقلي دانشور تيار ڪيا ۽ ڦٽايا آهن.

2 ـ ٻيو ته هو چپ چاپ ماڻ ميڙ ۾ ڪنهن به ڪارڪن يا تحريڪ جي خلاف سڃي پاڪستان ۾ بيڪ وقت پروپيگنڊا جي مهم هلائي* ان لاءِ زهريلي فضا پيدا ڪري سگهن ٿا.

---

* جيئن اڄڪلهه پاڪستان جون مرڪزي سوچ رکندڙ سنڌي ليڊرن توڙي ٻين ليڊرن جي اڳواڻي ۾ هلندڙ پارٽيون. جي ايم سيد جي آزادي ۽ واري پروگرام ۽ ممتاز ڀٽي جي ڪنفيڈريشن لاءِ پروپيگنڊا ۾ رڌل آهن.

3ـ انهيءَ مڪروه ۽ عوام دشمن سازش ۾ ڪين اردو پريس جي مڪمل حمايت حاصل هوندي، جو ان ۾ سنڌن اشاري تي جڙتو ليڊرن جا بيان ڇاپي ڪين سڃي سگھندا. بلڪ پاڪستان ۾ مشهور ڪري، انهن کي ڪڏهن ڪم ڪرڻ جي لائق بنائيندا آهن.

4ـ سنڌ جي سياست مڪمل طور وڏيرن جي هٿن ۾ هئي ۽ آهي. تنهن ڪري هي ٽولو انقلاب ۽ سوشلزم جي نالي ۾ پنهنجي گادي بنا خطري قائم رکندو اچي.

طبقاتي ڪشمڪش جي سائنسي سچ کي هنن ايڏي بيدردي ۽ بي ايماني ڪري فريب سان استعمال پئي ڪيو آهي، جو اهو سچ هنن جي واتان ڦري هڪ عظيم ڪوڙ ٿي پيو آهي.

(ڪتاب صبح ٿيندو ص 86ـ87ـ88)

پليجي صاحب جي دوري بابت اردو پريس ۾ جيڪي فرنٽ پيج تي وڏيون سرخيون لڳيون ۽ پنجابي پناهگير ڪالم نويس دانشورن دوري بابت سندس واکاڻ ۾ جيڪي ڪاغذ ڪارا ڪيا، سي به پڙهياسون. هاڻي اچو ته انهيءَ پنجاب جي دوري ۾ پليجي صاحب جي ڪيل خاص ڳالهين تي غور ڪيون:

پهرين ڳالهه ته پاڻ چيو اٿس ته 1983ع جي ايم. آر. ڊي واري تحريڪ ۾ پنجاب شاندار ۽ فخر جوگيون قربانيون ڏنيون آهن! ان کي چوندا آهن چاپلوسي، جڏهن ته پنجاب پ پ ۽ ايم. آر. ڊي ۽ پنجاب جي اڳواڻ پاڻ مختلف بهانا ٺاهي ۽ حيلا هلائي، پنجاب کي بري ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي به اهو قبول تا ڪن ته ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ پنجاب جي پنج ڪروڙ ماڻهن جي نه اٿڻ تي هو شرمسار آهن. چوندا آهن ته "ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏي هٽي تيرهن" وانگر پليجو صاحب به قدم اڳيان وڌي چوندو وتي ته اِها سرڪاري پروپيگنڊا آهي.

پي ڳالهه ڪئي اٿس ته صوبائي حقن جو مسئلو صوبائي نه آهي، اِهو پوري پاڪستان جو معاملو آهي ۽ حڪمران عوام جي حقن تي ڏاڙا هڻڻ لاءِ ملڪي سالميت کي خطرو ۽ صوبائي حقن جهڙا مصنوعي الزام هٽي رهيا آهن.

اِن کي چوندا آهن خوشامد جو جديد طريقو ۽ لفظن جي واري ڦيري ـ!

"جيڪڏهن اسانجن هنن نام نهاد ترقي پسندن ۾ ذري جيترو به ترقي پسند ڪميونسٽ ۽ مارڪسي اخلاق هجي ها ته هو سنڌي، بلوچ، پٺاڻ قومن کي هدايت ڪن ها ته اسان جي ظالم قومن جي اڳراين جو مڙس ٿي مقابلو ڪريو ۽ سندن دماغ مان ڦرلٽ ڪرڻ جي هوس ناهي ڪيو. چاڪاڻ ته جيستائين اِها هوا نه نڪتي آهي، تيستائين پاڪستاني قومن جي وچ ۾ اتحاد جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي" *(صبح ٽيندو ـ ص 80)*

سندس ئي هيءَ لکڻي پڙهي ڪير ڪيس سمجهائي ته پاڻ هيڏي منافقي نه ڪرا! تون پاڻ ٿو چوين ته پاڪستان اندر قومي ظلم ٿي رهيو آهي، پر ان لاءِ هڪ ڏاهو بنجي پنجابي ـ پناهگيرن کي چوين پيو ته هنن ۾ ذري جيترو به اخلاق ڪونهي ۽ اج تون پاڻ ٿو چوين ته اِهو حڪومت طرفان مصنوعي تضاد پيدا ڪيو ويو آهي!! موقع پرستي ۽ خودغرضيءَ جي به ڪا حد ٽپندي آهي ـ!

ٽين ڳالهه ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ ظلم جي نوعيت هڪجهڙي آهي؛ ۽ سنڌ ۾ چيو ٿو وڃي ته پنجاب ظلم ٿو ڪري، اهو سراسر ڪوڙ آهي!!!

پليجا صاحب! پنهنجي وڊائي جو نه ويڄ نه طبيب! توکي چا لکي ٻڌايون! تون پنهنجي هٿن سان ته لکي آيو آهين، توکي تنهنجي صورت تنهنجي ئي ٽڪ ۾ ٽا ڏيکاريون.

بقول لطيف سائين:

"اکر اڳيان ايري، واڳو ٿي وريام"

"سيني قومن جي عوام جا مفاد ساڳيا آهن ـ؟!!

نام نهاد پنجابي ۽ اردو باز ترقي پسند، سنڌ جي روشن خيال نوجوان طبقي کي سيکارين ٿا ته سنڌي، پنجابي ۽ اردو باز عوام جا مفاد ساڳيا آهن. اِهي سڀ هڪجهڙا مظلوم آهن. سيني تي سرڪار پئي ظلم ڪري، تنهن ڪري کين ڪپي ته هڪ ٻئي کي ڏوهه ڏيڻ ۽ هڪ ٻئي سان وڙهڻ بدران، ٻڌي ڪري ان حڪومت ۽ حاڪم طبقي سان مقابلو ڪن، جيڪي سيني تي ظلم ڪن ٿا ۽ ڪير پاڻ ۾ ويڙهاڻين ٿا.

اِها ڳالهه هر نيڪ نيت ماڻهوءَ کي واجبي، مناسب ۽ ترقي پسند لڳندي پر جيئن جيئن ان تي اونهون غور ڪبو تيئن تيئن اِها حقيقت وڌيڪ صاف ٿيندي ويندي تہ اِها ڳالهه غلط بنيادن تي ٻڌل ٿوري سچي، گهڻي ياڳي ڪوڙي گمراهه ڪندڙ رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهي. مثال طور پهرين ڳالهه تہ سيني قومن جي عوام جا سڀ نفعا ۽ نقصان ساڳيا آهن. منجهن ڪو بہ ٽڪر ڪونهي. سا ڳالهه عام سمجهه توڙي سائنسي پرک موجب سراسر غلط آهي. تاريخ ڏيکاري ٿي تہ تاريخ جي مختلف دورن ۾ مختلف قومن ۽ قوميتن مختلف پارٽ ادا ڪيا آهن.

آريه قوم جا دراوڙن تي ظلم منگولن جا سچي دنيا ۾ قتل عام افغان ۽ مغلن جون هندستاني قومن سان تعديون، شاهي روسي قومن جي ازبڪن، جارجين، لٽوين، تاتارين ۽ ٻين سان زيادتيون، جرمن قومن سان سچي يورپ جي قومن کي ڏنل عذاب، آمريڪي قوم جي مجاهد ويٽنامي قوم خلاف اڳرائيءَ جي سڀ هڪڙي قوم جا ٻئي قوم سان ظلم جا مثال آهن. انهن ظلمن ۾ اڳواڻي برابر سرمائيدار حاڪم طبقي ٿي ڪئي، پر اها سموري قوم بہ ذري گهٽ سچي ان وحشياڻي حرڪت ۾ شامل رهي ٿي." *ڪتاب "صبح ٿيندو"، (ص 66_67_68)*

پليجو صاحب تہ ان بابت تازو 1983ع جي تحريڪ کان پوءِ سنڌ ۾ اهو بحث ڪري ثابت ڪيو آهي تہ پنجابي مزدور هاري بہ سنڌي ماڻهن جو استحصال ڪري ٿو. ان لاءِ سنڌ ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ (سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي) هاڻي خالي وطن دوست پارٽي وارن، پارٽي ورڪرن لاءِ نڪرندڙ پنهنجي پرچي ۾ بحث ڪري، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌي مزدور هاريءَ جو پنجابي مزدور استحصال ڪين ٿو ڪري هن جي جواب ۾ پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ طرفان ورڪرن لاءِ نڪرندڙ پرچي... ۾ اهو بحث ڪري ثابت ڪيو ويو تہ سنڌي مزدور هاري مسڪين جو پنجابي مزدور هاري استحصال ڪري ٿو. پڙهندڙن جي ڏهنن تان اڄا اهي ڳالهيون ۽ بحث ميسارجن ئي ڪين ٿا، جو اسان جو پليجو صاحب وري ان جي بلڪل اُبتڙ شروع ٿيو وڃي.

چوٽين ڳالهه ته سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيندا ٿا وڃن. ۽ سنڌي ڪراچيءَ ۾ ريبڊ انڊين واري صورتحال ۾ ٿا رهن!

بيشڪ اِها ڳالهه لک جي آهي ۽ هر سنڌي ماڻهو اها ڳالهه محسوس ڪري ٿو ۽ اسان به ان سان متفق آهيون.

پر پليجو صاحب هاڻي ان ڳالهه کي به ائين ٿو ڪٽي. جيئن پاڻ ٻڌايو اٿس.

وڏيرڪي جدوجهد جا طريقا

"وڏيرڪي جدوجهد جلسن جلوسن ۽ اخباري بيانن تائين محدود هوندي آهي. هو ڪو به اهڙو طريقو اختيار نه ڪندا آهن. جنهن مان هڏ جوکي جو اندیشو هجي يا جنهن مان عوام جو من وڌي وڃي، ۽ هو ايترو زور وٺي وڃن. جو انلو کين ڇڄيءَ کان وٺن. ان ڪري هو عوامي جدوجهد کان ڪوهين پري پچندا آهن ۽ قومي مخالفن کي فقط زبان ۽ قلم جي مار ڏيندا آهن. سندن پاليسي هوندي آهي ته "لعل به ليي پريت به رهجي اڇي". يعني عوام کي اُلو بنائي، قومي سورما بنجي، اقتدار به وٺون ۽ قومي مخالفت سان صفا دنگ به نه پوي. چو ته سياڻي جڏهن "ڪم نڪتو ڪاغذ ڦاڻو" وانگر عوام مان ڪم ڪڍي کين وري موچڑا هٿي سڏو ڪرٽو پوندو. تڏهن اهي مخالف ئي ته ڪم ايندا. اصل اتحاد ته انهن سان ئي ڪرٽو آهي. ۽ اصل جنگ ته عوام سان ئي آهي. قومي جدوجهد ته رڳو نالو هوندو آهي. دراصل مقصد هوندو آهي مخالف کي عوام جو پوڙ ڏيڪاري ٿورو نرم ڪري کانئس ڦر جي مال مان پنهنجو پورو حصو پتي وٺڻ. يعني "ڦر ڏيڪاري جر ڪٽائڻ" پس پيش وڏيرا ۽ قومي مخالف پاڻ ۾ پائي پائي ٿيو وڃن. ۽ عوام "ڪُتيءَ سان به ڪارا ٿياسون. گلر به ويا پنهنجي گهر"؛ وڏهي ڦُرجي. مارجي گهر مسيت ڪري پچاڙيءَ جو سڪٽي گندي ڪلهي تي رکي وڃي گهر پيڙا ٿيندا ۽ ساڃي ماني ساڳ سان کائيندا. اِهو آهي وڏيرڪي قومي جدوجهد جو نظريو. ان جو مقصد ۽ ان جا نتيجا.

(تحريڪ مئي 1973ع، صبح ٿيندو ص 49_50)

اهڙيءَ طرح پليجو صاحب پنهنجي وڏيرڪي جدوجهد وارو نشاندهي ڪيل طريقو اختيار ڪري سنڌي عوام مان ڪم ڪيڏ جي ڪوشش پيو ڪري ۽ ان ڪوشش ۾ سنڌ اندر سنڌس سياست باشعور يا ٿوري گهڻي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو سمجهي چڪا آهن. هو محسوس تا ڪن ته پليجو صحب سنڌ دشمن ٽولن جي سياست جو شڪار ٿي. سنڌي ماڻهن کي سولو شڪار ڪري پنجاب اڳيان اُڇلائڻ ٿو گهري ۽ ان جي انعام حاصل ڪرڻ لاءِ پنجاب جي پوڄا پاٽ پيو ڪري ان ڪري سنڌ جي قومي حقن تان هٿ کڻي نقلي ترقي پسنديءَ واري تسبيح پيو ڦيرائي!

پليجو صاحب پنهنجي بابت سنڌ اندر اُپرندڙ انهيءَ سنڌي ماڻهن جي سوچ کي روڪڻ ۽ ان جي شدت گهٽائڻ لاءِ اِها ڳالهه ٿو ڪري ته سنڌي ماڻهو اقليت ۾ ٽيندا وڃن، ٻئي طرف ان عمل ۾ رڳو بهارين ۽ مهاجرن کي مهڙ ۾ ڏئي. انهن جو نالو نروار ڪري ائين ٿو محسوس ڪرائي. جڙ پنجابي ويچارا ڪا شيءِ ئي ڪونهن ۽ اهو گناهه رڳو اڪيلي سر بهاري ۽ مهاجر پيا ڪن: پنجابي ان سڄي عمل ۾ شريڪ ئي ڪونهي!

ائين پليجو صاحب سنڌين کي به مطمئن رکڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته هو سنڌن حقن جي ڳالهه پيو ڪري ۽ پنجاب کي به خوش رکي: ته پرواهه نه ڪريو. هو سنڌن ڳالهه به نه ڪندو. بهارين واري مسئلي تي به سنڌس ٻڌي لائين آهي: پاڻ ايم. آر. ڊي ۾ وينو آهي. جيڪا شروع کان وٺي هيستائين بار بار قراردادون پاس ڪري حڪومت کان گهر ڪندي رهي آهي ته بهاري آندا وڃن. صدر ضياءالحق جي ڪراچيءَ ۾ ڏنل بيان تي بهارين جي باري ۾ ڪاري ڏينهن ملهائڻ جي ڪال به ڏني وئي. پر مجال آهي جو پليجو پارٽي هڪڙو لفظ اتي وات مان ڪڍيو ايم. آر. ڊي ۾ ڪو احتجاج ڪيو ۽ ڪو ننڍو بيان ڪيڙي ايم. آر. ڊي جي ان عمل کان پاڻ کي الڳ ڏيکاريو! پر ٻئي طرف وري هاڻي "سنڌ بچاءَ تحريڪ" جي نالي ۾ هڪ غير مؤثر ڪميٽي ٺاهي، رڪارڊ جي پورائي لاءِ هڪ اڌ جلسو

ڪري مطالبو ٿيو تہ بهاري سنڌ ۾ نہ اچن. واهہ ڏاڍو سولو طريقو اختيار ڪيائون. سنڌي عوام کي مٿي تان هٿ ڏيرائڻ جو. "سنڌ بچاءَ تحريڪ" جو هڪ پمفليٽ بہ سنڌ ۾ ورهايو ويو. پمفليٽ ۾ ٻہ ڳالهيون هيون: هڪ تہ بهاري نہ اچن. ٻيو تہ ڪوڪرا پار واري سرحد نہ کولي وڃي.

سنڌ ۾ بهاري نہ اچن. سنڌ جي هر باشعور قومي غيرت رکندڙ سنڌيءَ جو اهو مطالبو آهي. جنهن لاءِ سنڌ جون سيئي قوم پرست جماعتون گهوڙا گهوڙا ڪنديون پيون اچن ۽ ان تي اختلاف ئي ناهي تہ بهارين کي روڪڻ لاءِ مطالبو نہ ڪيو وڃي. پر پمفليٽ ۾ اصل مسئلي جي ٻڌ بنياد تي هڪ اکر بہ نہ لکيو ويو آهي. مثلاً روزانو پنجاب کان ايندڙ پنجابين جي هيڏي ساري لوڏ سنڌ اندر اچي وڌين آفيسرين کان وٺي ڪلارڪي. سپاهي. مزدوري طور ڪارخانن ۽ زمينن تي چانئجي ٿي وڃي. شالیمار ايڪسپريس. جيڪا اڳي پنجاب ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ هفتي ۾ ٻہ چڪر ڏيندي هئي. اُها هاڻي روزانو پنجاب مان پرجي سنڌ ٿي اچي. انهن ۾ لکين ايندڙ پنجابين تي پليجي صاحب جي زبان ۽ قلم خاموش ڇو آهي-؟ ڇو نٿو جلسن جلوسن ۾ اِهو مطالبو ڪيو وڃي تہ سنڌ ۾ پنجابين جي آبادڪاري بند ڪئي وڃي ۽ لکن جي تعداد ۾ سنڌ اندر رهندڙ پنجابي سنڌ خالي ڪري پنجاب وڃن.

اصل ۾ پليجو صاحب اها ماڻ آهي. جيڪا يار جي شوق ۾ ٻار تان هٿ ڪٽندي آهي. ائين پنجاب جي اشاري تي بهارين اچڻ واري مسئلي کي تيز ڪري ۽ سنڌي ماڻهن جو ڏيان پنجابين جي تيزيءَ سان ايندڙ آبادي‌ءَ تان وڏي ڪريب ۽ اٽڪل سان هٽائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري؟

ٻيو تہ ڪوڪرا پار واري سرحد نہ کلڻ ڪپي. جنهن لاءِ اِهو آهي تہ اتان مهاجر اچي سنڌ ۾ آباد ٿيندا. ڇاڪاڻ تہ هن کان اڳ ايندڙ مهاجر بہ ڪوڪرا پار واري سرحد کان آيا هئا؟ نہ. پاڪستان ٺهڻ تي 98 سيڪڙو مهاجر پنجاب جي رستي سنڌ ۾ اچي ورسيا هئا. هاڻي بہ جيڪي

پناهگير ايندا يا اچن پيا، اهي واڳها ۽ پنجاب کان اچن پيا، ۽ جن کي اچڻو هوندو سي پوءِ به اچي سگهن ٿا!

اهو به مسئلو ائين ٿو لڳي ته پليجو صاحب کوکرا پار جي سرحد بند ٿو ڪرائي، پر سنڌ جون سرحدون پنجابين جي داخلا لاءِ کليو رکڻ ٿو گهري!

اسان سمجهون ٿا ته کوکرا پار واري سرحد کي بند ڪرائڻ جو مطالبو به بنيادي طرح پنجاب طرفان پليجي صاحب هٿان ڪيل مطالبو آهي، جنهن جي ڪري پنجاب پنهنجي اِها نندي ڪمائي به بند ڪرائڻ نٿو گهري. کوکراپار واري سرحد کلڻ تي هندستان کان اچڻ ۽ وڃڻ وارا ماڻهو (جن جي اڪثريت سنڌ مان ٿي وڃي ۽ اچي ٿي) جيڪي هينئر پنجاب کان ڦري وڃن ۽ اچن ٿا، انهن جي ڪري پنجاب بيوروڪريسي نندي وچولي ۽ نندي وڏي واپاريءَ کان وٺي عام مزدوري ڪندڙن کي ئي ڪمائي ٿئي ٿي. اصل ڳالهه مهاجر ۽ سنڌي هندن جي آهي. هنن جي لاهور مان نڪري وڃڻ ڪري پئسن ۽ سفر جي آمدني ٿئي ٿي، راجستان مان سهولت اٿن.

پليجو صاحب بار بار اها ڳالهه ٿو ڪري ته سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪير ٿو ڪري پر وري به سندس اطلاع لاءِ عرض آهي ته اها قوت ۽ وڏندڙ آبادي پنجاب جي آهي (جنهن لاءِ پاڻ اقتدار جي آسري ۾ موقع پرستيءَ جي ڏهڻ ۾ ڦاٽل آهي، جتان نڪرڻ بنهين مشڪل آهي) ۽ بعد ۾ پناڻ ۽ پناهگير اچي وجن ٿا، جن کي پڙ پنجاب جي طاقت ئي پنهنجي سياسي حڪمت عمليءَ تحت ورسايو آهي ۽ اڃيان به ورسائيندي.

جيڪڏهن ٽوٽل سياسي ۽ حڪومت جي قوت پنجاب جي اختيار ۾ نه هجي ها ته شايد سنڌ ۾ ايندڙ پناڻ، پناهگير ۽ پڙ سنڌي به پنجاب ۾ زمينن، نوڪرين ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪندي توهان کي ضرور ملن ٿا. پر هاڻي ته پليجي صاحب تي بحث ڪري دليل ڏيڻ جي به ضرورت نه رهي آهي. هو خود به پنهنجي گذريل ڪارگذارين جو ضد

بنجي، پنجاب جي پرستش ۾ پڙو ٽيندو پيو وڃي. سندس، سنڌي ماڻهن کي ڏتاريڻ جي انهن کوڙين اڪلن تان پاڻ لاهور ۾ (سياسي قيدين جي آزاديءَ واري ڪميٽيءَ پاران سندس مان ۾ ڏنل دعوت ۾) تقرير ڪندي اهو چئي پردو هٽائي چڏيائين ته پاڪستان جي سمورن شهرين کي پنهنجي پسند جي ڪنهن به علائقي ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي! ڇڙ اڳي بندش پيل آهي—!!

پليجي صاحب جي پنجاب جي دوري جو جائزو ورتوسين، توهان پنجاب ۾ پليجي صاحب جي مصروفيت، اتي سندس تقريرن، بيانن، پريس ڪانفرنسن ۽ ٻين سرگرمين کي ڏٺو ۽ پڙهيو ۽ هاڻي يقيناً چئي سگهجي ٿو ته پليجي صاحب تي پنجاب جي سياستدانن ۽ دانشورن جي نيڪ صلاحن ڏاڍو اثر ڪيو جو پاڻ هڪڙو ڏاڪو اڳتي اچي پاڪستان عوامي تحريڪ مان عوامي نيشنل پارٽيءَ تي اچي پهتو آهي. "یہ وھی جگہ ہے نکلے تھے ہم جہاں سے"۔

دراصل عوامي نيشنل پارٽي نعپ ئي آهي، جنهن تي پٽي صاحب جي وقت ۾ سپريم ڪورٽ طرفان بندش پيل آهي، تنهن ڪري نيشنل عوامي پارٽيءَ مان لفظ عوامي اڳيان آڻي، ان کي عوامي نيشنل پارٽي سڏيو ويو آهي.

پليجي صاحب جي پاڪستان جي مرڪزي سطح تي پارٽي هئڻ واري خواهش، پراڻي آرزو اندر چيري عمل ۾ آئي، سا به اهڙي طرح، جو جنهن نعپ مان پاڻ بيزار تي فرمايو هئائين:

"اڳ نيشنل عوامي پارٽي سالن جا سال هر هنڌ ناڇ ڪريو جهمر هٽيو جمهوريت، سوشلزم، سيڪيولرزم، قومي حقن ۽ صوبائي خودمختياريءَ جون هنبوچيون هٽندي رهي آهي. هنن پهريائين ون يونٽ ٽوڙائڻ جو ڏونگ چڏي جماعت اسلاميءَ سان شريڪ ٿي، ڊئڪ (D.A.C) جو ناٽڪ رچايو. پوءِ سيڪيولرزم کي طلاق ڏنائين، پوءِ هوليءَ جي مسئلي تي مظلوم قومن کي پٺ ۾ خنجر هنيائين. تازو ان آئيني ڍانچي تي

صحي ڪئي اٿس، جنهن ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي مٿي پليد ڪئي وئي آهي. نعپ هن وقت لاش آهي، اهو هاٿي ڏپ پيو ڪري، پر لغاري، عزيز الله شيخ، سرڪي، مهر حسين شاهه ۽ بيا ڪانڊي اڄا به ان کي ڪلهن تي کنيو اخبارن ۽ جلسن ۾ رلائيندا وتن. نعپ برابر مڪريل ڏاڙهه ۽ هست رنگي ڏوتي هئي. چندا ڏوبڙ ڪان به وڌيڪ يارن کي آسرا ڏيڙ واري ترڪ تالڙ هئي. ان جي پلاند تي سوين خونن جا ڏها هئا. قومي هولين جو خون، عوامي انقلاب جو خون، قومي جدوجهد جو ۽ جمهوريت جو خون. ان کي جيڪا به سزا ڏجي سا ٿوري، پر لاش جي بي حرمتي ڪنهن به مذهب ۾ جائز نه آهي. هن سڙيل لاش کي ڪلهي تي ڪٽي نچائڙ وارا خدا جا بندا، هاڙ گهٽو ٽيو هاڙ اهو بدبودار لاش مٿي ماٺ ۾ دفن ڪري ڇڏيو!

تحريڪ پبليڪيشن نومبر 1972ع
(ڏراڻن جا ڏڪ، ص 12)

وري هئي هنڌ لکي ٿو:- "دفن ڪريو"!

"مودودي‌ءَ جو مريد ولي خان، بزنجو ٽولو پار پيو ڪيڙي هو اهو عوام دشمن ٽولو آهي، جنهن ننڍين قومن جي جدوجهد کي پٺ ۾ خنجر هنيو. پاڪستان جي قومي هولين بلوچ، سنڌي، پشتون، پنجابي‌ءَ سان غداري ڪئي، صوبائي خودمختياريءَ جو مذاق اڏائيندي دستور صحيح ڪيو. پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي ازلي ويرين طرفان سنڌ ۾ ڪيل فسادن جي پٽيرائي ڪئي، مظلوم سنڌين خلاف اٽلو ڪوڙيون انڪواريون هلائي سندن خلاف پروپيگنڊا ڪئي، جيئي سنڌ جي خلاف زهر اوگاڇيو مظلوم قومن جي دشمنن جي چمچاگيري ۽ دلالي ڪئي. پاڪستان جي مظلوم قومن جي جمهوري مورچي کي توڙي

دشمن کي راضي ڪيو بلوچ عوام جي جدوجهد کي ٻين مظلوم پاڪستاني قومن جي جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪري، ان کي اڪيلو ڪرايو اهو بلوچستان ۽ ٻين سيني مظلوم پاڪستاني صوبن جو غدار ٽولو ٻه هاڻ هاڻ پيو ڪري، انهن کي بلوچستان جو ڏڪ آهي، سڄي ملڪ جي قومي قاتلن کي ڏڪ آهي."

(ايڊيٽوريل رسالو تحريڪ، جون 1973ع)

بهرحال، اڄ اُها نعپ، پليجي صاحب جي پئيرائيءَ ۾ سامراج دشمن، ترقي پسند، صوبائي حقن جي دعويدار بنجي نڪون ويس ڏيکي ميدان ۾ آئي آهي. ان عوامي نيشنل پارٽيءَ کي ترقي پسنديءَ ۽ سامراج دشمنيءَ جو سرٽيفڪيٽ ٻه خودبخود ملي ويو آهي، ڇو جو ان پارٽيءَ جو صدر پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري پنجابي ۽ وڏي ڳالهه ته پناهگير ۽ سندن سنڌي چٽون ان جا حمايتي آهن! هڪ جت واري ڳالهه ته "لٽي شهر کي شرف آهي نه ته آهن مون واري اُٺ جا ليڏوٽا!"

سو پليجي صاحب کي شرف آهي، نه ته آهي اُهائي پراڻي نيشنل عوامي پارٽي. هن هاڻي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ اسان جي سياسي خانه بدوش دوستن ٻه اچي ٽپڑ لاڌا آهن، جن کي پليجو صاحب نام نهاد نقلي ترقي پسند پنجابي-پناهگير ۽ سندن هولائو سنڌي طوطا چئي، ياد ڪندو آهي. اهي پاڻ کي ظاهر ڪن ڪميونسٽ، پر پُڇ لٽڪائو سدائين سامراجي دلالن جا!

ڪجهه وقت اڳ جڏهن نعپ اندر بلوچن ۽ پٺاڻن جو هڪ ٻئي سان پوري مدد نه ڪرڻ ڪري تڪرار ٿيو ته بزنجي وچي پاڪستان نيشنل پارٽي ناهي. ولي خان نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ناهي. هنن ٻه *"ميرا بھی تو ہے!"* جي چوٽي موجب، نيشنل پروگريسو پارٽي ناهي! چوندا آهن: "هڪڙي اڳيئي نچٽي پيا پڌائين گهنگهرو"، سو هنن ٻه انهي گهنگهرين جي تال تي سرخ پرچم ۾ لکيو ته "بزنجو سي آءِ ڊي آمريڪي انٽيليجنس جو خاص ماڻهو عوام دشمن ۽ رجعت پرست آهي."

ولي خان جي لاءِ چيائون تہ "اِهو بہ خان وڏو ماڻهو ۽ عوام دشمن آهي" هنن جي "تنهنجي ساڻي، منهنجي ساڻي" تہ ملٽري ڪورٽ ۾ اهو بيان ڏنو تہ ملٽريءَ وارن مون تي تارچر ڪندي مون کي چيو تہ هو اين ڊي پي ۾ شامل ٿي وڃي تہ ڪيس آزاد ڪيو ويندو. (ان بيان جي تقرير ٽيپ ڪري پوري سنڌ ۾ وڃائي وئي).

مطلب اِهو ٿيو تہ ولي خان بہ سرڪار ۽ سي آءِ ڊي وارن جو ماڻهو ٿيو. انهن ڳالهين تي چيوسون، بابا! سياست ۾ اختلاف ايندا آهن، پر اهڙن مفروضن تي ٻڌل الزام هٽي پروپيگنڊا ڪري پنهنجي ليڈري چمڪائڻ فضيلت وارو فعل ڪونهي".

اِها ڳالهہ ٻڌيو همراهہ اصل هڪڙن مان پيا وڃن. اکيون ڳاڙهيون ڪريو دوڙا ڏوتاريو چون: "رجعت پرستن، سي آءِ ڊي آمريڪي ايجنٽن کي عوام اڳيان اڳهاڙو ڪرڻ ضروري ۽ انقلابي قدم آهي." چڱو ياءِ وارو ڪريو! ٻيو ٻيلا چا چئون!؟

ايجا اِهي بحث پي هليا تہ اوچتو ئي اوچتو لڏ پلاڻيائون ۽ وڃهندي ٽپڑ گڏهہ تي "السلام عليڪم! جاڙا خان ڪتو جهلجائين!" سڏو وڃي بزنجي جي نيشنل پارٽيءَ ۾ لڏو لاڻائون! چئي: "قومي جمهوري انقلاب لاءِ پڌ مٿائڻ ضروري وقت جي تقاضا ٿي پيو هو. ٻئي هنڌ جهليءَ جي جاءِ ڪونهي. بزنجي جي ساڻ ۾ سلامتي آهي."

"چرين ڪهڙا ڇت مٿن ڪهڙا مامرا"، ايجا ڪجهہ ڏينهن مس گذريا هئا، جو بزنجي جي پر ۾ بہ هنن کي سکون جو سک نہ پئي آيو. سک ايندو بہ ڪيئن؟ آخر سياسي خانہ بدوش جو ٿيا ـ! سو پڌ تہ ترت بدلائيو هيو. پلا تڪليف بہ ڪهڙي! رليون آٿر ڪٽندي ڪهڙي دير؟ وري لڏ گڏهہ تي. ۽ هي سنڌي طوطر جي سامين جو سرو پنهنجي پناهگير-پنجابي نجومين سميت اچي ولي خان جي والار ۾ نڪتا آهن. چئي: "عوامي نيشنل پارٽيءَ جي اڳ تان عوام جي عاقبت سنوارجڻ جي ستارا ساري تا ڏين!

هن عوامي نيشنل پارٽيءَ ۽ اڳوڻي نعپ ۾ تبديلي اِها آهي تہ هن ۾ بلوچ غير موجود آهن ۽ قوم پرست سنڌين جي ڪا بہ نمائندگي

ڪانهي، ٻيو فرق اهو آهي ته اسان جي پليجي پارٽيءَ کي سينئر نائب صدرڻي ملي آهي ۽ اڳيان هلي، صدارت يا جنرل سيڪريٽريءَ جو آسرو آهي. شايد اِهو ئي سبب آهي، جو سندس صلاح مطابق نعپ جي ان سڙيل لاش جي بدبو کان بچڻ خاطر لغاري، عزيز الله شيخ، مهر حسين شاهه ۽ سرڪي ته ان کي دفن ڪري چڏيو. پر پليجي صاحب ان لاش جي به جند نه چڏي! ان لاش تي مجتائن جو مقبرو اڏائي، پاڻ ان نئين سياسي زيارت گاهه جو مجاور ٿي. اڄڪلهه نوان ڪرشما ۽ ڪرامتون پيو ڏيکاري.

پليجي صاحب جي اِن حرفت بازيءَ واري هيرا ڦيريءَ تي غور سان ويچار ٿو ڪجي ته پاڻ قومي غدار وڏيرن، نام نهاد اسلام پسند رجعت پرستن ۽ نام نهاد نقلي ترقي پسندن واري ٽولي کان تمام گهڻو هوشيار سياسي بازيگر بنيل آهي. هو جتي پنهنجي سنڌي قوم جي اصولي موقف تان دستبردار ٿي، اڪيون پوري پنجاب کي ٻڌائي يقين ٿو ڏياري ته هو پنجاب جي بالادستيءَ واري سياست جو حصو آهي.* هاڻي ڪيس قومي ليڊريءَ جي قبوليت جو شرافت وارو شرف بخشيو اُتي اِها به ڳالهه ٿو ڪري ته سنڌين کي سنڌ ۾ اقليت ۾ تبديل ڪيو ٻيو وڃي ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي حالت ريڊ انڊين جهڙي آهي! (ان لاءِ ڏسيو بهارين ۽ پناهگيرن کي ٺهرائي خاموش ٿيو وڃي). اِها ڳالهه ڪري هو پنهنجي ورڪرن ۽ سنڌي ماڻهن کي وساهي ٿو ته هو ايجا اهو ساڳوٽو پليجو آهي، جنهن حفيظ قريشي ۽ پٽر سنڌيءَ سان گڏجي "سنڌي عوامي تحريڪ" ناهي ۽ منظم ڪئي هئي.

(هو بنيادي راهه بدلائڻ، صبح ٿيندو، ڏراڻن جا ڏڪ ۾ ڪيل قومي سياسي بحثن تان هٽ ڪٽڻ، 1973ع جي آئين ۽ جمهوريت جي ليکي ۾ رجعت پرست، قوم دشمن، عوام دشمن وڏيرن، پيرن، ملن، پنجابي پناهگيرن سان پاڪستان ليول تي اتحاد ڪرڻ ۽ آخر ۾ سنڌي

---

* سياسي جماعتن ۾ سامراجيت کي ختم ڪرڻ سان گڏ ان جي بنهه اُبتڙ هڪ خواهش سامراجيت سان دوستي ڳنڍڻ جي به موجود هوندي آهي. انهن جماعتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهي ٻئي سلسلا گڏوگڏ هلندا آهن. (فرانز فينن، ص 60:)

ورڪرن تي ٿهيل پارٽي ختم ڪرڻ اِها سڀ آئنده جي انقلاب لاءِ حڪمت عملي ڄاڻائي ٿو).

اهڙيءَ طرح هو سنڌي ماڻهن وٽ پنهنجي ساک بچائي، پنهنجي سياسي اثرن کي غلط استعمال ڪري، سنڌي ماڻهن ۾ مونجهارا پيدا ڪري، انهن کي قومي لائين تان ڀٽڪائي، ڪمزور ڪري، دشمن اڳيان سولو شڪار بنائڻ ٿو چاهي. پنجاب سامراج به پليجي مان اِها توقع ٿو رکي، چو ته پنجاب سامراج به اهو سمجهي ٿو ته موجوده حالتن ۾ سنڌ اندر جيڪو ڪم پليجو سرانجام ڏيندو اهو هاڻي پيپلز پارٽي به نٿي ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي، جو پنجاب جا دانشور ۽ سياستدان پليجي لاءِ پاڪستاني ليبر بنجڻ جي راهه هموار پيا ڪن ۽ پيپلز پارٽيءَ جي مقابلي ۾ به هن کي اڳيان آڻي، آجيائا ۽ تقريبون ٿا سينگارين.

پليجو صاحب اڄ جڏهن سنڌي ورڪرن جو وڏو تعداد وٽي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي سائنسي سوچ جا نوان جوهر ڏيکاري، عوامي انقلاب ۽ قومي جدوجهد لاءِ نيون نراليون راهون تجويز ڪري، ڏڪهي اٽانگي ورن وڪڙن واري وات تان ڏڪا ٽاٻا کائيندو اچي مرڪز جي محراب ۾ سربسجود ٿيو آهي ته هاڻي سندس خيال ۾ سنڌ جي قومي جبر ۾ ڪو فرق آيو آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جي سياست ۾ سندس اها تبديلي لازمي ٿي پئي هئي، جنهن کي نه اپنائڻ جي ڪري قومي حقن جي حاصلات انقلابي عمل جي واڌاري ۾ رڪاوٽ پي ٿي. هاڻي اسان ڏسون ته 1973ع کان 1986ع جي پندرهن سالن اندر ڪا اهڙي بنيادي تبديلي آئي آهي، جنهن ڪري قومي تضاد حل ٿيو آهي يا ان جي شدت ۾ گهٽائي ٿي آهي، يا ان جي حل ٿيڻ ۾ باهمي صورتحال پيدا ٿي آهي يا وري پاڪستاني سياسي پارٽين، نام نهاد ترقي پسندن جي سوچ ۾ ڪا تبديلي آئي آهي، هنن پنهنجا پروگرام تبديل ڪيا آهن ۽ قومي حقن جي آزاديءَ تائين حمايت ڪرڻ لڳا آهن، جنهن تي اسان کي سوچڻو پوي ته پليجو صاحب صحيح راهه ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽

اسان آهيون جيڪي ان نئين صورتحال کان نٽائي غلطي ڪري رهيا آهيون. ان لاءِ ڏسون ٿا ته 1973ع کان وٺي اڄ 1986ع تائين پاڪستان جي سياست ۾ جيڪي واقعا رونما ٿيا آهن، تن مان ظاهر آهي ته حاڪم قوم پنجاب طرفان مظلوم قومن تي قومي ظلم ۾ شديد اضافو ٿيو آهي. 1973ع جو آئين مڙهي، مظلوم قومن جي وجود کان انڪارڪيو ويو. ان آئيني جمهوريت جي پاداش ۾ بلوچن ۽ پشتونن جون چونڊيل حڪومتون ڊاهي پٽ ڪيون ويون. رڳو حڪومتون ڊاڻيون وڃن ها، تڏهن به نهيو. پر بلوچستان تي پنجابي فوج چڙهائي ڪري پنجويهه هزار بلوچ ماريا. بلوچ ۽ پٺاڻ ليڈرن تي غداري ۽ ملڪ دشمنيءَ جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين جيلن ۾ وڌو ويو. سنڌي قوم پرستن، شاگردن، هارين ۽ سياسي ورڪرن کي (ڊي. پي. آر) 109_110 سنڌ ڪرائيمس جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري، اسپيشل ٽربيونل قائم ڪري، هنن کي بنان ڪيس هلائڻ جي سالن جا سال جيل ۾ رکيو ويو. سنڌي رسالا ۽ ڪتاب بند ڪري، پريسن تي تالا لڳايا ويا. اهو قومي ظلم ۽ بربريت جمهوريت ۽ آئين جي پوش ۾ پنجاب جي پاليل سنڌي وزيراعظم ٻڌي جي سات سان ٿيندو رهيو تانجو "ڪم نڪتو ڪاغذ ڦاٽو"، "ڏريان ئي ڏاريا، مِٽَ مُئيءَ جا نہ ٿيا!" ٻڌي جي وفاداريءَ جو وقت پورو ٿيو. پنجاب جي نمائندي ٻڌي جي وفادار ساٿي ضياءُ الحق وفا نيائيندي. 1977ع ۾ ٻڌي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري مارشل لا لڳائي. سنئين سنڌي پنجاب جي حڪومت قائم ڪئي ۽ ٻڌي کي سنڌي سڌي سزا ڏئي. سوريءَ تي لٽڪايو. هاڻي قومي جبر جي ڪلي تاريخ لکجڻ شروع ٿي. ڦٽڪا، ڦاسيون، جيل ۽ جبر سنڌين کي ڏاڄ ۾ ڏنا ويا.

1983ع جي تحريڪ ۾ (سنڌ تي فوجي آپريشن ٿيو جيڪو اڃا جاري آهي) سنڌين جو قتل عام ڪيو ويو. سنڌي نوجوان شاگردن، ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن کي رستي هلندي بسون ٻيهاري گولين جو بک بنايو پيو وڃي. سنڌين مٿان ڪاري ڏيام ڪري گذاري وئي.

هن عرصي ۾ لکين پنجابي، پٺاڻ، پناهگير ۽ بهاري سنڌ ۾ آباد ٿيندا رهيا ۽ (ايڄا آباد ٿين پيا)، سنڌ جي زمينن، نوڪرين ۽ گذر جي مڙني وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. اِن تيزيءَ سان جاري ظلم ۽ تشدد قومي شدت کي وڌيڪ اُپاريو آهي مظلوم قومن جي ماٿهن ۾ حاڪم قوم پنجاب خلاف نفرتن ۽ جو بيڪران سمنڊ چولیون ٽو هٽي: ان جبر، جارحيت ۽ حق تلفين جتي مظلوم قومن اندر طبقاتي تضاد موجود هوندي به، قومي تضاد کي اپاري اوليت واري شڪل ۾ آڻي بيهاريو آهي. اتي حاڪم قوم پنجاب تي قومي شاونزم مڪمل طرح حاوي ٿي ويو آهي، جڏهن ته طبقاتي ۽ جمهوري تضاد پوئتي وڃي سندن حڪمران ٽولن چوڌرين لاءِ استعمال پيو ٿئي.

هن پندرهن سالن جي عرصي ۾ انهن پنجابي-پناهگيرن جي مرڪزي جماعتن مظلوم قومن لاءِ ڪهڙا پڌرا پروگرام ڏنا؟ قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي يا قومي حقن لاءِ ڪو آواز بلند ڪيو؟ سي سڀ عالم آشڪار آهن. انهن مرڪزي جماعتن ۾ هاڻي رجعت پرستي ۽ ترقي پسنديءَ جو ويڇو رکڻ ئي فضول آهي. رجعت پرستن جي امامت به انهن لاءِ مخصوص ته ترقي پسندي به سندن واسطي رزرو ٿيل.

(صبح ٿيندو-ص 86)

مقامي رهاڪو ڪارين ڦورو جي (جيڪي اسان وٽ ڪراچي حيدرآباد ٽنڊو الهيار ملن يا ڪارخانن جون ڪالونيون ريسٽ هائوس)، شهر کي حرص ۽ حسد جي نظر سان ڏسندا آهن. انهيءَ نگاهه ۾ سندن ملڪيت جا صدين کان بيچين خواب هوندا آهن. هر قسم جا خواب. يعني، ڪارڻين ڦورو جي ميز تي ماني کائڻ جا خواب، ڪارڻين لٽيري جي بستري تي سمهڻ جا خواب، جيڪڏهن ممڪن هجي ته ان جي ڏوتل پوتل اڇي اجري زال سان گڏ سمهڻ جا اڻ آسودا خواب! مقامي ماٿهو ڏاڍو حاسد ٿيندو آهي ۽ ڪاريو ڦورو انهيءَ حقيقت کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿو. جڏهن بنهي جون نگاهون ملن ٿيون. تڏهن ڪاريو ڦورو پنهنجي ٻچاءَ وارو انداز برقرار رکندي، ڏاڍي ڪرڙي اک سان مقامي ماڻهوءَ جي انهيءَ خواهش کي پروڙي ويندو آهي.

"هي ماٿهو اسان جي جاءِ والارڻ چاهين ٿا". اها حقيقت آهي. چو ته ڪو به مقامي ماٿهو اهڙو ناهي. جيڪو هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ڪارڻين ڦورو، واري درجي حاصل ڪرڻ جا خواب نه ڏسندو هجي. *(فرانز فينن-منهنجي ماٽي ماڻهن ترجمو عبدالواحد آريسر، ص 47)*

سيني رجعت پرست ٽالي ۾ ترقي پسندن جا ترڪتال ساڳيا آهن. ڪنهن به اِها گهر نه ڪئي آهي: نه ڪري ٿو ته مظلوم قومن کي حق آهي ته هو جيڪڏهن آزاد رهڻ چاهين ته رهن. اها ته وڏي ڳالهه ٿي، پر ڪنهن به اِها گهر نه ڪئي ته سنڌ ۾ ٿيندڙ پنجابي، پٺاڻ، بهارين، پناهگيرن ۽ افغان ڀڳوڙن جي نوآبادڪاري روڪي وڃي. ڪنهن بالادست قوم جي فرد سنڌي قوم ۽ ٻين مظلوم قومن تي ٿيندڙ بي انتها ظلم تي ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي!! سيني جو ساڳيو رويو ۽ ڪردار رهيو جيڪو پنجاب جي مشهور ترقي پسند، انقلابي عوامي شاعر فيض احمد فيض بنگال جي باري ۾* اختيار ڪيو هو جيڪو رويو ٻين سيني پنجابين جو پڻ هو. اهڙو ئي رويو سنڌ ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جي باري ۾ هو. چئي: "*ون یونٹ ٹوٹنے سے کسان کو کیا فائدہ؟ یہ وڈیروں کے اقتدار کی بات ہے!*"

سنڌي زبان جي مسئلي تي به ائين چيائون. چئي: "*زبان کی بحالی سے غریبوں کو کیا ملے گا؟ یہ تو متوسط طبقہ کا مسئلہ ہے!*"

اهوئي رايو هنن جو بلوچستان جي قومي جدوجهد جي باري ۾ هو. چئي: "*یہ بلوچ سرداروں کی لڑائی ہے، اس سے بلوچ عوام کو کیا حاصل ہوگا؟*"

اهڙو ئي هٺ ڌرميءَ وارو رويو سنڌ اڄ به آهي. سيئي چون ٿا ته سنڌ جو قومي مسئلو وڏيرن ۽ حڪومت جو پيدا ڪيل آهي، وڏيرن جي اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڳالهه آهي.

(اسان جو پليجو صاحب به هاڻي اِها ٻولي ٿو ٻولي. چوي ٿو "صوبائي حقن جو مسئلو مصنوعي طرح پيدا ڪيو ويو آهي، اهو پوري پاڪستان

فيض احمد فيض بنگال ۾ ٿيندڙ قتل عام کي پنجابي فوجين طرفان جڻ جائز ٺهرايو هو. جو پاڻ لاهور ۾ هڪ وڏي پريس ڪانفرنس ڪري روس کي ڌمڪي ڏني هئائين ته هو بنگال جي مدد نه ڪري، نه ته هو روس طرفان کيس مليل مشهور انعام لينن پرائيز واپس ڪندو.

آمريڪا جي ويٽنام ۾ شڪست ۽ ذلالت کان پوءِ وحشي ريگن جي چريائپ وارين دهشت پسند ڪارروايون. جيڪي هن ايران، لبنان، لبيا، السلوادور، ڏکڻ آفريڪا، گريناڊا، افغانستان ۽ ٻين هنڌن تي جاري رکيون آهن. انهن ڪارروائين کي آمريڪي قوم جائز ۽ پنهنجي وقار ۽ عزت جي بحالي ۽ دنيا تي آمريڪا جي ڌاڪ ۽ برتري سمجهي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو چرني ۽ فلمي ايڪٽر ريگن [illegible]

جو مسئلو آهي، پاڪستان کي ڪو به خطرو ڪونهي. پنجاب کي اِهي ڊپ ڏئي، ضياءُ الحق وڌيڪ حڪومت ڪرڻ گهري ٿو!)"

مطلب تي سيئي رجعت پرست ڪوڙا، نالي پر ترقي پسند، پنجاب سامراج جي ظلم ۽ قومي جبر کان انڪاري آهن، ته ٻئي پاسي پنجاب جو ظلم، تشدد جي صورت اختيار ڪندو ويجي، تنهن ڪري مرڪزي پارٽين اندر حاڪم قوم پنجاب ۽ مظلوم قومن جي ورڪرن ۽ ليڊرن سميت سوچ ۾ پنجاب جي ليڊرن ۽ ورڪرن ۽ عام ماڻهن جي سوچ الڳ ٿي ٻيئي هئي ته سنڌ جي ليڊرن ۽ ورڪرن جي سوچ الڳ هئي.

جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ پاڪستان، جمعيت علماءِ اسلام تحريڪ استقلال، پيپلز پارٽي ۽ ٻيون پارٽيون هيون. سيني ۾ هڪ واضح لڪير چڪجي وئي. هتن سيني پارٽين جي سنڌ جي ليڊرن ۽ ورڪرن هڪڙا فيصلا ٿي ڪيا ۽ بيان ٿي ڏنا، ته وري پنجاب جي ليڊرن ۽ ورڪرن ان جي ابتڙ فيصلا ٿي ڪيا ۽ بيان ٿي ڏنا. مطلب ته قومي تضاد اپريل رهيو (جيڪو ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندو فيصلا ڪن رخ ڏانهن وڌندڙ آهي).

اهو قومي ظلم جي شدت جو احساس ٿي آهي، جيڪو قوم جي ليڊرن ۽ ورڪرن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. هونئن به ڳالهه چٽي پئي آهي ته پنجاب جي ظلمن ڪري سنڌين، بلوچن ۽ ٻين قومن ۾ جيڪا نفرت پنجاب خلاف آهي، انهيءَ ڪري انهن جي ٻڌي وڌيڪ مضبوط آهي. جيئن آمريڪي قوم ريگن جهڙي جنوني ايڪٽر پليان انڊي آهي، سيني کي اِها ڳالهه سوچڻ سمجهڻ گهرجي ته پاڪستان نهڙ ڪانپوءِ جيڪو ظلم بنگالين، سنڌين، بلوچن ۽ پنهڙن سان ٿيو آهي، اهڙو ظلم ڪڏهن پنجابين سان به ٿيو آهي، جي نه ته پوءِ انهيءَ مان ثابت آهي ته اها حاڪم آهي، اهڙا اَپرا سيرا نه ڳڙڻ جهڙا مثال ته آمريڪي، فرانسيسي يا برطانيه ۾ به ٿين ٿا، جتي هِنئين ڏاريندڙ طبقاتي معاشرو هوندو، مظلوم قومن ۾ جهيڙا جهٽا به رهندا آهن، پر حاڪم قوم ۾ نه چو ته سندن پيٽ پريل هوندو آهي.

سنڌ جو قومي تضاد ايترو وڌي رهيو آهي جو پيپلز پارٽي حصا ٿي وئي. سنڌين جو هڪ حصو ممتاز ڀٽي ۽ حفيظ پيرزادي جي قيادت

۽ بلوچ ۽ پٹاڻ قوم پرست ليڈرن سان گڏجي قومن جي برابريءَ جي نئين فارمولي کنفيڈريشن جي ڳالھ پيو ڪري. جمعيت علماءِ اسلام به ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي. جنهن ڪري (مشهور عالم دين مرحوم محمد صادق ڪڏي واري جا معتقد مولوي محمد اسماعيل. حافظ محمد صديق ۽ سنڌ جي ٻين علمائن جو حصو سنڌ جي قومي حقن ۽ آزاديءَ جي ڳالھ ٿو ڪري.

صورتحال اها آهي جو سنڌجو ڪو به ماٹھو کھڙي به پارٽيءَ سان واسطو رکندڙ هجي. پر توهان ساٹس ڳالهائي ڏسو ان جي اندر ۾ به پنجاب خلاف نفرتن جي باھ ٻري ٻري. ان صورتحال ۾ پليجي صاحب کي ڪرڻ ترِاهو ڪپندو هو جو سنڌي قوم جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ قومي ٻڌيءَ جي حاصلات لاءِ پاڻ نڪري نروار ٿئي ها. سنڌي قوم جي وسيع تر "اتحاد خاطر" سائين جي. ايم. سيد. ممتاز علي ڀٹو ۽ بلوچ اڳواڻن سان گڏجي قومي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ عملي ڪم ڪري ها! پر افسوس پاڻ پنجابي قوم کي خوش ڪرڻ لاءِ پنجابي-پناهگيرن واري لائين تي سُس پُس مهم شروع ڪري. سنڌ جي قوم پرستن تي حملا ڪندو رهيو ۽ هاڻي ان کي حڪومت جو ايجنٽ چئي. پاڻ ۽ پنهنجي ورڪرن کان حملا ڪرائي رهيو آهي. ۽ ان سُس پُس واريءَ مهم لاءِ پاڻ لکي آيو آهي. "صبح ٿيندو" مان ٽڪرا:

> "سنڌ جي ماٹھن پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ ساڻن ٽيل دوکي کي جڏهن ڳچ دير تائين پروڙيو تڏهن ازخود منجهن سوچ ۽ چرپر پيدا ٿي. پنهنجي خاص حالتن موجب هنن انهيءَ جي مقابلي ڪرڻ جي تحريڪ هلائي. نقلي ترقي پسندن انهيءَ تحريڪ ۾ ڏڪيڙ وجهڻ جو ڪو به موقعو هٿان نہ وڃايو. جي. ايم. سيد. جنهن کي سڀ کان پهرين لياقت علي خان جي آپي شاهيءَ جو تجربو ٿي چڪو هو ۽ جنهن ٻاهرين مداخلت ۽ دٻاءَ خلاف مقابلي ڪرڻ جي جرئت ڪئي. تنهن تي هڪ

طرف سنڌ دشمن پريس، ليڊرن ۽ عام ماڻهن زهريلا ۽ ڪميڻا حملا ڪيا ۽ پنهنجي سرڪار هٿان ڪيس سزائون ڏياريون تہ ٻئي طرف هنن نقلي ترقي پسندن ۽ رات ڏينهن سندس خلاف سُس پُس جي شرير مهر هلائي. سنڌ جي سماجي شعور رکندڙ نوجوان طبقي کي ڪائنس بدظن ڪيو. اهڙيءَ ريت ٻنهي طرفن کان سندس پر ڪاٽيا ويا. مون کي ياد آهي تہ جڏهن پهريون پيرو مارشل لا وارن حيدر بخش جتوئيءَ کي قيد ڪيو تڏهن نقلي ترقي پسندن جي سُس پُس جي مشينري حرڪت ۾ آئي هئي ۽ ماڻهن کي سيڪاريائون تہ "جتوئي تہ وڏيرن جي ڏلن گهٽائڻ لاءِ جيل ويو آهي ۽ عيوضي ۾ وڏيرن جو آهي." ساڳئي طرح ٻين ڪارڪنن مان ڪن کي مُلون، ڪنهن کي رجعت پرست ۽ ڪنهن کي وهم پرست جا لقب عطا ڪري اندران ئي اندران سندن پاڙون ڪٽيون ويون. انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پنهنجي تابع رکڻ لاءِ هر هڪ جي واري سان پٺي ٺپري ويندي آهي تہ "سچو ترقي پسند تون آهين، ٻيا هڙئي رجعت پرست آهن!"

وري جڏهن اِهو سند مليل سنڌي ترقي پسند، سنڌ جي حقن جي حفاظت جي سوال تان ڪو اعتراض ڪندو آهي تہ هڪدم ڪيس ثابت ڪري ڏيکاريو ويندو آهي تہ "تون ترقي پسنديءَ جي سند لاءِ اسان جي رحم ڪرم جو محتاج آهين!". *(صبح ٿيندو۔ص 82۔83)*

پليجا صاحب! اڪيون ڪول. اڄ قوم دشمن جون اخبارون، رسالا ۽ سياسي چرپر، قوم پرستن جي خلاف ڇا لکي ۽ ڳالهائي رهيون آهن. آخر انهن نالي ۾ ترقي پسندن کي ڇا ٿي ويو آهي، جو سيني رجعت پسند پارٽين سان اتحاد لاءِ بنا شرط شروط جي تيار ٿيا آهن. باقي جيڪي ليبر قومي حقن جي ڳالهه ٿا ڪن، سي ٿيا جمهوريت جا دشمن! باقي ٻيا سڀ جاگيردار ۽ سرمائيدار جمهوريت جا رکوالا.

جمهوريت جا ليڊر-! ٻيلي ڊج خدا کان! حاڪم قوم جون سڀ اخبارون ۽ سڀ دانشور، مظلوم قوم جي اڳواڻ جي. ايم. سيد جي پڻيان ڪاهي پيا آهن. ڪي چون ٿا ملڪ دشمن آهي، ڪي چون ٿا عوام دشمن آهي-! اهي سيئي هڪ آواز چو آهن-؟ (بقول 'مائو' ٿا "جڏهن دشمن اوهان جي منهن تي دانگي ملي ٿا سمجهو ٿا اوهان کو چگو ڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن دشمن ساراهه ڪري ٿا سمجهو ٿا اوهان کو غلط ڪم ڪيو آهي").

اهي جملا توکي ڪيترو چرڪائين ٿا، تون ٿا مائوزي تنگ جو پوڄاري رهيو آهين! ٿا وارو ڪريو. جي. ايم. سيد کي ڪاهي چاڙهيو نه ٿا ملڪ جو خانو خراب ٿي ويندو. جمهوريت ۾ اصل رڪاوٽ بنيل ئي جي. ايم. سيد آهي، اِهو نه هجي ها ٿا هيستائين اصل شينهن ۽ ٻڪري گڏجي پيا هڪڙي تڙ تان پاڻي پيين ها.

نام نهاد نقلي ترقي پسند پنجابي-پناهگير ۽ سندن سنڌي طوطن کي کانار ۾ اهڙو مزو اچي ويو آهي، جو هو سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ پکڙي پيا آهن ٿا جيئن سنڌين ۾ وڌندڙ قومي حقن جي لهر ۽ جي. ايم. سيد جي لاءِ همدردين جي طوفان کي روڪين، جي. ايم. سيد کي سنڌ جي ماٿهن ۾ بدنام ڪن: ان لاءِ جتي ڪٿي "ٽين ٽين" پئي پوين ۽ سنڌي ماٿهن کي ٻڌائيندا پيا وتن ٿا جي. ايم. سيد رجعت پرست وڏيرو ۽ ٽوڙ مارشل لا ۽ آمريڪا جو يار ۽ ٽوڙ جمهوريت جو دشمن ۽ ٽوڙ-!!

مطلب ٿا، وڻ گهوڙو ٻڌڻ کين ٿا ڏين. اهڙا کي سنڌن آقائن کان اشارا مليا ۽ ٽن، جو جي. ايم. سيد جي پويان هٽ ڏوئي اچي پيا آهن. جڏڪ سنڌ جو وڏو نقصان سيد ڪري رهيو آهي، پاڻ باقي جيڪي هٽ ٻڌيو پنجاب جي اڳيان جي حضوري، لُور لُور ڪري رهيا آهن. اُهي جڏڪ سنڌ جي حقن جي ڳالهه پيا ڪن. ۽ هاڻي ٿا هنن ۾ ٻيو به اضافو ٿيو آهي، جو اسان جو پليجو صاحب به پنهنجي پوئلڳن سميت هنن جي ڇار ۾ اچي ڦاٿو آهي، سو پنهنجون سموريون صلاحيتون جي. ايم. سيد خلاف استعمال پيو ڪري. تحريرن ۽ تقريرن ۾ جيئي سنڌ، جي. ايم. سيد کي بدنام ڪرڻ لاءِ ٻين سڀني کان اڳيرو آهي-!

مطلب تہ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن ۾ قومي حقن حاصل ڪرڻ جي سوچ جي وڌندڙ تيز طوفان کي روڪڻ لاءِ سيني گڏجي سنڌ جي قوم پرستن خلاف هاڻ گهوڑا شروع ڪئي آهي.

نالي ۾ ترقي پسندن کي موجوده وقت ۾ جي. ايم. سيد ئي رجعت پسند. وڏيرو آمريڪا نواز مارشل لا جو يار ۽ جمهوريت جو دشمن نظر اچي ٿو. باقي پيپلز پارٽي، تحريڪ استقلال، مسلم ليگ خير الدين گروپ، مسلم ليگ قاسم گروپ، جمعيت علماءِ اسلام، جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ ٻيون پارٽيون، جن ۾ خيرن سان سيئي بدنام زمانہ رٽائرڈ جنرل، ڪرنل، ميجر مرڙا، سي آءِ اي جا رٽائر اڳوڻا پوليس آفيسر، سول بيروڪريٽس، وڏيرا، چوڌري، جاگيردار ملان ۽ پيرا؛ مطلب تہ ذات شريف اچي گڏيا آهن. اِهي سيئي اعتدال پسند، لبرل، ترقي پسند، آمريڪا دشمن ۽ جمهوريت دوست نظر ٿا اچن. "آنڊن جا واهي گدڙ" ۽ اسان جي سيني نالي ۾ ترقي پسندن وچي (انقلاب کي اڳيرو ڪرڻ لاءِ) انهن جماعتن ۽ ليڊرن جو سهارو ورتو آهي. هر ڪو سنڌي ماڻهو سوچي ٿو تہ مٿيون سيئي رجعت پرست پارٽيون انهن جا شاهوڪار ۽ گڏينگ ليڊن نالي ۾ ترقي پسند پنجابي-پناهگيرن جون جماعتون، اخبارون، رسالا، دانشور ڪالم نويس، انهن جا سيڪاريل ۽ تاتيل سنڌي ورڪر، حڪمران ٽولا، انهن سيني جي لکڻين، بيانن، تقريرن ۽ حملن جو شڪار فقط جي. ايم. سيد ڇو آهي؟

ان جو جواب پڌرو آهي تہ سنڌي ماڻهن ۾ ايرندڙ قومي شعور جو رخ جي. ايم. سيد جي ڏسيل راهہ طرف اڳتي وڌي رهيو آهي، تنهن ڪري ان کي روڪڻ لاءِ ئي هيڏي ساري چتي لوڏ سيد جي پويان ڪاهي پئي آهي. سنڌي ماڻهو محسوس ڪن ٿا تہ جي. ايم. سيد سنڌ جو اهو واحد سياستدان آهي، جنهن جي سنڌ ٻاڪليت ۽ غلاميءَ واري صورتحال کي پهرين سنڌ ۾ محسوس ڪيو ۽ ان جي ڇوٽڪاري ۽ آزاديءَ جو حل پيش ڪيو. هي سنڌ جو اڪيلو سياستدان آهي، جنهن علي الاعلان پاڪستان ٺاهڻ واري غلطيءَ کي تسليم ڪيو ۽ سنڌ جي جداگانہ حيثيت جي گهر ڪئي. سنڌي قوم جي غلامي ۽ حق

تلفين خلاف احتجاج ڪندي، پنجابي قوم جي حاڪميت ۽ نوآبادڪاريءَ کي ڪلي طرح چٽليڪ ڪيو ۽ سنڌي قوم جي انهن قومي گهرن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مقالا ۽ ڪتاب لکي، جلسا ۽ ڪانفرنسون ڪرائي، تقريرون ڪري، سنڌي قوم کي منظم ڪري جدوجهد جي شڪل ۾ آندو. هن مذهبي ڪٽرپڻي ۽ پاڪستاني قوم جي فلسفي، ان جي ايجاد ڪندڙ نام نهاد ڪردارن کي بي نقاب ڪيو ۽ انهن جي انگريز سامراج جي دلال پڻي واري ڪردار کان سنڌي قوم ۽ بين مظلوم قومن کي واقف ڪيو. اِهي ڳالهيون اهڙيون ته (حڪمران ٽولي جي حساب سان) موتمار ۽ خطرناڪ آهن. جو اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو ڪو به وڏيرو يا ننڍيرو ته نهيں پر پاڻ کي انقلابي سڏائيندڙ به قومي حق کي اهڙيءَ طرح عوام اڳيان نٿو رکي، جهڙيءَ طرح جي. ايم. سيد رکيو آهي.

پليجو صاحب اڄ سنڌ جي تاريخي تسلسل کان منهن موڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ سنڌي قوم کي پنهنجي تاريخ وساريڻ جا ڏس ٿو ڏي. پاڻ لکيو آٿس:

> "سڄي قوم جي گڏيل گهرن کي اسين قومي جدوجهد جا اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي مقصد يا ٿورن لفظن ۾ قومي مقصد سڏي سگهون ٿا. انهن قومي مقصدن کي اسين هن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا: هڪڙا فوري مقصد، جيڪي موجوده حالتن ۾ اسين پنهنجي موجوده وسيلن سان حاصل ڪري سگهون. ٻيا اُهي آئيندي جا مقصد، جن کي اسين اڄ حاصل ڪري نٿا سگهون، پر سياڻي ڪري سگهنداسين.
>
> اهي ايندڙ مقصد به تڏهن حاصل ٿي سگهندا، جڏهن اسان قوم کي اڄ ۽ هينئر کان ئي انهن کان واقف ڪريون ۽ انهن لاءِ هينئر ئي ڏهني ۽ ٻئي قسم جي تياري ڪري ايندڙ جدوجهد لاءِ رستا ۽ ميدان تيار ڪريون."

(صبح ٽيندو۔ص 32)

اڄ پاڻ اهي اقتصادي، سياسي، ثقافتي ۽ فوري مقصد وارا حق 1973ع جو آئين ۾ نام نهاد جمهوريت سمجهيا اٿس ۽ ايندڙ مقصدن ۾ اقتدار جي لاءِ رستو صاف ڪري ڪرسيءَ تي پهچڻ لاءِ پيو واجهائي. جڏهن ته سنڌ ۾ سنڌ جي آزادي ۽ خود مختياريءَ جي اصل مقصد لاءِ پنهنجي ورڪرن واتان سڄي سنڌ ۾ راڄ مهم شروع ڪرائي ته آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي گهر ڪري جي. ايم. سيد سنڌي قوم کي مارائڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. آخر پنجاب جي هيڏي ساري قوت سان جن وٽ يارهن لک مسلح فوج، F.16 بمبار ۽ هيا هٿيار آهن، تن سان ڪيئن منهن ڏئي سگهندا. مطلب ته سندن لائين هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ غلاميءَ کي هميشه قبول ڪرڻ واري لائين آهي، يعني "Capitication" واري لائين آهي. (اها ڳالهه سنڌ ۾ سنڌ جي قومي ڏهاءَ کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي ۽ ڪري رهي آهي!

قومي جماعتن جا سربراهه جيڪي تشدد کان ڏجي اهو سوچين ٿا ته سامراجي طاقت اسان سڀني کي تباهه ڪري چڏيندي، اهي غلطيءَ تي آهن. هي سڄ آهي فوج "ٽين جي سپاهين" جو کيل ڏيکاريندي رهندي، جيڪو غلام ملڪ جي فتح جي وقت کان ٿي رهيو آهي. ليڪن سرمائي جي طاقت سگهوئي انهن کي حقيقت کان واقف ڪري چڏيندي. اهوئي سبب آهي جو معقوليت پسند قومي سياسي جماعتن کي چيو ويندو آهي ته اهي پنهنجا مطالبا نهايت چٽي نموني سان پيش ڪن. ۽ غير ملڪي قوتن سان پُرسڪون انداز ۾ جذباتي ٽيڪ کان سواءِ مسئلن جو حل ڳولين. جيڪو بنهي لاءِ فائديمند هوندو.

اسان ڏسون ٿا ته اها قومي اصلاحي ذهنيت، جيڪا گهڻو نقلي ترقي پسند يونين واڪر نظر ايندي آهي، جڏهن ڪم ڪندي ڪامياب نه ٿيندي آهي ته هميشه انتهائي پُرامن صورت اختيار ڪندي آهي. (پيپلز پارٽي ۽ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي مثين ساڳوئي لائين آهي). مثال طور شهر جي ڪجهه ملن ۾ ڪم بند ڪرائڻ، رهنمائن جي راضپي لاءِ عوامي مظاهرا ڪرائڻ. بس يا باهران آيل مال جو بائيڪاٽ ڪرائڻ وغيره. اهڙي قسم جون تحريڪون هڪ ئي وقت تي به ڪم ڪنديون آهن: سامراجي طاقت تي ڏهاءَ به وجهنديون آهن ۽ ماڻهن کي پنهنجي طاقت آزمائيءَ جو موقعو به ڏينديون آهن. بيهوشيءَ جي وسيلي اهو علاج ننڍ جي ذريعي عوام جي علاج جو هي طريقو ڪڏهن ڪڏهن ڪامياب به ٿي ويندو آهي. پوءِ بخمل سان سينگاريل ميز جي ڪانفرنس جو نتيجو اهي سياسي چونڊون هونديون آهن. (وڌيڪ پڙهو فرانزفينن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "مٽي، هاٿا ماڻهو". (ص 83_84_عبدالواحد آريسر)

ورڪر چون تا ماڻ ڪريو. پنجاب رڳو بي بي بينظير کي وزيراعظر ڪريو. پوءِ پنجاب کان سپ پلاند ساري وٽنداسون. پر هونئن تہ هو ڏاڍا آهن ڪٽي وڍهي سگهنداسون!؟ هنن کان اِها ڳالهہ وسريو وڃي تہ پٽو وزيراعظر هو جنهن کي ان ڪرسيءَ تان ڪٽي ٻاهران ٻاهران ڦاسيءَ تي لٽڪائي ڇڏيائون ۽ سندس وزارت عظميٰ ۽ سنڌي ماڻهو رڳو اڃي ڪري رهجي ويا) ڇا ايندڙ قومي جدوجهد لاءِ ائين رستو هموار ڪيو آهي-؟

اهو تہ وڏو ڊپ ڏئي سنڌي قوم کي مايوس ڪري گهرن ۾ ويهاري قومي جدوجهد تان هٽ ڪٽائڻ جو آسان طريقو آهي. اسان وٽ مڪيہ تضاد ڪهڙو آهي؟

"ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوڻاءِ".

مڪيہ تضاد:- "پاڪستان جي ماڻهن منجهہ ڪيترائي تضاد ۽ ٽڪر آهن. پر سپ کان وڏو تضاد پاڪستان جي مظلوم قومن سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ ظالم قوميتن، يعني پنجابين ۽ پناهگيرن جي وچ ۾ آهي. اِهو اڃوڪي پاڪستان جو بنيادي ۽ مڪيہ ٽڪر آهي. جيستائين اهو تضاد حل نہ ٿيو آهي، تيستائين حڪومت ايوب جي هجي يا يحييٰ جي، محمد علي جي هجي يا غلام محمد جي، کهڙي جي هجي يا ٻٽي جي، جماعت اسلاميءَ جي هجي يا ڪنوينشن مسلم ليگ جي، اها پارٽ کي بنيادي جمهوريت سڏائي يا اسلامي سوشلسٽ، ڳالهہ ڏري گهٽ ساڳي رهندي"

(ڪتاب صبح ٿيندو- ص63، مصنف رسول بخش پليجو)

ڪيڏي نہ پلي ڳالهہ آهي! پر ڇا اڄ 1986ع ۾ اهو قومي تضاد مڪيہ ٽڪر پليجي صاحب جي خيال ۾ تبديل ٿي ويو آهي-؟ (اسين سمجهون تا تہ اهو تضاد وڌيڪ شديد ٿيو آهي!)

۽ هينئر سندس خيال ۾ 1973ع جي آئين تحت بنيادي جمهوريت جي اشد ضرورت ٿي پئي آهي-! اسين بہ سندس ئي

چيل لفظ ڏهرايون ٿا: "ضياءُ الحق جي حڪومت هجي يا جوٽيجي جي، بينظير جي هجي يا جنرل ٽڪا خان جي، رسول بخش پليجي جي هجي يا ولي خان جي؛ اها پاڻ کي قومي جمهوريت چورائي يا عوامي جمهوريت، آهن "ساڳيا ٽکر ساڳ سان!" ڳالهه ڏري گهٽ ساڳي آهي، ۽ جڏهن اسين اها ساڳوٽي ڳالهه ٿا ڪيون ته هڪدم فتوائون صادر ٿيو وڃن ته ميان ڏسو هي ضياءُ جا حمايتي اٿن. اصل هي چاهين ٿا ته ملڪ ۾ مارشل لا هجي ۽ ضياءُ اڄ وڃي سياٽي ٻيو ڏينهن ٽئي! پر اسان ان سان گڏ سنڌي قوم کي اِهو به ٿا ٻڌايون "ادي مئي ادا ڇائن. اسان اوتري جا اوترا!" ته اصل مرض قومي حقن جي چوٽڪاري لاءِ جدوجهد ڪريون. باقي ضياءُ ويندو ٻيو ايندو، چالیهه سالن کان اِهو سلسلو جاري آهي. ۽ اسان سنڌين کي هر دور ۾ ڏينهيون ڇهٽائي اسان جون مال ملڪيتون ڏاريا ڦُري ويا. ڪنهن به حاڪم انهن تي ٻڙڪ ڪانه ڪيڊي. سيئي حاڪم قوم پنجاب کي خوش ڪندا، اقتدار هلائيندا، پنهنجو وارو وڃائي ويا. اڄ سنڌي قوم لاءِ جيڪو قومي غلاميءَ جو خطرو پيدا ٿيو آهي، سو هن کان اڳ هزارن سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن به اهڙو خطرو درپيش نه آيو هو.

نمبر ٻي ڳالهه ته سنڌ ۾ عام ماڻهن کي اِهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته ضياءُ الحق کي جڙ هيستائين جي. ايم. سيد ۽ اسان گاديءَ تي ويهاريو ويٺا آهيون! اڙي ياءُ، جيڪڏهن هڪ شخص جي اهميت آهي ته پوءِ ضياءَ کي شخصي طرح ڪمانڊر ته پڻي ٺاهيو ۽ نه جي. ايم. سيد. حالانڪ ضياءُ الحق کي ته پنجاب جي قوت ويهاريو ويٺي آهي. اهي جڏهن به کيس لاهيندا ته پوءِ هو اڪيلو پنهنجي مرضيءَ تي هڪ ڏينهن به ويهي نٿو سگهي. اڪيلو ماڻهو پنهنجو ڏهن پاتين جو گهر به نٿو هلائي سگهي، پر اسان جي ماڻهن کي ٻڌايو پيو وڃي ته بس جڙ اڪيلو ضياءُ الحق کا جادوئي ڇڙي ڪٽيو سڄي ملڪ تي ويٺو راج ڪري. پر ائين ڪونهي. کيس سندس گهر جي پاتين پنجاب وارن جو هڪ

ڏينهن ۾ تعاون نہ ملي تہ ڪرهو ڪنن ۾ آگريون وجهي رڙيون ڪري رات وچ ۾ پڄي وڃي. ان ڪري اڪيلو ضياءُ الحق نہ، پر پورو پنجاب اسان تي مارشل لا لڳايو ويٺو آهي.

ان بحث متعلق اسان پليجي صاحب جي هيءَ لکت پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيون ٿا:

آريہ قوم جا درا وڙ قوم تي ظلم،
منگولن جو سڃي دنيا ۾ قتل عام

"ظالم قوم جو ٻچو ٻچو پاڻ کي مظلوم قوم کان اوچو ۽ اعليٰ سمجهڻ لڳي ٿو. پنهنجي قوم جي فائدي کي مظلوم قوم جي فائدن کان برتر سمجهي ٿو. سواءِ ڪن آگرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن جي، ٻيا سڀ شعوري يا لاشعوري طور سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح مظلوم قوم کي پيڙهڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺن ٿا ۽ ان جو عيوضو کنهن نہ کنهن صورت ۾ حاصل ڪن ٿا. مثال طور سنڌي قوم جي زمين ڦٻائڻ ۾ رڳو وڏن پنجابي-مهاجر سرمائيدارن، ڪامورن حصو نہ ورتو آهي، پر هر نندي وڏي غريب ۽ شاهوڪار اردو باز پنهنجي توفيق آهر ڪوڙا ڪليم ٺهرائي يا ڪٽتون ڪٽيو پرايو مال ڦٻائي چڪو آهي ۽ ايڏا ڦٻائي پيو. غريب توڙي شاهوڪار پنجابي ۽ اردو باز پهچ آهر سنڌ جي نوڪرين تي ڏاڙو هٽي ٿو ۽ ون يونٽ جي ساراهہ جا ڊڪ پريا ٿي. سيڪو پاڻ کي اسلامي خلافت جو وارث ۽ سنڌين کي جاهل ۽ گهٽ درجي جي قوم سمجهي ٿو. اخبارون پڙهي ڏسو رسالا پڙهي ڏسو تہ هر پنجابي ۽ اردو باز اردوءَ کي خدا جي خلقيل ۽ آبِ ڪوثر ۾ وهنجاريل، ملائڪن جي زبان ۽ سنڌيءَ کي ڀهراڙيءَ جي جاهلن جي، جاهل ۽ جهنگلي ٻولي سمجهي ٿو. غريب کان غريب، حقير کان حقير، مظلوم کان مظلوم پنجابي ۽ مهاجر پاڻ کي پاڪستان جو اصلي خالق ۽ وارث سمجهي ٿو ۽ سنڌ تي قبضو قدرت جي عين مرضيءَ موجب جائز ۽ لازمي سمجهي ٿو!!!

ڪي نام نهاد ترقي پسند نالي ماتر ڳالهہ مڃين ٿا، پر پوءِ وري ڦرتي ڪائين ٿا. چي: "انهن ۾ اسان جي عوام جو ڏوهہ ڪونهي، سڄو قصور زميندارين ۽ سرمائيداري نظام جو آهي. جڏهن عوام پڌي ڪري

حڪومت جو نظام بدلائيندو تڏهن اهو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو تيستائين هرگز نہ ٿيندو.

اها ڳالهہ ائين آهي جيئن ڪو ويٽنام جي ماڻهن کي سهڻي صلاح ڏئي تہ "بابا اوهين ڏکڻ ويٽنام جي چاڑتا فوجن جي حملن جو مقابلو نہ ڪريو اهي تہ اوهان جا پنهنجا آهن. اوهان جهڙا ئي مظلوم آهن. ويچارا آمريڪي پگهار حلال ڪرڻ لاءِ لاچار ڪٽيو اوهان جا ڳوٺ ساڙين. اوهان جي گهرن کي باهيون ڏين. اوهان جي ٻارن ٻچن جا ڪوس ڪن ۽ اوهان مان جيڪو ملين. تنهن کي اُبتو ٽنگي لٽڪائين. پگهار جي مجبوري نہ هجين ها تہ ائين چو ڪن؟ هنن مسڪينن کي چڏي ڏيو تہ پنهنجو پگهار حلال ڪري ٻچن جو پيٽ قوت پيا ڪن. انهن جي گلا ٻہ نہ ڪريو. سندن نالو ئي نہ وٺو. نڪسن اها ڳالهہ چاهي ٿو تہ اوهين چاڑتا فوج جا دشمن ٿيو ۽ ان جو مقابلو ڪري پاڻ ہر وڙهي مرو. تنهن ڪري نڪسن کي خوش نہ ڪريو. پيا سڙو مرو پچو ٻڙڪ ٻہ ٻاهر متان ڪيو. نہ تہ ويٽنامي عوام ہر قوت پئجي ويندي. نڪسن خوش ٿيندو!"

اسان جي هنن نام نهاد ترقي پسند ۽ خودساخته عوام دوستن جي مرضي آهي تہ جي ڪنهن سنڌيءَ کان کو پنجابي يا پناهگير زميندار کسي. ڪيس بدخل ڪري چڏي. جيڪڏهن کو وڏو پنجابي يا پناهگير عالم فاضل انگريزيءَ کي ڪيڏ جي بهاني اردوءَ کي زوريءَ مڙهڻ جون بچون ڪري. پنجابي-پناهگير ڪامورا سنڌين سان يهودين وارا ظلم ڪن. تہ سنڌين کي ڪپي تہ بدمعاشن کي اکر ٻہ نہ چون. انهن جي شڪايت ئي نہ ڪن. ۽ اهو زمانو اچي تہ سنڌ دشمن دلين ہر ڦيرو اچي ۽ هو سنڌين کي انسان سمجهڻ شروع ڪن-!!

ڇا هن قسم جي ڏٺن ۽ ملان مودوديءَ جي ٻهانن ہر کو ٻہ فرق آهي؟ مُلو مودودي ٻہ تہ اِها ڳالهہ ٿو ڪري تہ هڪڙي مسلمان قوم ٻيءَ کي ڦُري تہ پرواهہ ناهي. تيستائين ماڻ ڪري ويهو جيسين آئون اسلامي خليفو ٿيان. پوءِ ڏسجو منهنجا ڪم. اوهين خدا تي رکي ويچي ويهي رهو هاڻ ڪجندا تہ ڪافر ٿيندا!"

اهڙيءَ ريت ئي پنجابي پناهگير ترقي پسند پنهنجي قوم جي ظلمن تي پردي وجهڻ لاءِ، نهايت نڪ جي ڏاڍائيءَ سان، سنڌين کي زميندارين، سرمائيداري نظام ڏانهن منهن ڏيندا آهن ته "وڃي ان سان صفائي ڪريو اسان جي ماٿهن جو ڏوهه ڪونهي؟"

(صبح ٽيندو-صفحو67 کان 71 تائين)

مصنف رسول بخش پليجو

پليجي جو متي بحث ثابت ٿو ڪري ته "سڄي قوم ظالم ٽيندي آهي"، هاڻي جڏهن ثابت آهي ته سڄي پنجابي قوم ٽي ظلم ڪري ته پوءِ سنڌ واسين کي هينئر ڪيئن ٿو پليجو صاحب اِها لائين وٺرائي ته وارو ڪريو ضياءَ کي لاهيو، پوءِ بينظير اچي يا ولي خان، پوءِ پيڑا پار ٽي ويندا. پي ڳالهه ته جڏهن پنجابي-پناهگير جاگيردار ۽ سرمائيدار کان وٺي پنجابي پناهگير هاري مزدور به پنهنجي متين ٽولن سان گڏجي، سنڌي قوم جي ڦرلٽ ڪري ٿو ۽ پنهنجي حڪمران ٽولن سان ساڻ ۾ آهي! ته پوءِ هاڻ پليجو صاحب اِن پنهنجي ڳالهين ڏريعي ڪيئن سنڌي قوم کي هڙ حاصل ٿو ڪري ڏئي!؟ اهو ته ائين ٽيو ته زميندارين ۽ سرمائيداري نظام کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪو چوي ته "اڇو انهن سان ڳالهيون هوليون ڪري، گڏيل تنظيم ناهي ڪين سمجهائي راهه راست تي آڻيون ۽ کين ايلاز منٽون ڪري ڊپ ڏياري چئون ته مهرباني ڪريو هارين ۽ مزدورن تي ظلم نه ڪريو. نه ته اهي توهان سان وڙهي توهان جي پاڙ پٽي چڏيندا! زميندار ۽ سرمائيدار اها سهڻي صلاح قبول ڪري ونندا ته واقعي ايڏو ظلم ٺيڪ نه آهي: هروپرو ڏڇو ٽيندو! جو زميندار هارين کي چوندا: ٻچا، اسان هاڻي ڳالهه سمجهي آهي، هرڪو ٻچڙيوال آهي، خدا خبر ناهي ته ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي، خدا ڏاڍي سرڪار آهي، هتي ٿورڙا مرندا، هر ڪنهن کي پنهنجي ڏوهن ۽ گناهن جا ڪتابچه هتن ۾ هوندا، اسان کي به مري جواب ڏيڻو آهي، سو اسان ظلم تان هٽ تا ڪٽون، هي زمينون، باغ باغيچا هاڻي توهان جي ملڪ آهن، بس "جيڪو ڪيڙي، سو ڪائي!" اسان بٽئي وغيره ڪجهه نه ونڊاسون-!"

اهڙيءَ طرح سرمائيدار ۽ پنهنجي ڪروڙين رپين جي ڪارخانن تان دستبردار ٿي ۽ ڪارخانا مزدورن جي حوالي ڪري چڏيندا. سو پليجو ۽ چوي ٿو ته پنجاب وارن سان گڏجي انهن کي سمجهائي، ٽڏو ڪري سنڌي قوم جو ڊپ ڏئي ٿو ڪم ڪيان. ته ادا مهرباني ڪريو سنڌي قوم سان سولا ٿي هلو جي نه ته پوءِ سنڌي سڀ توهان جي خلاف اُٿي ڪڑا ٿيندا. ۽ پليجي صاحب جي ان تبليغ ۽ ڊيڄارڻ تي آهستي آهستي ڪري اربين روپين جون عمارتون، ڪارخانا ۽ لکها ايڪڙ سنڌ جي ڦٻايل زرخيز زمين سنڌين جي حوالي ڪري لکن جي تعداد ۾ پنهنجا ماڻهو وٺي سنڌ خالي ڪري هليا ويندا. ۽ هي قومي جبر جي اونداهي رات، روشن صبح ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ قومي تضاد حل ٿي ويندو! اهڙا انقلابي آثار شايد پليجو صاحب هاٿي ڏسي پيو ۽ تاريخ ۾ پاڻ هي نئون نرالو سائنسي سوشلزم جو واڌارو پيو ڪري۔!!!

پليجي صاحب جي انهن ورن وکڙن، گهُٽن ۽ گوهين جي ڪري ويچارن ورڪرن ۾ جيڪي مونجهارا پيدا ٿيا آهن، تن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ انهن کي سمجهايو پيو وڃي: بابا پليجو صاحب ٿوروئي پنجاب وٽ پيش پيو آهي، جس آهي هن ڌاهي جي ڏانوَ ۽ ڏاهپ کي، جو پنجابين کي نيٺ پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي ۽ پنجاب ئي سندس ڳالهيون قبول ڪيون آهن.

1973ع ۾ پليجي صاحب پنجابي-پناهگيرن جي موقع پرستيءَ تي لکيو هو:

> "مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تنگ جي اصولن تي هلڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارن جو اهو فرض هو ته هو پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ ۽ ٻين مظلوم قوميتن جي حقن جي حمايت ۾ جدوجهد هلائين ها. لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي هولي ۽ قوميت جي حقن غصب ٿيڻ خلاف مظاهرا ڪرائين ها. لکين انصاف پسند مهاجر ۽ پنجابي رهبر، ڪارڪن، مزدور ۽ عوام مطالبو ڪن ها ته

سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ قومن کي ون يونٽ جي زنجيرن مان آزاد ڪيو وڃي. لائلپور راولپنڈي، سيالڪوٽ ۽ ڪراچيءَ جا ترقي پسند اعلان ڪن ها تہ اسان جون قومون ظلم ٿيون ڪن! پوءِ مجبي ها تہ برابر پنجابي ۽ مهاجر ترقي پسند، واقعي ترقي پسند مارڪسي اصولن جا علمبردار آهن. لينن جا صحي پيرو آهن. استالن ۽ مائوزي تنگ جا سچا مبلغ".

(صبح ٿيندو۔ ص 80۔81)

اڳ جي تاريخ ڇڏيو. پر 1973ع کان وٺي هن دور تائين ڪهڙي قومي مسئلي تي پنجابي-پناهگير مظلوم قومن سان ساڻ ۾ بيٺا آهن ۽ جدوجهد هلائي اٿن. بلوچن جي قتل عام تي يا بلوچن ۽ پٺاڻن جون حڪومتون ڌهڙ تي، پٽي جي حڪومت ڌهڙ تي يا اُن جي ڦاسيءَ کائڻ تي. 1983ع جي سنڌي ماڻهن جي قتل عام تي يا سنڌ ۾ نوآبادڪاري، نوڪرين ۽ بين قومي مسئلن تي جدوجهد هلائي مظاهرا ۽ جلسا جلوس ڪري مظلوم قومن سان اتحاد ۽ انصاف جو مظاهرو ڪيو اٿن، جنهن جو پليجو صاحب هڪڙو بہ مثال ڏئي وڏي فخر سان پنهنجي ورڪرن کي سمجهائي تہ ڏسو تہ مون واري تنقيد نيٺ هلي وڃي هنڌ ڪيو ۽ اها ڳالهہ پنجابين-پناهگيرن قبول ڪندي، ان جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو آهي، ان ڪري آئون پنجابي-پناهگيرن جي مفادن جي رکواليءَ جي سازش ڪري، انهن جي مقصدن لاءِ استعمال ڪين پيو ٿيان، پر هو اڃڪتي وڏي آيا آهن!

اصل صورتحال تہ ان جي بلڪل اُبتڙ آهي، باقي سادن ۽ اپوجهہ ورڪرن کي آخر ڪيستائين اونداهيءَ ۾ رکندا ۽ اهي ڳالهيون ٻڌائيندا تہ پنجاب ڏڃي اچي پليجي جو پاسو ورتو آهي، جڏهن تہ سچ هيءَ آهي تہ پنجاب جي طاقت ۽ بالادستي متعلق، ان جي خواهش ۽ مرضيءَ تي حڪومتون ۽ چهرا تبديل ٿيڻ متعلق سنڌ ۾ مال جو ڏنار بہ پچڻ تي اهو ٻڌائيندو تہ ادا. پنجاب جيئن چاهي تيئن ٿيندو.

پاڪستان جي چاليهن سالن جي تاريخ ۾ اهو هڏائي ٿي ته پنجاب هر دور ۾ پنهنجي مفادن وٽان حڪمت عملي جوڙي. ڪڏهن مارشل لا لڳائي پنهنجي بالادستي قائم رکي آهي ته ڪڏهن ڪنوينشن ليگ. ڪڏهن پ پ ته ڪڏهن مسلم ليگ جي نالي ۾ پنهنجي من جون مرادون پوريون ڪيون آهن ۽ پنهنجي پسند جي جمهوريت جو ڍونگ رچايو اٿس. اسان جي سنڌ جا اقتدار ماڻڻ واري خواهش رکندڙ سنوان سڌا وڏيرا ۽ ٻيا نقلي نالي جا انقلابي وڏيرا پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي قوم جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻي، سنڌ جي قومي حقن تان هٿ کڻي، سنڌي قوم تي ٽيندڙ دشمن جي حملن ۽ هلائن کان اکيون ٻوٽي، پنجاب کي پنهنجي هوشيارين ۽ حرام پڻن جا طرح طرح جا ترڪتال ۽ تماشا ڏيکارينداآهن. سنڌ جي هنن غدارن جي ڏکڻي لائين پنجاب جي آن داتا اقتدار واري درگاهه جي در تي نظر ڪپايو بيٺي هوندي آهي ته ڪڏهن ٿو ان درگاهه جي در مان "جي. ايڇ. ڪيو" جو پير راضي ٿي، رحم جي نظر ڪري ڪو اقتدار وارو سٽيو ٽڪر اُڇلائي ڏئي. پوءِ اهو جنرل هيڊڪوارٽر تي چڙيل آهي ته هو ان اقتدار جي انتظار ۾ واجهائيندڙ غلامن جي لائين مان ڪنهن کي ٻُڇڪاري ۽ چپڻي وجائي اشارو ڪري پاڻ ڏانهن ٿو گهرائي ۽ ٻين کي ايا انتظار جون گهڙيون گذارڻ جي آسري ۾ اميدوار ٿو رکي. اِها ٻي ڳالهه آهي ته هيءَ سنڌي چوٽي موجب "نالو وڏو ڳوٺ سجو" نلهو نالي ۾ نهال هوندا آهن. اصل طاقت ۽ فيصلن جو اختيار وري به پنجاب وٽ ئي هوندو آهي. هيءَ غلام قوم جا گڏا رڳو ڏيکارڻ جون مورتيون هونديون آهن. يا سرگس جا شينهن. جيڪي جهيڪ جي ٽڪاءَ تي چار ئي پير استول تي رکيو بيٺا هوندا آهن. هنن کي وقت تي گوشت ملندو آهي ۽ هنن کي جهنبي واري کارا هو انهن هُشين ۾ خوش هوندا آهن. باقي وڏيڪ ڪجهه کين ڪري سگهندا آهن.

هنن کان سنڌن غير سنڌي سيڪريٽري سنڌ جي ضلعن جا غير سنڌي ڊي سي، ايس پي وڏيڪ اختيارن جا مالڪ ۽ حڪمران

هوندا آهن. اُهي هنن کي جاهل، آگوٽي چاپ ۽ بي عقل سنڌي وڌيرا سمجهي نفرت ڪندا آهن ۽ مهل موقع تي ڪمن ڪارين ۾ سندن تذليل به پيا ڪندا آهن. اهي آفيسر ان ۾ به ناراض هوندا آهن ته ڪو سنڌي ايم پي اي يا وزير متن حڪم هلائي. ان لاءِ هو سنڌين سڌي پنهنجي حڪومت چاهيندا آهن. باقي بين ملڪي قومي فيصلن يا حڪمت عملين جوڙائڻ وغيره بابت هنن کان پڇڻ ته پري رهيو پر انهن اهم فيصلن بابت هنن کي ڪُڙڪ به ڪانه ڏني ويندي آهي؛ ۽ هي الله لوڪ نه پر پنجاب لوڪ رب جي رضا تي نه پر پنجاب جي رضا تي راضي رهڻ وارا مِئي به ماڻ ته مُئي به ماڻ ڪيو نوڪري بچائڻ لاءِ پيا جتن ڪندا آهن ته متان جهنڊي واري ڪار نه ڪسجي وڃي!

پٽي صاحب لاءِ چيو ٿو وڃي ته هو تمام بهادر پنهنجي ڪرڻ وارو وزيراعظم هو. پٽي صاحب جي سڀني جي دوري دوران ڪانئس اُتي جي هڪ صحافيءَ پڇيو ته معزز وزيراعظم توهان بنگال ۾ ٽيل قتل عام بابت ويهاريل ڪميشن جي رپورٽ ڇو نٿا شايع ڪرايو تنهن تي پٽي صاحب جواب ڏنو ته هُن اها رپورٽ پنهنجي چيف آف اسٽاف (ان وقت جي جنرل ٽڪا خان) کي ڏيکاري. جيڪو ان جي شايع ڪرڻ جي حق ۾ نه هوا اِها ڳالهه ماٿي يحييٰ بختيار جي بيان کان پوءِ جنرل ٽڪا خان به قبول ڪئي آهي ۽ سيني اخبارن ۾ ڇپي آهي. سپريم ڪورٽ ۾ پٽي صاحب جا بيان به ان ڳالهه جا ثبوت آهن. جنهن مان لڳي ٿو ته پٽي جهڙي ماڻهوءَ کي جنرلن جي پاليسيءَ جي ها ۾ ها ملائڻي پئي هئي.

1983ع جي تحريڪ کان پوءِ بينظير صاحبه کي 70 ڪلفٽن تان لندن روانو ڪيو ويو. ان بابت جڏهن ملڪ جي بااثر وزير داخله محمود هارون کان اخبار وارن پڇيو ته هو ان باري ۾ ڪجهه ٻڌائي. ته هن چيو هو ته بينظير جي روانگيءَ بابت آخر تائين هن کي ڪا به خبر نه آهي ۽ هن کي به ايتري خبر آهي جيتري پاڪستان جي بين ماڻهن کي. ته بينظير پاڪستان مان لندن هلي وئي!

هڪ پيري ٽنڊي محمد خان جي ڳالهه آهي، جتي سيني رٽائرڊ جنرلن جون زمينون آهن، اُتي سنڌ جو شاعر ابراهيم منشي رهندو آهي، هن جو ٽر جي وڏيري خالق سومري سان ٻنين جو جهيڑو هلندڙ هو. پهرين پ پ جي دور ۾ انهيءَ وڏيري ٽي سال جيل ڪاريايس. منشيءَ ڏنو ته مارشل لا لڳو آهي، ڪو وڏيري سان پلاند ڪريان، سو ورتائين وزير دفاع مير علي احمد جو پاسو ۽ هن جي هڪ اڏ دعوت ڪيائين، خيال هوس ته اجهو ٽو وڏيري عبدالخالق کي سڏو ڪريان، پر خبر ٽڏهن پيس ته تر جي صوبيدار وزيردفاع جي فون کي پڇيو به نه. چيائين ته خالق سومرو جنرلن جو ماڻهو آهي، فضل حق کي ڪير پهچندو؟ ياد رهي ته گورنر فضل حق جي ياءِ وڄي زمين ٽنڊي محمد خان ۾ ورتي آهي. ڏري گهٽ منشي ٻڌو هو ٽڏو ٽي جان ڇڏايائين.

بهرحال، اسان جي مير صاحب جو مثال وٺو. فوجين پنجاب جي ڪري سنڌي قوم ۽ عوام وٽ ڏنو به ٽيو؟ ۽ سرڪار ساٽس اهڙي وفاداري ڪئي، جو پنهنجو ٻيو مهرو قاضي عابد اليڪشن ۾ سندس سامهون بيهاري مير صاحب جا پاتيا ڪيڊي ڇڏيائون! نه ته مير به سرڪار جو ماڻهو عابد به سرڪار جو ماڻهو. جيڪڏهن قاضي عابد کي ڪو جنرل گهرائي هدايت ڪري ها ته بابا، مير صاحب اسان جو پراڻو وفادار آهي، هن ڏکئي وقت ۾ اسان جو ساٿ ڏنو آهي، ان ڪري تون هٽ ڪٽي ڇڏ، مير جو مقابلو نه ڪر؛ ته پوءِ قاضي صاحب جنرلن جي حڪم جي انحرافي ڪري به مير جو مقابلو ڪري ها ته اِهو ناممڪن هو. سو ائين وقت تي اسان جي مير صاحب کي خوب استعمال ڪري گهر ويهاري ڇڏيائونس! اهو به پلو ٽيو جي نه ته اسان جي ٻڌي صاحب جو به پنجاب تي وڏو نازو هو. هر ڪنهن سنڌيءَ کان چورايو ويو ته ادا، شاباس پنجاب کي هجي، جنهن هڪ سنڌي ليڊر کي پنهنجو ليڊر چونڊيو آهي ۽ ڪيس حڪومت به ڏني آهي. سو شاباس واقعي انهن کي ڏيڻ گهرجي، جو ٻڌي جهڙي عقلمند ماڻهوءَ کان اقتدار جي آسري ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪڌا ڪم

ڪرائي ويا. هن کي ليڊر ٺاهي وٺائس اهو چورايائون ته جيڪو ميمبر ڏاڪا ۾ گهرايل قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ويندو ان جو ٽنگون ڀڳيون ويندیون.

وري جڏهن بنگال ۾ فوجي آپريشن شروع ٿيو ته ڏاڪا مان واپسيءَ تي ڪراچي ايئرپورٽ تي وٺائس چورايائون ته شڪر آهي، جو "پاڪستان بچي ويو!" اڄا اڳتي هلي، ڪيس يحييٰ خان جو نائب وزيراعظم جو درجو ڏئي اقوام متحده جي اجلاس ۾ موڪليائون. جتي بنگال ۾ ٽيندڙ قتل عام ۽ آزاديءَ تي بحث هلي رهيو هو. ان تي پوليندڙ هڪ مصالحتي قرارداد پيش ڪئي. جنهن کي پٽي صاحب ٽاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اڇلائي ڇڏيو. نيٺ بنگال وڏي خونريزيءَ کان پوءِ آزاد ٿي ويو. پاڪستاني فوجن، جنرل نيازيءَ جي قيادت ۾ هندستاني جنرل اروڙا جي اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا. 95 هزار فوجي جنگي قيدي ٿيا. پنجاب جي سرحد وٽان ڪيترا ميل پاڪستاني علاقي تي هندستان قبضو ڪري ويو ان ۾ پنجابي فوج سڄي دنيا ۾ ذليل خوار ٿي. هڪڙي ٽڪي جي ٿي وئي. انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جنرلن منهن جي پڪائي ڪري يحييٰ کي گهر اُماٽيو ۽ پٽي کي اقوام متحده مان گهرائي ملڪ جو پهريون سول مارشل لا ايڈمنسٽريٽر ٺاهي ڪٽي ڪرسيءَ تي وهاريائونس. نيٺ پاڻ وزيراعظم ٿيو. هندستان سان مذاڪرات ٿيا. قبضي هيٺ آيل علائقا واپس ٿيا، 95 هزار جنگي قيدي فاتحانه انداز سان واپس ٿيا، فوج جو وقار بحال ٿيو. 1973ع جو آئين ٺهيو. قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويو. پٽي جي هٿان بلوچستان سرحد جون حڪومتون ڏاهرايون ويون. پٽي هٿان بلوچستان تي فوجي آپريشن ڪرايو ويو. اهڙيءَ طرح مظلوم برادر قومن ۾ غلط فهميون پيدا ڪرايون ويون.

پٽي صاحب کان اهي سيئي ڪم وٺڻ بعد پنجاب وارن پنهنجي ڏڳهي رسيءَ کي سيرٽ شروع ڪيو. ان جي انتها اتي ٿي، جو ڪراچي ۽ لاهور ۾ ٻه چار هنگاما ڪرائي ڪٽي پٽي کي قابو ڪيو ويو. پٽي کي

لاهڻ کان اڳ ۾ جنرل صاحبان آخري ڏينهن تائين پٽي کي اهو تاثر ڏيندا رهيا تہ هو سائٽس وفادار آهن. ان وفاداريءَ جي ڪن پرڻ ۾ برين بحري ۽ هوائي فوج جي سپريمو طرفان پٽي جي حمايت ۾ آخري وقت تائين سائٽس هر حالت ۾ وفاداري نيائڻ جا بيان جاري ٿيندا رهيا. جنهن تي يقين ڪندي پٽي صاحب پنهنجي آخري تقرير ۾ ڪرسيءَ تي هٿ هٽي چيو هو: "مان ڪمزور آهيان. ليڪن منهنجي ڪرسي مضبوط آهي". سندن مضبوط ڪرسيءَ تان لاهي، ڪمزور پٽي کي تخت دار تي لٽڪايو ويو. پٽي جي پويان سندس خاندان سان جيڪي ويل وهايا ويا، سي بہ ڪنهن کان ڳجها ڪونهن.

سندي ماڻهن سان جيڪي عقوبتون ٿيون آهن، سي بہ ڪنهن کان ڳجهيون ڪونهن. پر پٽي جي ڌيءَ بي بي بينظير پنجاب جي چاهت ۾ چري آهي ۽ اقتدار جي انڊ ۾ ماضيءَ جي تاريخ کان منهن موڙي گذريل سيئي ڏوهہ ثواب، ڏک عذاب وساري ڇڏيا اٿس. ايتري حد تائين ڪٽي اکيون پوريون اٿس، جو چوي ٿي تہ آڻون سنڌي ڪونہ آهيان. سنڌي هجان ها تہ يا جي. ايم. سيد سان گڏ هجان ها يا فرنٽ ۾ ممتاز سان هجان ها، پر آڻون تہ پاڪستاني آهيان!

اسان ارها ڪين آهيون. سياڻي ئي بي بي صاحبہ کي اقتدار ملي، اسان جون اکيون ٽڙيون، پر اها مضبوط ڪرسي غلام سنڌي قوم جي فردن لاءِ ڏاڍي مايوسي، خواري ۽ تباهيءَ جو سبب بنبي رهي آهي، پر اهو ڪرسيءَ وارو لاهڻ ۽ چاڙهڻ اسان جي تہ وس ۾ ڪونهي. اهو پاور پنجاب وارن وٽ آهي، ڏسو تہ:

"پنجاب شينهن شير خدا جو آهي، مرضي پويس تہ آنا ڏي، مرضي پويس تہ ڇڏا ڏي".

مجيب سڄي پاڪستان ۾ وڏي شاندار اڪثريت سان ڪٽي آيو. پنجاب کي اقتدار ڪنهن بہ صورت ۾ مجيب کي ڏيڻو ڪين هو سو نہ ڏنائونس. سندس پنجٽيهہ لک بنگالي ماري ڇڏيائون. پاڪستان ٻہ ٽڪر ٿي ويو، پر اقتدار بنگالين کي نہ ڏيڻو هو سو نہ ڏنائون.

اِهي ته چند تازا مثال هئا، پر ماضيءَ جي تاريخ تي به نظر وجهبي ته پاڪستان وجود ۾ اچڻ کان وٺي سنڌ پنهنجي خودمختياريءَ کان محروم رهي آهي. سنڌ سان جيڪو رويو رکيو ويو آهي، سو هڪ بينڪيت وارو رويو آهي. سنڌي سياستدانن تي فيصلا مڙهڻ وقت پنجاب وڏي تشدد، بي رحمي ۽ بيدرديءَ کان ڪم ورتو آهي. ان جو داستان به عجيب و غريب ۽ اعتبار کرڻ کان ٻاهر آهي.

سنڌ اسيمبليءَ جي ايوب کهڙي لاءِ واضح حمايت جي باوجود مرڪزي حڪومت پنهنجي هڪ ايجنٽ سر غلام حسين کي سنڌ جو وزير اعليٰ بنايو. ان کان پوءِ غلام حسين هدايت الله کي گورنر مقرر ڪري کهڙي کي وزيراعليٰ بنايو ويو ۽ مرڪزي حڪومت کهڙي تي زور پريو ته هو هندو مسلم فساد ڪرائي هندن کي سنڌ مان ڪيڙ ۽ مهاجرن کي سنڌ ۾ آڻڻ جا دروازا کولي. کهڙي صاحب جڏهن ان سازش ۾ هٿ ونڊائڻ کان انڪار ڪيو ۽ پناهگيرن ۽ پنجاب جي سازش سان ٽينڊڙ فسادن ۾ ڏميدارن کي سزائون ڏنيون ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته مرڪزي حڪومت کيس ڊسمس ڪري جيل ۾ وڌو ۽ پنهنجي هڪ دلال پير الاهي بخش کي غير قانوني طور منسٽر بنايو جيڪو 1948ع ۾ سنڌين جي تمام وڏي ۽ اهم شهر ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ لاءِ راضي ٽيو ۽ ڪراچيءَ کي مرڪزي دارالخلافہ جو علائقو قرار ڏنو ويو.

"چوندا آهن بچڙو ڪم ڪرائجي ڏيڍ کان! انهيءَ ڏينهن کان ئي ڪراچيءَ مان سنڌين جون پاڙون پٽجڻ شروع ٽيون. الاهي بخش جڏهن اهو گندو ڪم ڪري چڪو ته عدالت آسانيءَ سان سندس تقرر کي غير قانوني ٺهرايو ۽ هن کي بچڙو ڪري لاٽو ويو. وري مرڪزي حڪومت يوسف هارون کي، جيڪو ان وقت سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به نہ هو تنهن کي چيف منسٽر بنايو. جلدي ان جي جڳهہ تي قاضي فضل الله کي چيف منسٽر بنايو ويو. وري کهڙي کي آندو ويو ۽ جلدي ۾ ان کي ڊسمس ڪيو ويو.

انهيءَ سڄي عمل ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊيل نمائندن ۽ سنڌي عوام کان ڪابه راءِ نه ورتي وئي. ان کان پوءِ جلدي مرڪزي حڪومت سنڌ تي گورنر رول لاڳو ڪيو ۽ پنجابي وڪيل دين محمد کي گورنر بنايو. پوءِ جڏهن مرڪز کي مير غلام علي تالپر جي شخصيت ۾ هٿ جي رانديڪي جهڙو اميدوار هٿ آيو ته گورنر رول هٽايو ويو. پر جڏهن مير غلام علي مرڪزي حڪومت جي خطرناڪ ۽ ڪلم ڪلا سنڌ دشمن منصوبن جي مخالفت ڪئي ته هن کي به لاٽو ويو. تنهن کان پوءِ غير معمولي حالتن ۾ مرڪزي وزير پيرزادي عبدالستار کي چيف منسٽر بنايو ويو. ان وقت تائين پاڪستان جي پنجابي حڪمرانن جا ملڪ تي ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ ۽ سنڌ جو تشخص ختم ڪرڻ جا ارادا واضح ٿي چڪا هئا.

پيرزادي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ اهڙا بل ۽ قراردادون پاس ڪيون ويون، جن ۾ ڪراچي سنڌ کي موڪلائي ڏيڻ ۽ سنڌين جي قومي حقن جي بچاءَ جا مطالبا شامل هئا. هن سنڌ جون زمينون فوجي آفيسرن کي ڏيڻ جي مخالفت ڪئي ۽ به وڏا ايريگيشن جا منصوبا تيار ڪيا. سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي ورثي تي تحقيق ڪندڙ ادارن لاءِ فنڊ مهيا ڪيا ۽ ون يونٽ جي خيال جي متعلق اعنان اختيارن جي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ووٽ ڏنو. اهو سڀ مرڪزي حڪومت جو مٿس عذاب نازل ڪرڻ لاءِ ڪافي هو سو پيرزادي کي به ڊسمس ڪيو ويو. مرڪزي حڪومت سنڌ جي تشخص ختم ڪرڻ واري منصوبي "ون يونٽ" کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ دفعو وري کهڙي جون خدمتون حاصل ڪيون، جنهن کي اڳ ۾ به دفعا ڊسمس ڪري جيل ۾ وڌو ويو هو ۽ ڪنهن به سياسي عهدي حاصل ڪرڻ جي مٿس بندش وڌي وئي هئي، پر هن دفعي کهڙي مرڪزي حڪومت جي دلال جي حيثيت ۾ چارج سنيالي ۽ ڏنڊي بازيءَ کان ڪم ورتو. اغوا، جيل ۽ نااهليءَ جا ڊپ ڏئي، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کان زبردستي ون يونٽ جو بل پاس ڪرايو.

اهڙي نموني 1955ع ۾ ون يونٽ جي منصوبي تحت ٻين سان گڏ سنڌ جو تشخص به ختم ڪيو ويو. ايتري حد تائين سخٽيءَ کان ڪم ورتو ويو جو پوسٽ ڪاتي کي اهڙا حڪم ڏنا ويا، ته ڪو به اهڙو خط جنهن ۾ڪان سنڌ جو لفظ لکيل هجي ته اهو نه پهچايو وڃي. ايوب جي مارشل لا ۾ پنجابين ۽ خود ڪجهه سنڌي اڳواڻن کي يقين ٿي ويو ته سنڌي هميشه لاءِ ختم ٿي ويا.

سنڌ جي اڪائونٽ منجهان 33 ڪروڙ روپيا اضافي پنجاب جي 100 ڪروڙ ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا. ساڍن 15 سالن جي وڏندڙ نابرابريءَ قومن جي وچ ۾ تلخين ۽ اختلافن، خاص ڪري بنگالين، بلوچن، سنڌين ۽ پختونن جي ڏاڍاءَ تحت ون يونٽ کي 1970ع ۾ ٽوڙيو ويو ۽ صوبا وجود ۾ آيا. پر ون يونٽ ۾ جيڪو نقصان ٿيو هو اهو اُتي ئي رهيو. مرڪز ۾ اختيار نه هڻڻ ۽ صوبي لاءِ ڪنهن به قسم جي خودمختياري نه هجڻ ڪري سنڌي سياسي طرح شديد ڏاڍاءَ ۾ رهيا آهن. روزمره جي معاملن ۾ سرڪاري آفيسرن سان لهه وچڑ ۾ سندن تذليل ٿيندي رهي آهي.

ون يونٽ ٽٽڻ وقت هٿ ڪيل اعداد شمار مطابق 1955ع کان وٺي 1970ع تائين ڪراچيءَ کي ڇڏي، اندرون سنڌ ۾ 184 ايس پي ۽ ڊي آءِ جيز جي تقرريءَ مان صرف 53 سنڌي هئا ۽ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي 150 تقررين مان فقط 41 سنڌي هئا. ڪراچيءَ ۾ ڪو به سنڌي آفيسر انهيءَ سينيئر پوزيشن تي مقرر نه ڪيو ويو. غير سنڌي آفيسرن جي بي حسي ۽ سنڌي ماڻهن کان نفرت، سنڌين سان اجنبي ۽ غلام آباديءَ واري هلت، سنڌ لاءِ هاڃيڪار صورتحال پيدا ڪئي آهي. پليجو پارٽي ان سڄي تاريخي صورتحال کان ڪيئن ٿا اکيون ٻوٽيو اهو چون ته، هاڻي پنجاب پليجي سان ڳالهايو آهي. تنهن ڪري سڀ ٺيڪ ٿي ويو آهي! پنجاب پنهنجي غرضن ۽ مفادن لاءِ هر ڪنهن سان ڳالهائيندو. هن کهڙي، پٽي، مير علي احمد سان به ڳالهايو هو، هو پليجي، بينظير سان به ڳالهائيندو ڳالهائي رهيو آهي. پر اسان جي هنن ليڊرن کي پنهنجي تاريخ وساريڙ نه ڪپي. سنڌي قوم تباهيءَ جي

ڪناري تي پهچي چڪي آهي. ان کي بچائڻ، آڻت ڏيڻ ته ٺهيو پر اقتدار جي هوس ۾ ان کي وڏيڪ تباهه، مايوس ۽ رسوا ڪري دنيا ۾ ذليل خوار نه ڪيو وڃي. سنڌي قوم ۾ هاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه رهيو آهي. ان ڪري خدارا! سنڌي قوم تي رحم ڪريو!! نه ته تاريخ اِهو ڏوهه توهان کي ڪڏهن معاف نه ڪندي ۽ توهان سان پڻ اهو حشر ٿيندو جيڪو قاضي قاضن ۽ سندس ڪٽنب جو ٿيو هو.

بحث جو مقصد

مٿئين بحث پيش ڪرڻ جو بنيادي مقصد اِهو آهي ته سنڌ جا باشعور سياسي ڪارڪن، هاري ورڪر، شاگرد، دانشور ۽ ٻيا سڀئي سنڌي ماڻهو سنڌ خواهه پاڪستان اندر ٿيندڙ هن راهن رستن جي سياست کي سمجهن، جنهن مان هڪڙي سياست جمهوريت، آئين، قانون ۽ انصاف جي چلڪندڙ پوش ۾ پنجاب جي بالادستيءَ کي وڏيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ مختلف پارٽيون، گروهه ۽ فرد ڪري رهيا آهن: ۽ ٻي سياست آهي سنڌي قوم خواهه ٻين مظلوم قومن جي سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ قومي حقن جي حاصلات، اِهائي سياست اسان غلام سنڌي ماڻهن جي چونڪاري جي سياست آهي، باقي نام نهاد جمهوريت جي نالي ۾ پنجاب جي بالادستيءَ واري سياست مان اسان سنڌين کي ڪجهه به نصيب ڪين ٿيندو.

۽ ٻُلهن ڪوڪلن نمرن، جذباتي جلوسن ۽ ڏانسن ۾ پنهنجي سيڪجهه وڃائي چڪا آهيون، باقي رهيل هڙ به پوري ڪري ڇڏيندا سين: پوءِ "پنهنجي وڊيءَ جو نه ويڄ نه طبيب!"

ته پوءِ ڇو نه اسان سڀني سنڌي ماڻهن کي سمجهايون ته هو پنهنجي ۽ پرائي سياست ۾ تميز ڪن. سنڌ جي آئيندي لاءِ ڪجهه سوچين، پنهنجي ڏکن ڏولاون جي دائمي ۽ مستقل علاج لاءِ ۽ پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ ڪجهه سوچين. انهن منافق، مڪار، چالاڪ، چالباز پارٽين، گروهن ۽ فردن کي سمجهن ۽ سڃاڻن، انهن کي ڏور ڏڪارين ۽ انهن کان نفرت ڪن، جيڪي اقتدار جي لالچ ۾ سنڌي

قوم جي تباهيءَ جو سبب بنيا آهن ۽ باقي رهيل ڪسر پوري ڪرڻ جي پويان آهن. سنڌي ماڻهو سڃاڻ ٿي. هڪڙي طرف اهڙن لالچين جي لوڌ کي پليون ته ٻئي طرف سنڌ جي سياست، مظلوم قومن جي حقن جي سياست ڪندڙ پارٽين، گروهن ۽ فردن جي مڙسيءَ، بهادريءَ، حق تي ٻڌل قومي آزاديءَ ۽ انصاف پسنديءَ وارين جماعتن، ٽولن ۽ فردن جي هڙان وڙان مدد ڪري، انهن جي حمايت، حوصلي افزائي ۽ همدرديءَ کان ۽ قومي سياست ڪندڙ هر ماڻهوءَ کي پاڻ مان ۽ پنهنجو ڪري سمجهن.

پوروٽيو

مددي ڪتاب رسالاءِ اخبارون

ڪتاب صبح ٿيندو:	رسول بخش پليجو
ڏراڙن جا ڏڪ:	" "
واٽون ويهه ٿيون:	" " خطءِ جواب
تحريڪ رسالا:	" "
سنڌو ديش چوءِ چا لاءِ:	جي ايم سيد
هاڻ پاڪستان ٽٽڻ گهرجي	"
ماهوار پاڪستان فورم:	ڊاڪٽر فيروز احمد
متيءَ هاڻا ماڻهو:	فرانز فينن ـ ترجمو عبدالواحد آريسر

روزانہ اخبارون: هلال پاڪستان ڪراچي، جنگ، امن، نواءِ وقت ڪراچي، عبرت حيدرآباد

بظاهر پليجي وارين حرفتن ۾ هيراڦيرين بابت صوفي صاحب جو پيش ٿيل هي مواد سنڌ جي قومي سياست جو ڪيس آهي. جنهن ۾ صرف نالا تبديل ڪرڻ سان ڪيترن ئي پليجي واري انداز ۾ ڪم ڪندڙ اڳواڻن جا چهرا نظر اچڻ لڳندا. ضرورت رڳو ان ڳالهه جي آهي ته قومي سياست ڪندڙ ورڪر اڳواڻن بابت اڳوات طئ ٿيل (ڪرايل) جملي بازي، تمام وڏو قابل، هوشيار، دانا، وڏو جاڻو، ڏاهو، جهڙن جملن وارا اکين تي چڙهيل ڪوپا ۾ دلين تي چڙهيل ڏندڻ لاهي سنجيدگيءَ سان انهن ليڊرن جي ماضي ۾ حال بابت ويچارين. رڳو بدل ٿيل معروضي حالتن وارن مفروضن تي لڳي پنهنجي سموري قرباني ٻين جي حوالي نه ڪندا رهن. اهو به نه وساريو ڪهڙجي ته رڳو ڪنهن جي هوشيار هئڻ وارن حوالن سان مقصد حاصل ٿيڻ مشڪل آهي. سنجيدگيءَ واري نظر نه رکڻ ۾ اڌارن ۾ تنقيد واري مضبوط عمل جي نه هئڻ واري نتيجي ۾ ليڊرن واري اها ڏاهپ ۾ هوشيارپ جماعت ۾ مجموعي طور قوم لاءِ نقصانڪار به ٿي سگهي ٿي.

هن مواد جي حوالي سان پليجو بظاهر هڪ سينيئر آهي. غور ڪري ڏسبو ته مٿي ذڪر ڪيل روين ۾ عملن واري روشنيءَ ۾ اهڙا ڪيترائي ٻيا به فرد نظر ايندا. بس اهو سنڌ جي سياست جو هڪ رجحان آهي. جنهن جي نڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. ان مرض کان صرف تڏهن ئي بچي سگهجي ٿو. جڏهن ڪارڪن خود غرضي کي ڇڏي، بلند اخلاق ۾ باشعور ٿي جدوجهد ڪري. پنهنجي ايماندارائي عمل سان عوام کي پنهنجي پنهنجي جماعت ڏانهن متوجه ڪرائي سگهن.

صوفي صاحب جي هن ڪتاب ۾ اُن حوالي سان ڪيترو ئي سبق آموز مواد پيش ٿيل آهي. جنهن مان، بغير سينئر، جونيئر ۾ پارٽي فرق جي احسان سپني کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

آزاد قاضي

naeem jeewali

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.